سيئي پڳيون سين حدون

کلام

فقير سرڪار مهدي مولا

شارح

مخدوم فقير سيد سمر علي

سائين جهانيه

مرتب

فقير همراز علي (منگتو)

بسم اللہ الرحمن الرحیم

رفتم بسیر دریا ، دیدم عجب تماشہ

دریا درونی کشتی، کشتی درونی دریاھہ

"I went out for a sea side trip and saw a wonderful sight, the boat within the sea, & the sea within the boat"

Here the un limited existence is compared to a sea, & the limited existence to a boat, it is refference to the divine (Dhat) and perfect man (Insan eKamel) .When the "Salik" Changes his existence into oblivion, then all his actions, movements etc becomes God's. " nahnuaqra b min hablil warid" "we are nearer to him than his jugular vein "A man of mind (Sahibi Basirat) considers all things as mirror, In which the light of God is reflected. The world is manifestation of the attributes of God.

(Faqeer Sarkar Samar Ali Saeen)

سيئي حق ۽ واسطا محفوظ

كتاب جو نالو ..... سيئي پگيون سين حدون

كلام ..... مخدوم فقير مهدي سائين جهانيه

شارح ..... مخدوم فقير سمر علي سائين جهانيه

مرتب ..... فقير همراز علي (منگتو) صوپوديرو

اهتمام..... فقير صنعت علي سهتہ (انب شريف)

چپائيندڙ ..... هادي مهدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن

چاپو..... پهريون

تعداد ..... 1000(هڪ هزار)

سال 2015/

كمپوزنگ ..... مريد علي ملاح، علي گل چنہ (النور كمپيوٽر شاپ صوپوديرو)

ٽائيٽل ..... مريد علي ملاح صوپوديرو

قيمت ..... 150 روپيہ

پريس .....

ملڻ جو هنڌ

درگاه فقير سيد سركار معراج علي رضا سائين جهانيه (مانڈم)

پوسٹ و تعلقہ صوپوديرو

(خيرپور ميرس سنڌ)

♥ فهرست ♥

نمبر	ڪلام	صفہ نمبر
1	ستو پنڌ صورت جو	1 کان 3 تائين
2	اونڌي ڪنڌ اداسي، اسم ٿا اورين	4 کان 5 تائين
3	مرڻ جيئن وس منهنجي	6 کان 7 تائين
4	حجت حسن سان ناهي چگي	8 کان 10 تائين
5	عاشق ٿي ته اسير آيو عشق امير	11 کان 14 تائين
6	تنهنجي نام بنا ٻيو نہ نام وٺين	15 کان17تائين
7	ٻدل آهيان ٻول ٻول	18 کان 20 تائين
8	سر جو سانگو لاهہ پلي پوءِ	21 کان 23 تائين
9	مسافر هن ماڳ تان پلي ويا	24 کان 25 تائين
10	بني هاشمي نور نرمل نرالي	26 کان 30 تائين
11	جيڏو شاهي مردان جو شان	31 کان 36 تائين
12	اڏيان اوٽارو نہ آهي آشيان	37 کان 40 تائين
13	مون ته منهنجو قوت طلب ته	41 کان 45 تائين
14	سيئي ڀڳيون سين حدون	46 کان 50 تائين
15	عاشقن اثبات ڪيو آهي	51 کان 53 تائين
16	آهيان عبديت جي اولي	54 کان 57 تائين
17	پنهنجي پاڪ پسيم پيشاني	58 کان 60 تائين
18	پاڻ وڃائي پاڻ ٿي آيس	61 کان 63 تائين
19	حال حسيني حاضر ناظر	64 کان 66 تائين
20	لاٿي لاحد لڪ لڪاير	67 کان 68 تائين
21	فنا بقا جو سير ڪيوسين	69 کان 71 تائين
22	طلب طمع ڪي طالب ترڪن	72 کان73تائين
23	عشق آندو آهي اُتي	74 کان 75 تائين
24	ڏس اهو جيڪو توکي ڏسي ٿو	76 کان 77 تائين
25	هر صورت کان يار جدائي	78 کان 80 تائين
26	سوگهو ساهہ ٿي ويو منهنجو	81 کان 82 تائين
27	گهرو ويس گلابي غازن پرت منجهان	83 کان 85 تائين
28	آءٌ قرباني ٿيان تن جامون پهرايو جن	86 کان 89 تائين

(ج)

نمبر	کلام	صفحہ نمبر
29	پيالو پيتل هجي گهوڙو کونتل	90 کان92 تائين
30	الله آهه پرواهه ناهي قالو بلئ	93 کان95 تائين
31	آهين پاڻ الله جڏ نڳيءَ جا	96 کان 97 تائين
32	ساقيءَ سارو سر سمجهايو	98 کان 99 تائين
33	جاني جانب يار دل کي دام	100 کان 102 تائين
34	پر پيالو پرين پياريو	103 کان 105 تائين
35	برهه بهادر لائي بهاري	106 کان 109 تائين
36	انهيءَ منهنجي ڳالهه سچيءَ تي	110 کان 111 تائين
37	پٽ پرت جا پياريو نشا	112 کان 114 تائين
38	صورت سر کي سو سو سجدا	115 کان 117 تائين
39	جوٽو پاڻ لکائين جڏ عاشقن سان	118 کان 119 تائين
40	راءِ آيو پنهنجي رعيت ۾	120 کان 121 تائين
41	جيکي آهي هت ڦت چا هوندو	122 کان 123 تائين
42	نينهن پڙهائي نماز وقت واجب	124 کان 126 تائين
43	هر دم بندا رهه هوشيار	127 کان 129 تائين
44	دم ريڌا وٽئون دم دم سان	130 کان 131 تائين
45	ديد دروني پايون پيو نه پانيون	132 کان 133 تائين
46	پنهنجو پاڻ سڃاڻين حق ڄاڻين	134 کان 136 تائين
47	نقل کي وڃي نام نفي کيو	137 کان 138 تائين
48	محب منا کر نہ تون مانا	139
49	ستيم سانگ سري دا سارا شاهه نور	140 کان 141 تائين
50	عاشقن بارڻ باريو جوگي ناڻ	142 کان 143 تائين
51	عشق الاهيءَ کيو احسان	144 کان 146 تائين
52	آيو عشق مولا لکين لائق پانيان	147 کان 151 تائين
53	عشق الله ريءَ عمر اجائي	152 کان 153 تائين
54	ڏسي اظهار ٿيون اکڙيون	154 کان 155 تائين
55	(اٽپورو ڪلام)	156 کان 157 تائين

** انتساب **

آءُ هي ڪتاب

(سيئي پگيون سين حدون)

پنهنجي مرشد پاڪ مخدوم فقير

سرڪار سيد سمر علي

سائين جهانيه

جن جي نذر ڪريان ٿو.

(وسجود)

فقير صنعت علي سهتو

ساڪن (انب شريف)

تعارف

(سيئي پگيون سين حدون)

دراصل هي ڪتاب تصوف جي دنيا ۾ هڪ الڳ سڃاڻپ رکي ٿو. ساري ڪائنات ۾ جيڪي به فقير يا درويش ٿي گذريا آهن انهن جو ڪلام رسالي جي روپ ۾ ته ضرور منظر عام تي آيو آهي، پر تشريح و تفسير جهڙي سينگار سان سينگاريل تمام گهٽ رسالا ملن ٿا. سيني فقيرن زمين و آسمان ته ڇا پر پنهنجي ڪلام ۾ چوڏهن طبق ۽ حد لاحد جو سير سمائي ڇڏيو آهي، پر ان ڪلام کي سمجهڻ سڀ کنهن جو ڪم نه آهي.

ڪلام جي ڏن، موسيقي ۽ راڳ کي ڀڏي ته لکين ماڻهون جهومن ٿا پر ان جي باطن جي اسرار کي سمجهي جهومڻ کنهن کنهن جو ڪم آهي ان لاءِ ته سرڪار سمرعلي سائين جن مهدي مولا جي ڪلام جي تشريح ڪري اسان جهڙن اهوجهن لاءِ هڪ رستو جوڙي ڇڏيو آهي، ته جيئن هر عام و خاص ان رستي سان هلي منزل مقصود تي پهچي سگهي. "سيئي پگيون سين حدون" ۾ سرڪار سمر سائين جن تصوف جا اهي اهم نقط وضاحت سان بيان ڪيا آهن، جن جي پروڙ تمام گهٽ فقراء کي آهي. فقيري صرف گيڙو پائڻ، راڳ روپ ڳائڻ يا ڪنڌا ڪولابا پائڻ سان نه آهي. اهي ته صرف فقيري حال ڏاڪا آهن، انهن سان گڏوگڏ دل جو فقيري ڏانهن مائل هجڻ ضروري آهي. نه ته رڳو اهي حال ڏاڪا پائڻ منافقي آهي. ان جو مطلب ته اهو ٿيو ته اندر هڪڙي باهر بي يا وري " ظاهر مومن باطن ڪافر" اهڙي تير کان بچڻ لاءِ "سيئي پگيون سين حدون" جو مطالعو ڪرڻ فقير جي هر طالب لاءِ ضروري ٻڌجي ٿو.

" اها موج مدامي، ماڻين تون
وري طرف نه ٻئي، ڪنهن تاڻين تون
انهي مام مهدي، واري هج محڪم" مهدي مولا

(وسجود) فقير همراز علي
(منگو) ڪوپوڪيرو

﴿ شارح ﴾

"سيئي پگيون سين حدون" جا شارح فقير سرڪار سيد سمر علي سائين جهانيه جن آهن جن 24/12/1988ع ۾ شريعت ۾ غلام رسول شاهاڻي بلوچ صاحب طريقت ۾ فقير خريد علي شاهاڻي، جن جي اسرار تي مهدي مولا جي ڪلام جي تشريح ڪي مڪمل ڪيو.

سرڪار سمر علي سائين جن ڪتاب "مهدي ٽيو مهدار" جا مرتب پڻ آهن، جنهن جي هينئر تازوئي ڇپائي منظر عام تي آندي وئي آهي. سرڪار سمرعلي سائين جن هادي مهدي اڪيڊمي، جو بنياد رکي جهانيه خاندان کي هڪ نئو رخ ڏئي ڇڏيو آهي. هادي مهدي اڪيڊمي، هينئر صرف ۽ ڪتاب منظر عام تي آندا آهن. پر آهستہ آهستہ هن اڪيڊمي مان ڪافي سارا ڪتاب، رسالا ۽ ڪوڙ سارو لڪل مواد جيڪو هينئر تائين اظهار نہ ٿي سگهيو آهي، اهو ضرور هن اڪيڊمي مان پڌرو ڪيو ويندو. هادي مهدي اڪيڊمي نہ صرف ڪتابي دنيا تي ڪم ڪري رهي آهي، پر ڀيا ۽ ڪوڙ سارا نيڪ ڪم ڪرڻ هن اڪيڊمي، جي منشور جو حصو آهن. سرڪار جن محسوس ڪيو تہ اڪيڊمي ۾ محدوديت اچي وڃي ٿي جڏهن تہ اسان ڪي عوام الناس جي پلائي لاءِ ڪوڙ سارا ڪم ڪرڻا آهن ان لاءِ اڪيڊمي ڪي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن ۾ تبديل ڪجي، ۽ هاڻي اڪيڊمي، هادي مهدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن جي نالي سان سڏجي ٿي. سرڪار سمر علي سائين جن ڪل علم آهن، سندن ڪان ڪوبہ علم لڪل نہ آهي. سنڌي، سرائڪي، اردو، انگريزي، فارسي، هندي ٻولي ۽ علم لدني جي مهارت سان گڏوگڏ سُر ۽ سنگيت جا ماهر پڻ آهن. سرڪار جن جي ظاهر ۾ تمام گهٽي شاعري ڪوبہ آهي، پر ڪجهہ شعر ضرور آهن. جيڪي "سيئي پگيون سين حدون" ۾ شامل ڪجن ٿا، جن منجهان معلوم ٿيندو تہ سرڪار جن شاعري جي وزن بحر کان بہ ڪافي واقف آهن.

هٿ هٿيڪا پير پکڙيل، جکڙيل آهي جيءُ
پري پيالو پيءُ، تہ ڪوندر لهن غم جا

✪

هٿ هٿيڪا پير پکڙيل، جکڙيل آهي جند
ڪونهي واندو ڪنڌ، وچ اڏيءَ ڪات جي

ڪٽ ڪلالن سين ، پنهنجو ڪپيل ڪنڌ
ڪاڏي ڪرين پنڌ ، ويندئي ويل وصال جي

✪

ڪڏهن موج مستيءَ جي، ڪڏهن هستيءَ منجهه حرام
ڪڏهن دنيا دام ، ڪڏهن راحت روح جي

✪

ڇڏيم ڇيڪ ڇوڙي ، پنهنجو ٻوٽ ٻيهر
نفس جو نوالو ٿيو ، پوريون ۽ گيهر

✪

چاڪ چڪيا وڃن، چڪيس ڪين چاڪن
پل پل پور پون ، چاڪن جي چڪڻ جا

✪

چاڪ چڪي ويا، چاڪن ڪين چڪياس
مُئا ۽ جياس ، پسڻ ڪاڻ پرينءَ جي

✪

چاڪ چڪي ٿيا چور، چور وڃي ٿيا چاڪ
اندر ٿيو اوطاق ، هر دم حوالي هوت جي

✪

سين ميمر آ ساڳيو، ري جو رڳو آ راڳو
علي اصل ڪان آڳو ، اوڙڪ فقير جو

(سرڪار فقير سمر علي سائين)

ياران

(سادي مهدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن)

اشاعتي حقيقت

"سيئي پڳيون سين حدون" جو ڦوٽو اسٽيٽ قلمي نسخو شريعت ۽ گداحسين سهتو طريقت ۽ صنعت علي فقير اسان وٽ کٽي آيو. ۽ اڄي چيائين ته هي مهدي سرکار جي کلام جي تشريح تمام سهڻي ٿيل آهي. پر خبر نٿي پئجي سگهي ته هي تشريح ڪنهن ڪئي آهي. تنهن ڪائيم فقير صنعت علي اڃان سرکار سمر علي سائين جن جو ظاهر ۽ طالب نه ٿيو هو، پر پوءِ به محبت سرکارجن سان بي انتها رکندو هو. هينئر ته فقير پنهنجي مرشد جو سچو پچو عاشق آهي. مطلب ته پوءِ اهو ڦوٽو اسٽيٽ رجسٽر اسان پڙهڻ شروع ڪري ڏنوسين پڙهڻ سان اسان فقير مهدي مولا جن جي کلام جي ٿيل تشريح مان تمام گهڻا متاثر ٿياسين. اسان گداحسين (فقير صنعت علي) کان معلوم ڪيوسين ته هي انمول تحفو اوهان کي ڪٽان هٿ آيو آهي. گداحسين جوابن فرمايو ته اسان کي هي نسخو مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۽ غلام رسول شاهاڻي (بلوچ صاحب) جي ڏوهٽي کاشف علي شاهاڻي وٽان مليو آهي. پوءِ آءٌ ڪتاب جا اکر ڏسي ڪجهه اندازو لڳائي ويس ته هي ڪرم سرکار سمر علي سائين جن جو ٿيل آهي، ڇو جو سرکار جن جي ڪجهه هٿ اکري مون وٽ موجود هئي ۽ رجسٽر جي آخر ۽ لکندڙ جي جاءِ تي س، ع لکيل هو جنهن مان اسان جو شڪ پڪ ۽ بدلجي ويو، پر پوءِ پڪ مٽان پڪ ڪرڻ لاءِ گداحسين (صنعت علي فقير) ۽ آءٌ سرکار جن وٽ ان ڦوٽو اسٽيٽ رجسٽر سوڌا وڃي پهتاسين. ڪجهه دير کان پوءِ مون سرکار جن کي عرض ڪيو ته مولا هي هڪ رجسٽر اسان کي هٿ آيو آهي، جنهن تي مهدي مولا جي کلام جي مڪمل تشريح ٿيل آهي اها خبر نٿي پئجي سگهي ته هي تشريح ڪنهن ڪئي آهي. سرکار جن ان رجسٽر تي سراسري نظر وجهي فرمايو ته هي اوهان کي ڪٽان مليو آهي. مون عرض ڪيو ته سرکار هي گداحسين (صنعت علي فقير) کي مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۽ غلام رسول شاهاڻي (بلوچ صاحب) جي ڏوهٽي کاشف علي شاهاڻي وٽان تحفي ۾ مليو آهي تنهن تي سرکار جن فرمايو ته هي تشريح اسان خريد علي فقير شاهاڻيءَ (بلوچ صاحب) جي اسرار تي 1988ع ۾ ڪئي هئي.

وڏيڪ مالڪن فرمايو تہ هن تشريح جو اصل نسخو سرڪار پاڪ مهدي مولا جي تڪيہ مبارڪ تي اسان جي هجرت دوران رهجي ويو هينئر اسان وٽ بہ هن جي ڪاپي ڪونهي تنهن ڪري ان رجسٽر تان هڪ ڦوٽو اسٽيٽ ڪاپي اسان کي بہ ڪرائي ڏيو. پوءِ اسان ائين ئي ڪيوسين جيئن مالڪن فرمايو.

ڪجهہ ڏينهن گذرڻ کان بعد مون گدا حسين (صنعت علي فقير) کي چيو تہ آءٌ پنهنجي مرشد پاڪ سرڪار جائي جمال سائين جن جي رسالي (بحرالبقا) جي ڪمپوزنگ ڪرائي رهيو آهيان جيڪڏهن توهان جو بہ خيال هجي تہ هن مهدي سرڪار جن جي ڪلام جي تشريح کي بہ ڪتابي شڪل ڏيارجي تنهن تي گدا حسين چيو تہ سرڪار سمر علي سائين جن کان اُمر وٺو تہ آءٌ حاضر آهيان. پوءِ ٻنهي اچي مالڪن کي پنهنجي خيال کان آگاهہ ڪيوسين سرڪار جن امر ڏيندي فرمايو تہ جيئن اوهان جو خيال هجي ڀلي ڇپرايو. پوءِ گدا حسين جن چيو تہ ڪتاب جا سمورا اخراجات آءٌ پورا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، ۽ مون مالڪن جي حڪم تحت ڪتاب جي ترتيب ۽ ڪمپوزنگ پنهنجي ذمي کنئين. پوءِ ڏينهن رات هڪ ڪري "سڀئي ڀڳيون سين حدون" کي مڪمل ڪري منظر عام تي آندوسين. جيڪو هينئر اوهان فقراءَ جي هٿن ۾ موجود آهي. سرڪار سمر علي سائين جن جا اسان تمام پاڻ تي اڻڳڻيا احسان ڀايون ٿا جواسان ان جي لائق ناهيون تہ اسان مالڪن جي شرح جا مرتب بڻجون پر هي هڪ سندن ڪرم آهي جو اسان جهڙي حقير بندي کي ايترو وڏو شرف عطا ڪيواٿن.

(وسجود)

فقير همراز علي. (منگتو)

ساڪن صہ ڀوديرو

✠ هر سان هک هيڪاڻ ✠

واعتصموا بحبل الله جميعا ولا تفرقوا (القرآن)

(ترجمون) الله جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پکڙيو ۽ ٽولا نہ ٿيو.

الڳ الڳ ٽولا يا گروپ ناهڻ يا جدا جدا فرقا ۽ مذهب جوڙڻ اهڙي عمل کان خداوند ڪريم منع فرمائي آهي.

اهل ظاهر وارن جي طريقت کي ناقص قرار ڏيندي، اهل الله "هر سان هک هيڪاڻ" جو درس ڏنو. ماضيءَ ۾ جن درگاهن تي محبت، پريم، حقيقت، حق ۽ هيڪڙائي جا اسکول کليل هوندا هئا، اڄ انهن درگاهن تي بندوقن، لٺين، کهاڙين کان سواءَ ٻيو ڪجهہ نظر نٿو اچي. سپڪو سير لڳو پيو آ پاڻ ٿيڻ لاءِ کو تيار ناهي. **"آهي عجب اهو ارمان ٿيو، کاهي گادين ۾ گمسان پيو"**

" فقير علي نواز هيسباڻي "

اسان جا گادي نشين حضرات سواءِ پهري دارن ۽ گارڊن جي اندر ٻاهر نڪري سگهن. انهن سان ملڻ غريب غربي جي وس کان ٻاهر آهي. اولياء الله کي کوبہ خوف ناهي هوندو، هو لاخوف هوندا آهن. جيڪي آهن ئي حيات الحيات سي ڪيئن موت کان ڊڄندا.

پهرو بيهارين پاڻ تي ، توکي ڏوهڙو آهي ڏپ
نيت تنهنجي ۾ نانگ آ ، سيني سُرئي ٿو سپ
ان اوليا لاخوف عليهم ولاهم يحزنون، شرک نہ تنهين ۾ شک
جاڻڻ جن جنهين ڏٺو حق ، خوف نہ تنهين خطرو

" فقير جاڻڻ جن "

هک تہ فقيرن جي آل اولاد ۾ خانداني اختلافن درگاهن جو سڪون ڦٽائي ڇڏيو آهي. ٻيو وري جدا جدا سلسلہ جوڙي فقيرن کي الڳ الڳ ٽولن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. سيئي فقير درويش اصل ۾ هک ئي وجود جون الڳ الڳ صورتون ضرور آهن، پر الڳ الڳ وجود ناهن. اگر سڀني فقيرن درويشن جي سلسلن کي غور و فڪر سان ڏٺو وڃي، تہ ڪل فقير هک ئي نظرئي جا قائل آهن. سيئي فقير صورت جي سير جون ڳالهيون ڪن ٿا. **نفي اثبات** جو فلسفو سمجهائن ٿا. **حد لاحد** کان واقف ڪرائن ٿا ۽ " **مَن خدايم**" جو نعرو هڻن ٿا مطلب تہ فقيرن ۾ کوبہ فرق نہ آهي، فرق آهي تہ اسان جي ڏسڻ، سوچڻ ۽ سمجهڻ ۾ فرق آهي.

فقيرن جي ملڪ تي ڪابہ وٿي يا ويڇو ناهي حقيقت ۾ تہ نوري ۽ ناري بہ هڪ آهن. هي تہ آهن ئي نورُاعلىٰ نور سي ڪيئن فرق رکندا، بيدل سائين جي شعر وانگر تہ:

هڪ ئي رانجهو پهرڻ والا، لکين هزارين چولا

هي لکين ديهيون سندس ئي چولا آهن. اصل ۾ هڪ ئي سهڻو آهي جيڪو سڀني ۾ سمايل آهي.

(ي) **يقين دي نال صحيح سڃاتم ، آدم الله ٿي آيا هي**
ميم محمد ع علي ٿي، هر جاءِ هُل هلايا هي
ڪٿي در محمد داتا ، ڪٿي جائي جمال سڏايا هي

"فقير جائي جمال سائين"

طالب ۽ مطلوب ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ آهي، طالب مان ئي مطلوب ٿيندو آهي جيڪو طالب آهي سوئي مطلوب آهي. جيستائين ڪو طالب نہ آهي، تيستائين اهو مطلوب ٿي نٿو سگهي، ڇو تہ مخدوم اهو آهي جيڪو خادم آهي.

جنهن جنهن لٽي، جنهن جنهن جي دل
تنهن تنهن چيو ، تنهن کي خدا

"فقير درمحمد سائين"

اها حقيقت آ تہ جنهن صورت جنهن کي موهيو اهو ان جو پرستار ضرور ٿي پوي ٿو. پنهنجي محبوب يا مرشد جهڙو ڪنهن کي بہ ڪري نہ سگهبو، پر ان جو مطلب اهو نہ ٿيندو تہ پنهنجي هاديءَ جي تعريف ڪندي ڪندي ڪنهن ٻئي جي مرشد جي بي ادبي ڪري وجهجي. ڇو جو ٻيو تہ آهي ئي ڪونہ، **آهي ئي هڪ** باقي صفاتي صورت جا نقش الڳ الڳ هجڻ ڪري نفرت جو ٻوٽو ناهي پوکڻو. هي تہ مرشد جي ڳالهہ آهي پر ڪنهن بہ عام صورت کي بہ گهٽ ناهي ڀانئڻو.
(خلق الآدم علىٰ صورة) يعني اسان خلق ڪيو سي آدم کي پنهنجي صورت تي.
تڏهن تہ فقير پنهنجي طالبن کي اها تلقين ڪئي، تہ توهان هر هڪ سان مالڪ سائين ڪري ملندا ۽ کيڪاريندا ڪريو. منهنجي مرشد پاڪ مولا جائي جمال سائين جن جي فرمان مطابق تہ:

مالڪ سارا جهان، بنا رب دي صورت نہ ڪائي

هي سارو جهان ئي مالڪ آهي سواءِ رب پاڪ جي ڪابہ صورت نہ آهي.

باقي ڏور کٹي ماپون ڪرڻ وارا ڪڏهن به هن راز کي نه سمجهي سگهندا. صوفيءَ جي سير ڪرڻ جو انداز ئي اهو آهي، ته هو هر حد کي پڄي لاحد ٿئي ٿو. جيڪي لاحد ٿيا انهن کان" تون ۽ مان " جي ٻولي وسري وئي، اهي صرف تون ئي تون ۾ گم آهن. انهن کي هر جاءِ هادي نظر اچي ٿو.

هر صورت حق پائن ٿا ، تڏهن صوفي اچي سر نائن ٿا

" خوش خير محمد سائين"

"سيئي پڳيون سين حدون" ۾ اهڙا کوڙ سارا سبق ۽ سمجهاڻيون آهن، جن کي پڙهڻ ۽ پرجهڻ گهرجي ورنه ريجهه ۾ رهجي ويندو. ۽ **ڪجهه** به حاصل ڪين ٿيندس.

هجت حسن سان جن ڪئي ، تن وڃائي ويهي وهي
ان ريجهه ۾ ويڙا رهي ، تن کان سرت وئي ساري سڃي

" مهدي مولا "

سرڪار سمر علي سائين جن انهيءَ ڪلام جي تشريح ڪندي فرمائن ٿا، ته حسن جو رڳو طواف ڪرڻو آهي. ان کي چهٽو ناهي جيڪڏهن هٽ لائبو ته هٽ ڪارو جي منهن لائبو ته منهن ڪارو وڌيڪ فرمائن ٿا، ته پاڻ پائڻ ۽ نافرماني ڪرڻ کي به هجت سڏيو ويو آهي. خودي ، وڏائي، انا ۽ پاڻ پائڻ اهي سڀ لکڻ ۾ الڳ الڳ الفاظ آهن، پر اهي سڀ هڪ ئي مقصد ۽ مطلب لاءِ استعمال ٿيندڙ آهن.انهن الفاظن کي فقيرن، درويشن نظم توڙي نثر ۾ تمام گهٽو نٿديو آهي. پر پوءِ به ناسمجهه ۽ مورک مادا انهيءَ انا کي پڪ هٿئيون پيا آهن. اها ئي نافرماني آهي جيڪا سڀ سرت کسي ٿي ڇڏي

"سيئي پڳيون سين حدون" هڪ ڪتاب نه پر رهنمائي ڪندڙ رهبر آهي، هن تشريح کي پڙهندڙ ڪڏهن به گمراهه نٿا ٿي سگهن. پر هم تن من ٿي پڙهڻ جو شرط ضرور آهي

(وسجود)

مرتب
فقير همراز علي (منگتو)
ساڪن صوپوديرو

(تاثرات)

فقير پاڪ مهدي مولا جي ڪلام پاڪ جي شرح سيئي پڳيون سين حدون تي تاثرات لکڻ لاءِ اسان کي فقير همراز علي جن چيو. جنهن لاءِ ڪتاب جي شارح پاڻ مالڪن فقير سمر علي مخدوم جهانيہ جن کان ہ امر جي عنايت ٿيم. مگر هن لکير جي فقير کي لفظ ڪٽان اڇن سي سمرڙيءَ ۾ سمائجن، پر پوءِ ہ همٿ مردان.....! تاثرات لاءِ ڪتاب سان گڏ چار شخصيتون قابل تعريف لاءِ چونديم.

❶ فقير پاڪ مهدي مالڪ :- پاڻ مالڪن جون ۶۹ ڪافيون ۽ ڪجهہ اٽپورو ڪلام ڪتاب جي زينت آهي، پر سندن ظاهري زندگيءَ تي نظر ڦيرجي ٿي تہ مالڪ جو ڪلام ڪافي تعداد ۾ هوندو. مگر عدم توجهيءَ جي ڪري سڀ سهيڙجي نہ سگهيو آهي، جو پاڻ محفلن ۾ پنهنجو ڪلام ڳائڻ جي اجازت ڪونہ ڏيندا هئا. يا وري ائين ہ ڪونہ آهي تہ ڪو شاعري ئي سڀ ڪجهہ آهي، يا شاعر ئي ڪل علم آهي، فقيري تہ ڪا سلهارئيل ڪانہ آهي. فقير پاڪ جن تہ فقر ۾ ہ نيون سوڪڙيون متعارف ڪرايون.

1. شرعي نالي کي طريقت ۾ تبديل ڪرڻ، فقير پاڪ جن کان پهريان اهو ڪم ڪنهن ہ صوفيءَ ڪونہ ڪيو هو. جو نالي جي نسبت ولايت جي مالڪ صوفين ۽ ولين جي پيشواءِ حضرت علي عليہ السلام سان ڪئي هجي. حقيقت ہ اها آهي تہ طريقت ہ. نئون جنم اٿس جو جز ڪل سان يا قطرو سمند ۾ سمائجي ٿو. تہ پوءِ جُز جُز يا قطرو قطرو ڪونہ ٿو رهي.

"جي سڃاڻين پاڻ کي ،ساڳو آن سلطان تون
عبد جو اولو ڪري ، آئين ٿي انسان تون"

2. هي جيڪو گيڙو ويس عام آهي اهو ہ عام نہ هو، پر پاڻ مالڪن انهيءَ ويس کي عام ڪيو.

❷ فقير سمر علي مخدوم جهانيہ :- پاڻ مالڪن جي ثناءَ تہ منهنجي سمجهہ سرت کان مٿاهين آهي. ذاتي مشاهدن ۽ تجربن ۾ گهڙڻ يا پردو کڻڻ جي ڪوشش ڪونہ ٿو ڪريان باقي ايترو ضرور آهي، تہ سمر مولا جن هيءَ تشريح لکي نہ فقط اسان اڻوجهن تي احسانن ۾ اضافو ڪيو آهي، بلڪ علم وارن کي ہ هڪ نئين راهہ بخشيءَ آهي.

ٿورا نہ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا، پلائي پيرا، ڳڻي ڳڻيان ڪيترا (شاہ)

جيئن ته اولاد بن قسمن جي آهي ۱. روحاني 2. جسماني، روحاني اولاد پاڪ ۽ بقا واري آهي سمر پاڪ جن مهدي مالڪن جا روحاني اولاد آهن باقي ظاهري سندن رت جو رشتو آهي، پر ذڪر ڪوٺ ٿو ڪجي جو ان جي ايتري اهميت آهي ئي ڪانه.....! فقير سمر علي جن جي تعليم ۽ تربيت ٽيل ئي پاڻ مالڪن کان آهي. ته پوء تشريح لکي هزارين حقن مان فقط هڪ حق ادا ڪيو اٿن، ۽ پيا حقيقي حق وري طريقت کي قائم رکندي ادا ڪري رهيا آهن.

جيئن ته ولايت وارن جا به قسم آهن ۱. علامتي 2. ملامتي. علامتي ته عام آهن مگر ملامتي خاصن خاص ٿين ٿا. انهيء لاء مالڪن جو هجرت وارو واقعو ڪافي آهي چا چا نه وهيو واپريو؟ اصل ۾ دوستيء جي ميدان ۾ ملامت کان وڌيڪ ڪا بي شيء آهي ئي ڪانه. **لأن المَلامة روضة العاشِقِين وَنزْهةالمُحِبينْ رَاحة المُشتاقِينْ وَسُرُورِ المُرِيدينْ** ملامت عاشقن لاء باغ، محبت ڪرڻ وارن لاء خوشبوء، مشتاقن لاء راحت ۽ مريدن لاء خوشي هوندي آهي. بس ائين چوان ته .....!

لنگ ڪڍيائون لانگ، موٽي ڪن نه مسح
جا اسلامان اڳ هئي، سان سٽائون بانگ
سامي چڏي سانگ ، گڏيا گورک ناٿ کي (شاه صاحب)

❸ فقيرهمراز علي"منگتو" :- کوڙ ساريون ڪيرون لهڻيون! فقير همراز علي جيڪو صوپوديرو جو رهائشي ، سائين جائي جمال هيسباڻي فقير جو طالب آهي هن درويش ته حد ڪري چڏي آهي جو "سڀ ۾ ساڳيو" نه فقط چوڻ بلڪ ڪري به ڏيکاريو اٿس ، جو طالب هڪ گاديء جو ۽ ڪم ٻئي لاء ڪيائين، پر هن به ته پانيان ئي ڪوٺ جو "پڙاڏو سو سڏ" تي عمل پيرو ٿي اڇڻ ڪنهن جو ڪم آهي.ورنه هن نفسا نفسيء جي دور ۾ هر گاديء جي اندر ئي جنڊا پٽ لڳي پئي آهي، پر هن کي ڪا ستي سنباڻ جي اهڙي ته پيل اٿس جو سچو صورت جو سجودي ۽ سلامي آهي، پر کوڙسارا صوفي ڏسون ٿا دلق ڳيچيء ۾ پايو ۽ وتن بين جي مرشدن جي گلا جا گيت گونائيندا، پر هر مرشد طالب به ڪافي اهڙا آهن جيڪي انساني صورت ۾ جانورن واريون صفتون رکن ٿا. ليڪن جانورن ۾ ته سٽيون صفتون به آهن. همراز جهڙا پارس آگرين تي ڳٽڻ جيترا هوندا. جيڪي ٻئي جي مرشد کي به پنهنجو ئي يا ساڳيو ئي سمجهي مرادون ماڻن ٿا، ۽ پيائي کي ٻوڙيو وينا آهن همراز رات ڏينهن هڪ ڪري هن ڪتاب جو ڪم ڪيو آهي.

كتاب جو نالو ۽ سمر پاڪ جي صلاح سان سندن ئي تخليق آهي هن درويش واقعي ئي هندو مسلم، مذهب، مسجد ، مندر، مڙهين،مرشدن ۽ گادين جي تفرقي واريون سيئي حدون پڄي ڪم ڪيو آهي. پاڻ توحيد پڙهي ۽ لکي ۽ ڇاڻي ٿو.

وٺين نا وار کو ، ستين کونهي سنگ
هوت هلندن کٽير، جن انگن چاڙهيو انگ (شاه صاحب)

❶ گدا حسين سهتو :- طريقت ۾ صنعت علي طالب فقير سمر علي جهانيه اسسٽنٽ ڊاريڪٽر واپڊا لاهور. هن سدا مسڪرائيندڙ منڍي ماڻهون جو ذڪر نه ڪرڻ سان تاثرات شايد اڻپورا ٿيو وڃن. جنهن هڙئون وڙئون ڪوششون وٺي هن ڪتاب " سيئي پگيون سين حدون" جي اشاعت ڪرائي آهي. ڪيسو ۽ دل جي مٽان آهي. انهيءَ مان ڏوڪڙ ڪڍي نيڪ ڪم لاءِ اڻپڻ هر ڪنهن جو ڪم ڪونهي. نه فقط مالي بلڪ جاني ۽ صنعت علي جون ڪوششون ۽ ڪاوشون امر آهن، هن ڪاهوڙي مرد مٽير عاشق ۾ اڃان اميدون وڌيڪ رکي سگهجن ٿيون.

عاشق سي چئجن ، جن تي عاشق پاڻ ٿيو
اهڙي رنگ رچن ، سي عاشق معشوق ٿيا

بهرحال آءٌ آخر ۾ ائين چوندس ته شاعري جا شرح سميت ڪتاب ته ڪيترا ئي مارڪيٽ ۾ موجود آهن، مگر گهٽ ڪتاب آهن جن جي شرح ۽ ڪنهن اهڙي فڪر واري فقير لکي هجي جيڪو علم اليقين ، عين اليقين ۽ حق اليقين جي وادين مان واقف هجي باقي انهيءَ شرح مان فيض ۽ فائدو وٺڻ ته فقر يا فرد جي نيت ۽ عمل تي آهي. ها بس .....! جيڪو ماڻهون فقط نقص ڪڍندو رهندو اهو بي فيض ۽ بي مرشدوئي رهجي ويندو ايترو ضرور آهي جو عشق اڃيان علم جي حيثيت کان آهي جيئن فقير پاڪ مهدي مولا جن فرمائن ٿا

عشق الاهيءَ ڪيو احسان ، کونہ پڙهيو سي ڪلمو قرآن

هاڻي هن ڪلام مان مراد يا مقصد اهو ڪٽين کونہ آهي، ته کو پاڻ مالڪ علم کان آشنا کونہ هٿ بلڪ عشق ئي اصلي علم آهي، جتان ٻيا علم جنم وٺن ٿا.

پروفيسر عبدالرحمٰن کهڙو
جنرل سيڪريٽري
هادي مهدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن
(سنڌ)

(((تاثرات)))

انتهائي خوشيءَ جي ڳالھ آهي جو فقير شهنشاھ مهدي سرڪار جي ڪلام جي شرح جو ڪتاب ' سپئي پڳيون سين حدون ' هادي مهدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن جي طرفان ڇپجي رهيو آهي. اها شرح بينظير فقير مهدي مولاجي هڪ پياري طالب ۽ عاشق صادق فقير سمر علي جهانيان جن لکي،جن جبل ٽکي گلدستو تيار ڪيو آهي. ڪتاب جي ڇپائي، لاءِ مالي سهائتا وري فقير سمر علي سائين جي هڪ طالب درويش گدا حسين سهتو عرف صنعت علي ڪئي آهي. جنهن لاءِ فقير ڪيس پنهنجي پاڇي ۾ رکي.

ڪتاب ترتيب ڪان ڪمپوزنگ جي نگراني ۽ ڪمپوزنگ ڪان ڇپائيءَ لاءِ محنت فقير همراز علي (منگتو) ڪئي آهي. فقير همراز علي فقير جمال جائي سائين هيسباڻي جن جو طالب آهي. وري فقير جائي جمال سائين فقير خوش خير محمد سائين جي درگاھ جو طالب آهي. ان پيار جي پورهئي لاءِ ڪيس هادي هميشہ پنهنجي حفظ ۾ رکي.

خادم عباسي
چيئرمين
هادي مهدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن
سنڌ

(تاثرات)

ڳجهي ڳالهه لئم ، ڳجهه ڳولهي

خالق ڪائنات سونهاري سنڌ کي هر دور ۾ روحاني رهبرن ۽ ڪامل درويشن جي ڏرتيءَ جو رتبو بخشيو آهي. هتي عارفن اوليائن عشاقن ۽ صوفين جا سلسلا يا مڪتب فڪر گهٽو اڳ ڪان موجود هيا. ابوعلي سنڌي سان منصور حلاج جو منصور (موجوده ضلع سانگهڙ ۾) اچي ملڻ ان ڳالهه جو واضع ثبوت آهي ته تصوف جي تند تنوار هتي گهٽي پرائي ۽ آڳاڻي آهي. سنڌ ۾ مخدوم جهانيان جهان گشت جي اولاد مان فقير سيد غلام مهدي شاهه (عرف مهدي سائين) بن سيد امام بخش شاه بن حامد شاه بن ڪامل شاه بن سيد وڏيل شاه شاهپور جهانيان تعلق مورو ۾ آباد سادات جهانيان جا چشم و چراغ ٿي گذريا آهن. سنڌن مڪتب فڪر تصوف جي تاريخ جو منفرد باب آهي. پاڻ فقير صاحب جن ننڍ پڻ ۾ جڏهن حيدرآباد ۾ فقير سيد قطب علي شاه جهانيان وٽ ويا ته کين ڏسي فرمايائون ته نينگر وڏي مٽيا وارو آهي يعني جمندي جام آهي. فقيرسائين جي فقير شناس نظر برابر "مهدي مٽياندار" کي پرکي ورتو هو.

فقير مهدي سائين جي راهِ سلوڪ ۾ اختيار ڪيل سفرن ۽ تڪليفن جو داستان هڪ طرف آهي ته سندس مشاهدي ۽ مطالعي جون بي مثال ڪهاڻيون ٻئي طرف. پاڻ سنڌي، سرائيڪي جو اهڙو ته قادر ڪلام شاعر آهي جنهن جون تخليقات ادبِ عاليه جو درجو رکن ٿيون. فقير مهدي سائين جي ڪلام جو دل جي گهرائين سان مطالعو ڪبو ته اهو هڪ اهڙي پرلطف سفر وانگر محسوس ٿيندو جنهنجو هر منظر پنهنجي مسافر کي ڪيف ۽ سرور جي اهڙي ڪيفيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿو جنهن جو اظهار لفظن ۾ بيان ڪرڻ ممڪن نه آهي. مهدي سائين وٽ صوفيائي فڪر جي گهرائي جو اهڙو معيار ڏسڻ لاءِ ملي ٿو جيڪو تمام ٿورڙن صوفي بزرگن وٽ آهي.

"پاڻ وڃائي پاڻ ٿي آيس ، پنهنجو آهيان پاڻ
ڪير آهين ڪنهن کي ٿو ڳولين، سڀ ڪجهه توسان ساڻ"

فقير سائين جن وٽ لفظن جي استعمال جي ڪامل قدرت هئي جنهنجي ڪري سندن شعر جو هر لفظ غير معمولي اهميت رکي ٿو. هو زندگيءَ جي جنهن به شعبي بابت ڳالهه ڪري ٿو ته ائين محسوس ٿئي ٿو ته هو سموري زندگي انهيءَ

شعبي سان وابستہ رهيو.

وڻج وهائج يار نہ ٻيو ڪو، وحدت وارو ڪر واپار

ڪوبہ وڏو شاعر پنهنجي ڳوٺ شهر واهڻ وستي يا آسپاس جي رهواسين لاءِ هڪ آفاقي بشارت ٻڌجي ايندو آهي. هو نہ صرف زندگيءَ جو گمشده معنائون ۽ مفهوم سمجهائيندو آهي مگر رمز ۽ اسرار جون منزلون ماڻڻ لاءِ وقار ۽ حوصلي سان اڳتي وڌڻ جا گر پڻ سمجهائيندو آهي جهڙي طرح هر چاڪ گريبان شخص ديوانو نہ ٿيندو آهي. تيئن لفظن جا انبار لڳائڻ وارو هر شخص شاعر نہ ٿي سگهندو آهي، اهڙي طرح اشعارن ڪناين تشبيهن سان کيڏڻ وارو هر شاعر فقير مهدي سائين جهانيان نہ ٿي سگهندو آهي. جو نہ مهدي سائين آڏو فڪر ۽ فن جي دنيا ۾ اهو اڇي جيڪو منصوري مام پروڙي سگهي. عبديت جي اولي مان نڪري وڏي واڪ چئي ڏئي تہ "فنا بقا جو سير ڪيوس، لاشڪ ٿي لاثاني"

سنڌ جي نامياڻن محققن توڙي نام نهاد نقادن جيڪڏهن چاهيو آهي تہ ذري کي پهاڙ ڪري پيش ڪيوآهي مگر فقير مهدي سائين جهانيان جهڙي صوفي شاعر کي هڪ مخصوص عينڪ واري نظر سان ڏسي ان کي فقط ڪنهن خانقاهي نظام سان ڳنڍيل شاعر سمجهي ڪنهن ننڍڙي صوفي شاعر جي درجي کان اڳتي نهارڻ لاءِ تيار نہ ٿيا. اها هڪ ڀرپور ادبي بي انصافي آهي. فقير سائين جي زندگيءَ جي انيڪ روشن رخن کي ڇڏي ڪري فقط سندس فڪر جي ڀرپور پرچار ڪجي تہ اڄ اسان کي روشن خيال معاشري جي قيام ۾ ڀرپور مدد ملندي.

مان نندي پڻ کان ولي فقير سائين جي ڪلام جو مطالعو ڪندو رهيو آهيان ۽ اهو گڏ ڪرڻ جو اعزاز بہ آهي. جهانيان خاندان جي هڪ سهڻڻي سيد ثمر علي جيڪو تصوف کي رابطہ حيات سمجهي پنهنجي پل پل کي سجايو ڪري رهيو آهي ۽ هو صوفي فقيري گهراڻي جي چشم وچراغ هجڻ جي ناتي ۽ اعلىٰ تعليم يافتہ هڻ ڪري صوفيانہ فڪر جي باريڪ نقطن کي پوري ريت پروڙي ٿو. هن جڏهن محسوس ڪيو تہ ماڻهون تصوف جي مڪيہ لفظن کان ناواقفيت سبب اصل سبجيڪٽ کان پري ٿي رهيا آهن تنهنڪري تمام گهڻي محنت، جاکوڙ ۽ عرق ريزيءَ سان فقير سائين سرڪار جي ڪلام سراپا الهام جي شرح لکي ورتي آهي. هي شرح ثمر علي سائين جي صوفياڻي سوچ جو مظهر ۽ مطالعي ۽ مشاهدي جو عين ثبوت آهي. سائين نہ فقط لغوي انداز ۾ لفظن جي وضاحت ڪري هر پڙهندڙ جي ڄاڻ ۾ اضافي جي ڪوشش ڪئي پر هن فقير سائين جي ڪلام جي

مصرع واري شرح کلي عام تصوف جي طالبن لاءِ وڏي آساني پيدا ڪئي آهي سندن پورهيو وڏو مان مرتبو ۽ قدر لهڻي ٿو ۽ يقين سان چئجي ٿو تہ علمي حلقي وٽ وڏي حيثيت رکندو.

مان هن سموري محبت پائي من ۾ روڙيل رندن لاءِ سيد ثمر علي کي مبارکون پيش ڪريان ٿو ۽ ان قلمي ڪاوش کي سالڪن ۽ طالبن جي هٿن تائين پهچائيندڙن جي مرشد ۽ مربي رهنما سان اٿاهہ محبت جو اعتراف ڪريان ٿو.

"مرد ميدان ملهايو "مهدي" نينهن نپايو نهرو آ"

الطاف اثير
اڳوڻو ڊائريڪٽر سچل چيئر
شاه عبدالطيف يونيورسٽي
خيرپور(ميرس)

ڪامران جو گهر
راڻيپور
29/09/09

تاثرات

سرکار فقير مهدي سائين جن جو ڪلام ننڍي هوندي کان وٺي فقيرن کان ٻڌندا پئي آياسين پر تنهن هوندي بہ فقير پاڪ جي ڪلام جي باطني معنيٰ ۽ مقصد کان تمام گهٽ ڄاڻ هئي. "سيئي پڳيون سين حدون" جي شرح جو مطالعو ڪري تمام خوشي ٿي ته هي ڪتاب اڳتي هلي تصوف کي سمجهڻ لاءِ تمام گهڻو مددگار ثابت ٿيندو صوفي ازم جي سوره سرکار فقير نانڪ سائين جن جي ڪري اسان جي هن هڪ ننڍڙي شهر اڳڙا کي پوري سنڌ هند ۾ تمام گهڻي مقبوليت حاصل آهي.

گر هوڪي ويک نظارا ، محبوب کي صورت ۾

(نانڪ فقير)

اسين سيئي اڳڙا واسي تمام گهڻا خوش نصيب آهيون جو اسان جي شهر ٿي شهنشاهه فقير نانڪ سائين جن جي ڀاڄهه ۽ شفقت اڳئي هئي وري مٽان فقير سرکار سمر علي سائين جن جو اڳڙا پرپاسي ۾ محبتي مٽخانو قائم ڪرڻ. اسان اڳڙا وارن لاءِ اعزاز آهي. فقير سرکار مهدي سائين جن بہ تمام گهڻو اڳڙا ۾ ايندا هئا. منهنجي چاچا سائين جي اوطاق تي فقير سرکار مهدي سائين جن جي مون گهنگار کي بچپن ۾ زيارت نصيب ٿي هئي.

پنهنجي پاڪ پسير پيشاني، لٽا خوف خطر خفقاني

(مهدي سائين)

ان کان علاوه منهنجو وڏو پاڻ شريعت ۾ منير احمد ۽ طريقت ۾ فقير سڌير علي جيڪو هينئر نازوئي فقير سرکار جائي جمال هيسباڻي جن جا طالب ٿيا آهن جيڪو اسان خصوصن تنيا قوم ۽ اڳڙا واسين لاءِ مبارڪ باد جو باعث بڻجي ٿو.

ڪير آهيان ڪير ٿي آيس، ڪير لهي مونکي ڳولهي
خيال چوي خود خالق آهيان ، آهيان آدم جي اولي

(فقير جائي جمال)

شهر اڳڙا تي اهڙن سهڻن فقيرن جي ڀاڄهه سان گڏوگڏ هن شهر جي گلين گهٽين ۾ درويشن جا پاڪ قدم گهمائڻ ڪنهن عظيم خوشيءَ کان گهٽ ناهي

موهي مست ڪري دل ماندي ، بالا بينظير ڪئي آ
ڪنهن ڪئي فقير ڪئي آ

فقير کان سواءِ کوبہ دل جي تخت تي حاکم نہ ٿو ٿي سگھي. فقير سرکار مهدي سائين جن جي کلام جي شرح کي مڪمل ڪرڻ سرکار سمر علي سائين جن جو هڪ اعليٰ ڪرشمو آهي جنهن ڪرشمي مان ڪروڙين ماڻهو صوفي ازم جي سرهاڻ کان واقف ٿي سگهن ٿا. آءٌ هڪ اديب هجڻ جي ناتي سنڌ ڏرتيءَ جي هر هڪ نوجوان کي مشورو ٿو ڏيان تہ زندگي ۾ هڪ پيرو ضرور "سيئي پگيون سين حدون" کي پڙهندا ۽ هن ڪتاب کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائڻ لاءِ مدد ڪندا تہ جيئن هر هڪ کي حقيقي زندگي گذارڻ جو مقصد ملي پوي

نام ڏٽيءَ جو کين وسار، هر دم بندا رهه هوشيار

نظير احمد تنيو
ادبي سنگت پونٽ اڳڙا
جو موجوده ڪائونسلر

(تاثرات)

بسم الله الرحمن الرحيم

فقير سائين مهدي سرڪار جي ڪلام جي شرح جو ڪتاب **"سپئي پڳيون سين حلون"** تي ٻه لفظ چوڻ يا لکڻ خصوصن منهنجي لاءِ انتهائي مشڪل پر اعزاز مثل آهي.

سڀ کان پهريائين ته فقير سرڪار، جو حضرت سچل سائين سان عشق لڪل ڪونہ آهي ۽ ان کان زياده اهم ڳالهه منهنجي والد ۽ مرشد سائين پير خواجه عبدالحق، جن ۽ سائين مهدي سرڪار، جن جي هڪ ٻئي سان ذاتي تعلق ۽ محبت ڪنهن کان لڪل ڪونہ آهي. منهنجي لاءِ اها تمام وڏي فخر جي ڳالهه آهي ته مان ننڍي لاءِ زندگيءَ ۾ مهدي سائين، جن جو ديدار ڪيو ۽ دعا ورتر ان کان وڌيڪ انتهائي اهم ڳالهه ته ظاهري طور سرڪار مهدي سائين، کان بعد ۾ سائين ٿمر علي سائين جهانيہ مون تي هميشہ مهربان رهيا آهن ۽ رهندا ۽ هي جو اڄ سندن ئي محنتن، محبت ۽ جستجو جو نتيجو آهي ته هن خطي ۾ نہ فقط فقير مهدي سائين، جن جي پيغام جو سلسلو جاري ۽ ساري آهي بلڪ فقير ٿمر علي جهانيہ جن جي موجودگي هر عام ۽ خاص لاءِ ساڳيو ئي مهدي سائين جن جي ذات جو تحفو آهي مونکي هميشہ تلاش رهي ته مهدي سائين، جو ڪلام چپايل حالت ۾ محفوظ ٿئي ۽ اڄ ان خواب جي تعبير مان هن**"سپئي پڳيون سين حلون"** فقير سائين جو لکيل ڪتاب جي صورت ۾ ڏسي رهيو آهيان جيڪا فقير ٿمر علي جهانيہ جن جي محنت ۽ ڪاوش جو نتيجو آهي جنهن تي ڪين جيترو به ساراهجي گهٽ آهي. ان سلسلي ۾ سندن طالبن، ۽ مريدن همراز فقير مگڻهار ۽ صنعت علي سهتو ۽ سندن ٻيا مددگار پڻ وڏي مبارڪباد جا مستحق آهن. ڇا ڪاڻ ته انهن هڪ وڏي محنت ڪري مهدي سائين، جو ڪلام ۽ شرح مريدن ۽ سڪ وارن کي تحفو ڏنو آهي فقير سائين، ڪين اللهءَ جو اجورو عطا ڪندو.

(آمين)

28-07-2009

دعاگو
ڈاڪٽر سخي قبول محمد فاروقي
سجاده نشين حضرت سچل سرمست رح

((((سيئي پڳيون سين حدون جو ادبي جائزو))))

اسرارالهيٰ جي وجود جو ڳولهائو هميشہ صوفي ئي رهيو آهي. جنهن پنهنجي حق موجود واري فڪر جي پوئلڳي ڪندي ڪائنات جي سڀني رنگن کي گڏائي ڇڏيو آهي. انهن سڀني ڪائناتي رنگن ۾ مرشد ڪامل جو وجود سڃي من ۾ هلچل مچائي ڇڏي ٿو. مرده دلين تي مرشد جي حڪمراني وحدت واري وجود جي چٽائي ڪري ٿي. اهڙن ڪامل ولين ۽ مرشدن جو سلسلو ازل کان وٺي ابد تائين جاري رهندو. جيڪي پنهنجي روحاني راز ذريعي رستن تان پٽڪيل ماڻهن کي حق جي واٽ ڏيکارييندا رهندا. اهڙي صوفين واري سلسلي جو مهندار سائين سرڪار فقير مهدي جهانيا بہ هن ڌرتي جا اهڙاسباجها سپرين حق موجود وارا هادي آهن جن پنهنجي روحاني رمزن ذريعي ڪٺ ڇڙهيل دلين جو سرهو سينگار ٻڌجي ماحول کي معطر ٻڌايو آهي. سندن طالبن فقيرن بہ مرشد جي حق واري هولي هولڙ ۾ کا گهٽتائي ڪانہ آندي آهي. اصل ۾ سڀني صوفي فقيرن، درويشن جو فيض پوري هند سنڌ ۾ ڦهليل آهي سونهاري سنڌ جا وروڪڙ، رودِ رستا گيڙوءَ جي گفتار ڪندا رهن ٿا. جهوڪ جي شهنشاهيءَ ڪان وٺي نوشهري جي نصيري نيهن تائين يا وري خوش خير محمد جي فنائي فڪر ڪان وٺي مهدي جي مهنداريءَ تائين هڪ اهڙو پيار، پريت، نيهن، نيازءِ نوڙت جو نظارو اکين سامهون ايندو رهي ٿو. جنهن نظاري جي هر جهلڪ ۾ محبوب جو جلوو پسيو وڃي ٿو وجود جي ورقن کي سڪ سوز جي خيالن سان ڏوئي صاف ڪرڻ صوفيءَ جي ذات ۽ ڏاڻ آهي. جيئن لطيف سائين فرمايوآهي

"صوفين صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو
تِهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو"

جهڙي طرح منهجي ڏاڏا سائين نوشهرو نيهن جي سرواڻ سرڪار مرشد پاڪ صوفي شاه نصير سائين جن وحدت الوجود وارو رستو ٻڌائيندي فرمايوتہ:

"مرشد محبوب منهنجو ، سدا رهي سرير
ظاهر باطن ساڳيو ، آهي منجهہ اکير
اهو نيهن نصير ، جنهن نانگا نيزي چاڙهيا"

اهڙيءَ طرح مهديءَ جي محبت جو ماپو نٿو ڪري سگهجي فڪر ۽ فهم جي ڦرهي هٿ ۾ ڪٿي حق جو هوڪو ڏئي منصوري ميدان تي سرگهوريو مهدي جهڙي

مهندار جوئي ڪم آهي، جيئن پاڻ منصوري دم هڻندي فرمايو اٿن تہ:

منصور واري مام تي محڪر، ڪوهہ ڪيون ڪنهن جي ڪاڻ
پاڻ وڃائي پاڻ ٿي آيس ، پنهنجو آهيان پاڻ

ڪتاب "سيئي پگيون سين حدون" جو مطالعو ڪندي اِئين محسوس ٿئي ٿو منصوري معراج جو دڳ ان ئي انداز ۾ سمايل آهي. وحدت ۽ ڪثرت جي اونهائي ۾ وڃي مرشد جو ديدار ڪرڻ سرڪار مهدي سائين جهڙن فقيرن جوئي عمل آهي. سندن شاعري، جو اڪر اڪر وحدت جي فڪر ۽ وڏائي سان ٽمڙار نظر اچي ٿو. سندن عشق جي اُڏام جي ڪابہ حد نہ آهي. خوبصورت ڪافين ۽ خيالن ۾ مرشد جي سونهن، ساڃيا جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. پنهنجي محبوب جو چهرو پسڻ سان خوف خطرا اڏامي وڃن ٿا ۽ جيئري جنت جون بهارون نصيب ٿين ٿيون جيئن پاڻ فرمايو اٿن

پنهنجي پاڪ پسيم پيشاني، ويا خوف خطرخفقاني
هڻڻ حجاب هليو ويو هڪ دم، نور رهير نوراني
رنگ چڙي بي رنگ رهياسين ، لاحد ۾ لاثاني
ساهہ صدق سرگهوڑڻ گهوريان، مهدي اڳيان مهماني

مرشد کي اثبات ڪرڻ جو مقصد ئي اهو آهي تہ توهان ڪجهہ بہ نہ آهيو جيڪو ڪجهہ آهي اُهو اوهان جو هادي ئي آهي! جنهن جو نہ دل سان تعلق آهي نہ وري دماغ سان پر اُهو روح سان ريجهيل آهي، جيئن مهدي سرڪار جن فرمايوتہ:

"اڻ ڏٺي جي ڪر اثباتي ، ڏٺا سڀ وسار"

مالڪ حقيقي جنت جو تصور ڏئي هن فنا واري جهان ۾ جنت جا نمونا پيش ڪري بقا جو سڏو ڏس ڏنو آهي. مهدي سرڪار جن مالڪ جي ان فلسفي کي روحاني انداز ۾ بيان ڪندي فرمايو تہ

جيڪي آهي هتي، هُت چا هوندو
هتان ڪٽي اڳتي الائي چا هلندو

پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ جو فلسفو سڀني صوفين جو مرڪز رهيو آهي، جيئن سرڪار مهدي جن فرمايو،

پنهنجو پاڻ سڃاڻين ، حق سڃاڻين
تون تہ سارو سبحان آ، ٻيو نہ ڪو گمان آ

سائين فقير مهدي سرڪار وحدت ۽ ڪثرت واري سوچ کي اهڙو ته چٽو ڪيوآهي جو سيئي حدون پڄي پون ٽيون ۽ حقيقي مرشد جو ديدار نصيب ٿئي ٿو. سرڪار مهدي سائين جن حد لاحد جو سير بيان ڪندي فرمايو.

سيئي پڳيون سين حدون ، ڪاهي پيا آهيون قصور ۾

انهيءَ قصور ۾ پيا آهيون ڪاهي، جيڪو قصور منصور مارائي
اڃان به سورن جون سَڏون ، هر دم آهيون حُضور ۾

ڪِٽي عاشق آهيون عذابي ، ڪِٽي صوفي صاف ثوابي
ڪِٽي برابر بدون ، آهيون نِسوري نُورَ ۾

حد لاحد کان لنگي اڳاهون ، هيا وري ڪهڙا پنڌ پُڇايون
صورت واريون سِڏون ، گهايل آهيون انهيءَ گهُورَ ۾

ڪِٽي احمد ڪِٽي احدي ، ڪِٽي محمد ڪِٽي مهدي
ڪِٽي مي پيون ٿا مدون ، پَل پَل آهيون انهيءَ پُورَ ۾

سرڪار مهدي سائين جن مالڪ حقيقي کان وٺي سڌي سردار ۽ پاڪ امامن کي به پنهنجي شاعريءَ جي آئيني ۾ آڻي محبوبيت جا چٽا رنگ ڀريا آهن. جيئن فرمايو اٿن ته

ڪار قتل کان ڪنڌ نہ ڪيائج، ڪربل وارو قرب ڪمائج

يا وري فرمايو اٿن ته:

بني هاشمي نور نرمل نرالي
ڏيوَن اُٺ قطاران، بيشڪ بخشڻ والي

هن ڪتاب جا شارح سائين سمر علي سرڪار جن جيڪي پڻ مهدي مهندار جي فڪر کي طالبن، فقيرن تائين پهچائڻ ۾ پنهنجي عملي، ادبي فيض فڪر جي ذريعي عشق جي اظهاري ڪئي آهي. سرڪار سمر علي سائين مهدي مهندار جي ڪتاب جي شرح ڪري پاڻ کي حق سچ وارو سچو اڳواڻ ثابت ڪري صوفياڻي پريم جي جيڪا پرچار ڪئي آهي، ان جي ساراهه ڪرڻ لاءِ لفظن جو سهارو وٺڻ هڪ اڻ ڪٽندڙ ڪوشش آهي. سمر علي سرڪار جن جي هي ڪوشش فقيرن، طالبن لاءِ هڪ اُتساهه جو ذريعو آهي. فقير جو عجيب روحاني ڳانڍاپو آهي جنهن

ڳاڻڀي جي بنياد تي ڪامل ولين جو پيغام سندن طالب تنوارن تائ ۽ آها طلب تنوار، راڳ رهاڻ ۽ ادب اخلاق جي صورت ۾ عام ماڻهن تائين پهچي ٿي يا وري مرشد هاديءَ جو پيغام ڪتابي صورت ۾ به پهچايو وڃي ٿو، ان رنگ ۾ رڳيل فقير همراز "منگتو" جي قلبي ڪوشش روح کي راحت پهچائي ٿي فقير همراز نصيري نيهن جو نروار عاشق آهي. جيڪو فقير سائين جائي جمال جي عاشقي اسرار ۽ گم ٿي مختلف محفلون مچائيندو رهي ٿو.

"سيئي پڳيون سين حدون" کي همراز فقير ترتيب ڏئي پنهنجي عشق جي علامت کي نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي سائين سمر علي، سرڪار جي شفقت کيس اهڙي ته جلا بخشي آهي جو سندس ترتيب ڏنل ڪتاب عشق جون اوتون ۽ جوتون ورهائي ٿو همراز فقير جي سيبتي سنگت ۾ سرڪار سمر علي سائين جو طالب صنعت علي فقير موجود آهي. جنهن جي عشق پن ۾ ڪتاب کي هادي مهدي جي صورت پسائڻ جي ڪوشش ڪئي. مرشد هادي کان اها دعا آهي ته ڪتاب "سيئي پڳيون سين حدون" جا سڀ خدمت گذار مهدي مهندار جو روحاني پيغام جهر جهنگ پهچائڻ ۾ ڪامياب ماڻيندا ته جيئن حق سچ جي ٻولي، سان ڪوڙ، ننگي، ۽ مذهبي مامرن ۾ منجهيل ماڻهن کي روشني، جو دڳ ملي.

شاهه نقشبندي تون سر الهئ ، تنهنجي آهي قائم سيد بادشاهي

(صوفي شاهه نصير)

سيد ابرار شاهه

چيئرمين

بزم ادب سنڌ (سوپوديرو)

درگاه صوفي شاهه نصير

نوشهروفيروز

[[حرف حساب جو]]

چوندا آهن ته ڏڌل کير ٿئي ڪونه پوندو آهي، اهڙي طرح ڇٽل تير ۽ چيل شبد به واپس ٿي ڪونه سگهندا آهن.
شرح لکڻ کان اڳ به اهو من ۾ ضرور هو ته هيءَ جيڪا حرڪت تون ڪري رهيو آهين اها هڪ تمام وڏي هجت ٿي سگهي ٿي . ٿي سگهي ٿي مان مراد اها آهي ته جيڪڏهن هادي پاڪ حرڪت کي برڪت ڪري ڇڏي ته وس وارو آهي. باقي ته ورنه هجت آهي هڪ طالب کي ڪهڙي مجال آهي جو پنهنجي هاديءَ جي فرمايل ڪلام جي شرح ۽ معنيٰ ڪري ان کي ڪتابي صورت ڏي!!
ڀلو ٿئي بلوچ صاحب، فقير خريد علي جو جنهن اچي تپائي کنيو ته مالڪن جو رسالو ترتيب ڏنو وڃي، ان لاءِ توهان اتي تڪيه تي رهو ٿا پيا ۽ ڪار به انهيءَ رياضيت فقيريءَ ۾ زڌل آهيو ته پوءِ ڇونه رسالي جو ڪم به ۽ جاءِ وصال جي ڦريو ٻهاري به گڏوگڏ ٻئي ڪم ٿيندا رهن. بلوچ صاحب کي مان ڏيڻ ته قبله فقير معراج علي رضا سائين جن جي حڪم مطابق اوس هو، پر پاڻ ۾ اهڙي جرت پيدا ڪرڻ جنهن سان رسالي جو ڪم مڪمل ٿئي ڪٿان اچي، سو پيو بلوچ صاحب کان سدائين نٽائيندوهيس ۽ مڙئي پيو ها ڪندو هئس ته ها مالڪ لکنداسين، نيٺ هڪ ڏينهن بلوچ صاحب کي به الائي ڇا سجهي آئي، سو تمام گهڻي گهنڀيرتا سان مون کي چيائين ته سرڪار مالڪن جو رسالو ڀلا ڇو ڪونه اڃا ترتيب ۾ آيو آهي؟ جيئن ته آءٌ خيالي طرح سان رسالي لکڻ لاءِ بلڪل تيار ڪونه هئس جو مون کي منهنجو من ان لاءِ اجازت اڃان ڪونه ڏئي رهيو هو، آءٌ ته سڀ ڪجهه پنهنجي هاديءَ مالڪ ڏانهن ڀانئين رهيو هئس ته جڏهن اوڏانهن حڪم ٿيندو ته پوءِ سڀ ڪجهه من ۾ سمائجي ويندو پوءِ اسان بلوچ صاحب کي چيو ته سائين توهان کي جو ڪو چوي ته الله تي ڪجهه لکو يا رسالو تيار ڪيو ته پوءِ توهان ڇا لکندئو؟ ان تي بلوچ صاحب چيو. لکنداسين ته الله بي مثل بي چون ڪل شيءِ محيط خالق ۽ مالڪ وغيره آهي.
مون بلوچ صاحب کي چيو ته اسان پنهنجي هادي رهبر مرشد پاڪ کي سڀ کان مٿي ٿا سمجهون ته پوءِ ان تي ڇا ويهي لکنداسين باقي زماني وارا ته ضرور مالڪن لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ويهي لکندا اهڙيءَ لکت لاءِ جڏهن سندن امر ٿيو ۽ حوصلو مليو ته اسان به ضرور لکنداسين تنهن تي بلوچ صاحب سمجهو ته هن پاڳل سان مٿو کپائڻ اجايو ٿيندو، سو وري ٻيو پلٽو کاڌائين ته ڀلا مالڪن جو جيڪو شعر ڪلام ڪافيءَ جي صورت ۾ آهي سهيڙي گڏ ڪري کيس ڏنو وڃي بمع منعيٰ سان ته جيئن عام ماڻهون ان کي سولائي سان سمجهي سگهي ۽ غلطي ڪرڻ کان بچي سندس هن حڪم کي مون لبيڪ چيو ۽ آهسته آهسته ڪم جي شروعات ڪئي.

پر اهو خيال اندر ۾ ضرور هو ته هي هجت ڪري رهيو آهيان. پر وري ساڳي وقت بلوچ صاحب وارو چوڻ ته ڪلام صحيح پڙهيو ويندو ته وري ڪنهن حد تائين مطمئن به ٿي پئي ويس.

هي ڪم بلوچ صاحب صرف پنهنجي ذات تائين محدود رکيو هو. هن کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جو نڪو بلوچ صاحب ئي سوچيو هو ۽ وري مون وٽ ئي ڪا اهڙي صلاح هئي. وقت گذرندو رهيو مالڪن جو ڪلام پنهنجي ناقص سمجھ آهر جيئن جو سمجهيم تئين ئي اوتيم باقي فقير پنهنجي شعر جو مقصد ۽ معنيٰ ته پاڻ ٿو ڄاڻي، هن کي ڪهڙي مجال آهي جو ان لاءِ ڪجھ چوي. هي ته هرڪو پنهنجي پنهنجي سمجھ مطابق جيتري جنهن وٽ ڄاڻ هوندي اوتروئي ماڻ ۾ ماپندو. سو اها ته هر ڪنهن کي چوڻ آهي ته ڪنهن جي شعر جي ڪهڙي به معنيٰ ڪڍي. شاعر جي پنهنجي سمجھ آهي ته پڙڻ واري جي پنهنجي. ته وري پڙائڻ واري جي پنهنجي هرڪو پنهنجي وٽ آهر پيو واڪ ڏيندو.

قصو ڪوتاهه ته اهوڪٽڪو مون کي هميشہ رهندو پئي آيو ته هي جيڪو هادي مالڪن جي ڪلام جي شرح وارو ڪم آهي ڪٽي .... هجت نہ هجي!! پر ساڳي وقت شرح ۽ معنيٰ وارو ڪم مون کي ڪرائڻ وارو ته پاڻ ئي فقير آهي چو ته هون۽ ته مون کي ڪا مجال ئي ڪونہ آهي جو اهڙو هجت جهڙو ڪم ڪري سگهان. مون کي ته ڪڏهن به اهڙو گمان ڪونہ ٿيو هو ته هڙو ڪم سرانجام ڏجي، سڀ ڪجھ پنهنجي ليکي ٿيو آهي ۽ ٿئي پيو. شروعات خريد علي۽ فقير جي ٿيل آهي ۽ هُن هي ڪم صرف پاڻ تائين محدود رکيو هو. اِهو نہ ڪو خريد علي فقير جي وهم گمان ۾ هو ۽ نڪو وري منهنجي خيال ۾ هو ته هي ڪم ڪڏهن ڪتابي صورت ۾ اختيار ڪندو جيڪا هن وقت وٽي چڪو آهي اڳتي چا ٿيڻو آهي ۽ چا ٿيندو اِها ڪنهن کي به خبر نہ آهي ممڪن آهي ته وري ڪو پيو اهڙو "منگتو" ميدان ۾ اچي ۽ بيرنگ کي رنگ ڏي! پر ٿيندو تڏهن جڏهن پاڻ فقير چاهيندو.

مخدوم فقير

سرڪار سمر علي سائين جهانيان

مخدوم فقیر مهدی سائین جهانیان

مخدوم فقير معراج علي رضا سائين جهانيان

(سمر علي سائين جن جا والد بزرگوار)

مخدوم فقير سمرعلي سائين جهانيان

(ڪلام)

ٿلهه ✤ سِڌو پنڌ صُورت جو، ٻِيون واٽُون اَٿئي وَرُ
ڏورين ڇو ڏُونگرُ

❶

مال مَڏيون محبوب تان ، گهوري گُهمائج گهرُ

❷

لاهي ڏيج لِڳن تان ، ماسُ هَڏنِ جو ڳِرُ

❸

لاهي لاڳاپا لوڪ جا ، صَدقي ڪَجانءِ سِرُ

❹

زُهد عبادت زاريون ، ڪرين ڇو هَرهَر

❺

محڪمُ رَهہُ ان موجَ ۾، مهديءَ سان ماهِرُ

تشريح :- هن ڪلام ۾ هڪ کي ٻئي سان مخاطب ڏيکاريو ويو آهي. يعني مطلوب جي طالب کي هدايت ڪيل آهي، جنهن ۾ صورت جو پنڌ سمجهايل آهي. هاڻي پهريون تہ اهو سمجهڻو پوندو تہ اُها صورت ڇا آهي؟ جيستائين صورت جي هجڻ ۽ ان کي سمجهڻ جي خبر نٿي پوي تيستائين تہ اُن جي پنڌ پيچري ۽ ريت رسم جي ڪا بہ بروڙ پئجي نٿي سگهي ذات خداوندي تہ هر صورت ۽ صفت کان مُبرا آهي. هو بي مثل ۽ بيچون آهي. هُن کي ڪو بہ جنم ڪونهي، ڪو بہ مرڻ ڪونهي، پر اهي تہ ضرور! جيڪا شيءِ آهي تہ ان کي وجود بہ آهي. جنهن کي وجود آهي، تنهن کي سُجود آهي. جڏهن آدم جي جسم ۾ آيو، تڏهن وجود ظاهر ۾ سمايو ۽ " **الاِنسان سري وانا سره** " چيائين، پاڻ کي وجودي صورت بخشيائين، جيڪا انساني صورت ۾ اچي سمائي.

احدي دي وچ ، عَبدِي آئِي
تنهن مُورت وچ ، صورت سمائي

" غلام شاه "

پهريان احد هو پوءِ عبد ٿيو وري احد ٿيو

"وحدت مان ڪثرت ٿي، وحدت ڪثرت ڪُل

"سچل سائين"

جڏهن انساني صورت ۾ آيو ته وحدت مان ڪثرت ٿي وئي. هڪ مان گهڻا ٿي ويا. هاڻي انهن گهڻن مان هڪ کي سڃاڻڻو آهي. وحدت جي ظاهري صورت ڪثرت آهي، ڪثرت مان ئي صورت جي خبر پوندي

ريءَ صورت نہ سُڃاپي ، صورت هڏِ مَ سوجهہ
ٿي ٻاراڻي ٻوجهہ ، وڃائج وُجود کي

"سچل سائين"

❖

بي صورت کي، صورت سمجهي
سالڪ ڪن ٿا ، سر جو سَيرُ

"محمَّد فقير کٽياڻ"

طالب ڪاڻ اها صورت، مُرشد پاڪ جي صورت آهي ۽ اهائي بي صورت جي صورت آهي. ان ڪري ئي مولا پاڪ جن هدايت فرمائي آهي ته ٻيون واٽون به آهن پر اهي ورن وڪڙن واريون آهن ۽ آخرڦري گري وري به صورت جي ئي پنڌ ڏانهن موٽڻو پوي ٿو. تنهن جي ڪري ٻين ڏونگرن ڏورڻ کي ڇڏي صورت سان وڃي پيچ پائجي اهو سمورو سندن مشاهدو ماڻيل آهي. جنهن جي طالب کي تلقين ڪري رهيا آهن

هاڻي جڏهن ان صورت جي خبر پئي ته اها محمدي صورت، مرشد پاڪ جي صورت آهي. ته پوءِ ان صورت کي سڃاڻڻ لاءِ پنڌ اهو ڏسيو ويو آهي ته اُن صورت تان پهريان گهر کي گهوري گهمائڻ، پوءِ ماهہ ماس ۽ هڏن جو ڳڙ به ڪوري ڪپي ڏئي ڇڏ . آخر ۾ سڀئي لاڳاپا لاهي سڱ سياپا ڇني همه ٿڻ ۾ من ٿي . سچ سڪ سان وڃي سر جو سودوڪر پر سودو به صدقي وارو نہ ڪي ٻيو جڏهن سر به صدقو ٿي ويو ته هنجو وجود به نہ رهيو جڏهن وجود ئي ختم ٿي ويو ته پوءِ زهد عبادت ڪير ڪري؟

جڏهن سڀ ڪجهه محبوب جي حوالي ٿي ويو تہ پو، پيو ڪجهه ٻہ نہ رهيو سواءِ سندس عشق جي موج عشق جي مستيءِ ۾ تون ۽ مان جو فرق ميٽجي ويو. طالب ۽ مطلوب سان ملي ماهر ٿي هڪ ٿي ويو تون هين تون جي موج وڃي رهي احد ۽ عبد . صورت ۽ مورت سڀ هڪ ٿي ويا

(ڪلام)

ٽلهه اُونڌي ڪنڌ اُداسي ، اسم ٿا اورين

❶

پايو مُنهن مونن ۾ ، سمرڙيون سورين

❷

عَدُل ۽ انصاف جا ، ويٺا ترَ تورين

❸

اندر باهَر هِڪڙو ، ٻيو نہ ڇَپُ چورين

❹

رندن واري راهه ۾ ، گهوريو سِرُ گهورين

❺

مهڏي جي ميلاپَ لئہ ، ويٺا ڏُکَ ڏورين

حل لغات :-

(1) مونو= گوڏو، منهن مونن ۾ وجهڻ ويهڻ جو هڪ طريقو آهي جنهن ۾ گوڏا اُپا ڪري، ٻوٽيون گوڏن تي رکي ٻانهه ٻانهه تي ورائي تنهن جي مٿان نرڙ رکي ويهڻ، جنهن ۾ ڪنڌ اونڌو رهي ٿو.(2) سَمرڙيون = هڪ قسم جو ڪولابو ٿيندو آهي جيڪو ٻانهه ۾ پائبو آهي ۽ جنهن ۾ موتي پويل هوندا آهن انهن کي تسبيح وانگر سوري سگهبو آهي.

تشريح:- اونڌي ڪنڌ ڪرڻ جا ۽ اصول آهن سواءِ نام جي اونڌو ڪنڌ ڪرڻ گمراهيءَ ۾ شامل آهي عام ماڻهو جو اونڌو ڪنڌ ڪرڻ کان سواءِ ڪنهن نراسائي جي ٻيو نہ هوندوآهي. خوشيءَکان ڪڏهن ب هيٺ ڪنڌ نہ ڪبو آهي ۽ جڏهن ڪو غمزده معاملو پيش ايندو آهي تڏهن هيٺ ڪنڌ ڪرڻو پوندو آهي ان لاءِ اهو آهي تہ هرو پرو هيٺ ڪنڌ نہ ڪجي جو اُها گمراهي آهي باقي جي اصول سان مراقبہ ڪندو تہ پوءِ رهنمائي آهي اهي اونڌي ڪنڌ ڪرڻ جا سمورا اصول سرڪار پاڪ جن پنهنجي هن زيرذڪر آيت ۾ بيان فرمايا آهن. پهريون تہ اسم جي اور کانسواءِ

اونڌو ڪنڌ نہ ڪجي پهنهنجي دل جي قاضيءَ مفتيءَ جي ميزان ۾ عدل انصاف جا تڙ تورجن. پهنجي ڪسوٽيءَ تي پاڻ کي ئي پرکڻو آهي . تڙ تڙ جو حساب ڏيڻو ونڻو آهي. مطلب اهو آهي تہ ٻئي ماحول کان اکيون ٻوٽي وسارو ڪري ڪنڌ هيٺ ڪري، پنهنجي مولا جي نام ۾ گُمُ رهجي.

هت انهن سالڪن ڏانهن اشارو ٿيل آهي جيڪي اونڌو ڪنڌ ڪري مولا جو نام اورن ٿا هو عادل بہ آهن ايتري قدر جو انهيءَ راهہ ۾ پنهنجو سر بہ صدقو ڪري ٿا ڇڏن. بس هنن کي رڳو هر وقت پنهنجي يار جي تار لڳل آهي ۽ چپ چورن ٿا تہ صرف ان جو نالو ئي ڳڻهن ٿا هنن جو دم قدم يارجي لاءِ آهي هو هر دم يار جي ياد ۾ آهن هو جو دم غافل سو دم ڪافر ٿا سمجهن. يار جي وصل خاطر هو هر ڏک کي ڏورڻ لاءِ تيار آهن ۽ ويڻا ڏورن بہ ٿا.

(ڪلام)

ٽلهه ❁ مَرڻُ جيئڻُ وَسُ منهنجو ، قضا کي ڪهڙي قدرت

وسري وئي وحدت

❶

موتو ٿي ڏٺمُ موت کي ، اَنتَ موتوُ آيتَ

❷

سِرُ ڏنوسين سِڪَ مان ، سامهون ڪري صُورت

❸

پُرِ جهي ڏٺمُ پاڻ ۾ ، آڏو نا عِبرت

❹

ظاهِرُ ڪَيڙمِ ذات ۾ ، مهّديءَ جي مُورتَ

تشريح:- هيءَ احديت جي ٻولي آهي. سالڪ جڏهن فنافي الله ٿي بقا بالله ٿو ٿئي تہ پوءِ هوپنهنجومالڪ پاڻ ٿيو پوي. هوڪلي اختيار وارو آهي پوءِ هو قضا جو مالڪ پاڻ آهي جيستائين عبديت ۾ هئو تيستائين تہ سائين سائين ڪندو رهيو پر جڏهن احديت ۾ پهتو تہ سائين وسري ويس، چو جو سائين سائين ڪرڻ وارو گم ٿي ويو ، هڪ پاڻ ئي وڃي رهيو ٻيو ڪو ڏسڻ ۾ اچيس تہ انڪي ياد ڪري!

هِتِ وسري وئي وحدت جي معنيٰ اها سمجهڻ نہ گهرجي تہ ڪو مولیٰ جي نام کي ئي وساري ڇڏجي! هن ڪلام ۾ وحدت لفظ جي معنيٰ هيئين ٿيندي:

"وحدت ڪرڻ" يعني زهد عبادت ڪرڻ يا ذڪر فڪر ڪرڻ وغيره. سو جن جي هٿ ۾ مرڻ جيئڻ ٿيندو اهي زهد عبادت جا بہ مالڪ ٿي ٻيا ، انهن کي ڪا بہ ڪاڻ ڪانهي انهن عبدي ڳالهن جي، هو پنهنجي ئي خودیءَ ۾ خود غرڻ آهن. هنن کي نہ بانگ جي نہ صلوات جي نہ روزي جي نہ زڪوات جي.

مرڻ کان جيڪي اڳي مئا، سي مري ٿين نہ مات
هوندا سي حياتُ ، جيئڻا اڳي جي جيئا

"مراد فقير"

مُوتُو قبلَ اَنتَ مُوتو مرڻ کان اڳي مري جيئڻ. مرڻ جو ظاهري مهانڊو اِهو آهي ته هن جسم کان جدا ٿيڻ. هڪ ڏينهن هن جسم ۾ داخل ٿيو هو ۽ هڪ ڏينهن ان ڀانڊي کان ٻاهر وڃڻو اٿس. فقيرن به انهيءَ ڳالهه کي وڃي ڳولي لڌو ته جڏهن هي هن جسم ۾ اچي ۽ وڃي سگهي ٿو ته پوءِ ڇو نه پيو اچي وڃي! هتي اچي ڪري پويون رستو ڇو ڀلجي ويٺو آهي ؟!

هن کي اڳين ڪابه ڳالهه ذهن تي ڪانه آهي،عالم مثال ۾ پهچڻ سان هي بي سمجهي واري حالت ۾ اچي ٿو وڃي پوءِ جيڪا آهسته آهسته هن کي سمجهه ايندي ٿي وڃي اها سموري جو سموري عالم مثال واري سمجهه آهي عالم لاهوت هُڻ کان ڀلجي ٿو وڃي. هوءَ سمجهه هاڻي تڏهن پوندي جڏهن هن سمجهه کي وڃائجي

"ڄاڻ وڃائي ڄُل ته اوڏو ٿئين عجيب کي"

ڄاڻ وڃائيندي وڃائيندي پنهنجي وجود کي ئي وڃائي ويٺا !جڏهن هي وجود فنا ٿيو ته باقي وڃي بقا رهيو،جيڪو آهي ٻنهي جهانن جو مالڪ اهو هت به پيو اچي ته هوڏانهن به پيو سير ڪري. انهن کي موت ڪڏهن به ڪونه ماريندو، اهي پنهنجي مرضي وارا آهن، جڏهن به چاهين ته کڻي برقع مٽائين :

اچڻ وڃڻ جي لذت خاطر ، مِهُڻ مرڻ جو ٿئي
دُرسُ دريا خان الله عياشي،سڀ ڪجهه کائي ٿو پئي
"دريا خان فقيرڪلهوڙو"

فقيرن ته هڪ نقطي ۾ ئي سموري ڳالهه سمجهائي بلڪ عيان ڪري ڇڏي آهي هجي جيڪو سمجهي ۽ اعتبار ڪري!

بُتُ اِهوئي ضايع ٿي سئين ، اول آخر ڏيکڻا
ضايع ڪنون اڳ مايه ٿيوين، حرف اناالحق ڳهڻا
"سچل سائين"

(ڪلام)

ٽلهه ♣ هجت حسن سان ناهي چگي ، هر ڪو ٻيهي پَري پَڄي

❶

هجت حسن سان جن ڪئي ، تن وڃائي ويهي وهي
ان ريجهه ۾ وِيڙا رَهي ، تن کان سرت وئي ساري سڃي

❷

هجت جو جن هلاءُ ڪيو ، اثبات تن نہ الله ڪيو
ڪُفر جو تن ڪُلاهُ ڪيو ، سي لاڪ ۾ ٽيڙا لڃي

❸

عاشقن انصاف آ ، صورت سر کي طوافُ آ
وئي وحدت وارو واسُ آ ، نہ تہ خان ويا ڪيئي ڪڃي

❹

مهدي اسانجو امام آ ، سَجدو جنهن کي سلامُ آ
قائم اهو ئي ڪلامُ آ ، وياسين راز رهبر جي رَڃي

حل لغات:-

(1) هُجت = محبوب سان گستاخي ڪرڻ، هٽ ڇهڻ، ٻئي کي شريڪ ڪرڻ، پاڻ پائڻ وغيره (2) هلاءُ = ڦهلاءُ، پڙهو ڏيڻ (3) ڪُلاهه = ڪُلو، ڍگهي ٽوپي چوتي (4) لاڪ = ٻتاڪ، ڍاڙ (5) طواف = چوڌاري ڦرڻ. پري کان ديدار ڪرڻ جيئن ڪعبہ جو طواف ڪندا آهن (6) رڃي = مصدر: رڃ ٽيڻ يا رڃڻ بمعنيٰ پُر ٽيڻ، پرجي وڃڻ، ڀائجڻ.

تشريح:- هِتِ طالب کي هجت نہ ڪرڻ جي تنبيهہ ڪئي وئي آهي هجت جي تمام وسيع معنيٰ ورتي وئي آهي هر اُها ڳالهہ يا هر اهو فعل جيڪو طالب کي مادي مزيداري رسائي ان کان منع ڪيل آهي. حُسن جي معنيٰ آهي جمالِ يار هوڻ تہ يار جو جلوو هر هنڌ هر جاءِ هر شيءِ ۾ موجود آهي پر" خلق الآدمَ عَلىٰ صورته" انساني صورت ۾ سندس جلوو ٻئي موجودات کان وڌيڪ نمايان ۽ چٽو آهي

آهي. محبوب جي ظاهري صورت به مُورت انساني آهي ۽ باطني صورت اُها آهي جيڪا اثبات آهي. حُسن جو رڳو طواف ڪرڻو آهي انکي ڇهڻو نہ آهي جيڪڏهن هڏ لائبو تہ هڏ ڪارو جي منهن لائبو تہ منهن ڪارو ، مطلب جيترو بہ ويجهو ٿبو اوترو ڪارنھ وڌيڪ چڑهندي. پاڻ پائڻ ۾ نافرماني ڪرڻ بہ هجت ۾ شمار ڪيو ويو آهي "هجتي لعنتي "سڏيو ويو آهي تڏهن عزازيل بہ لعنتي بڻيو جو هن حڪم جي پيروي نہ ڪئي ۽ پاڻ پائڻ لڳو. هو پاڻ کي سڀني فرشتن کان وڌيڪ عابد زاهد ۽ الله جي ويجهو سمجهڻ لڳو. هُن پنهنجي عمل تي فخر ڪيو جيڪا ڳالهہ محبوب کي نہ وڻي ۽ هو لعنتي ٿي ويو:

عاشق تہ عزازيل ، ٻيا مڑئي سَڏيا
منجهان سڪ سبيل ، لعنتي لعل ٿيو
"شاهہ"

انهي سبيل سڪ هُن کان هجت جو هلاءِ ڪرايو. لاف هٽائي ۽ ڪُفر جو ڪلو پرايو، مادي حُسن جي چاشني چکڻ کان بہ منع ٿيل آهي. ورنہ اُن جو بہ چسڪو اهڙو آهي جو جن چکيو سي چريا ٿيا ۽ انهن کان سموري سُرت ڇڏائي وَئي ۽ اُن مزي تي موهجي ويهي رهيا. ان کان بچڻ لاءِ فقير پاڪ جن عاشق الله وارن جو رستو ٻڌائن ٿا تہ صورت جو رڳوطواف ئي ڪرڻو آهي ان کي ويجهو وڃڻو بلڪل ڪونہ آهي پر اهو سڀ ڪجهہ تڏهن ٿي سگهندو جڏهن فقير جو نام وٺي اڳتي قدم کڻبو. نہ تہ تہ فرمائن ٿا تہ ڪيئي تو جهڙا خان ڪچي ڪپي ويا. آخري بند ۾ پنهنجي اثباتي ڏيڪاري اٽن، جيڪا سرڪار جي گهڙو ڪري هر ڪلام ۾ نالي واري آخري مصرع ۾ ڏيڪاريل آهي پاڻ ٻئي ڪنهن جي رهبري پنهنجي ڪلام ۾ ڪٿي بہ ڪونہ ڏيڪاري اٽن پاڻ پاڻ اثبات ڪيو اٽن، جيڪو سندن هر ڪلام جي نالي واري مصرع مان ثابت ٿئي ٿو جيئن تہ مهدي جي منهداري، مهدي منهدار، مهدي سان ملايئي، مهدي امام وغيره. سرڪار پاڪ جن پنهنجو پاڻڪي اثبات ڪيو آهي سندن هڪ ٻئي سُخن پاڪ ۾ فرمايل آهي تہ

"پاڻ وڃائي پاڻ ٿي آيس ، پنهنجو آهيان پاڻ"
"مهدي سائين"

ٻئي جي رهبري جو پاڻ ڪٿي به، ڪنهن به ڪلام ۾ ذڪر ڪونه فرمايو اٿن. ٻين فقيرن پنهنجي مرشد جي ثنا ته ضرور ڪئي آهي پر گهڻن ته وري ٻين بزرگن ۽ اوليائن جهڙوڪ چاريار، شيخ عبدالقادر جيلاني ۽ قلندر شهباز وغيره کي به پنهنجو رهبر ڪري ڄاڻايو آهي. سرڪار مولىٰ جن جي ڪلام ۾ پنجتن پاڪ جي ساراهه کانسواءِ ٻيو ڪنهن جو ذڪر ڪيل ڪونه ٿو ڏسجي. پاڻ ڄمندي ئي ڄام آهن ان ڪري کين ٻئي ڪنهن جي رهبري جي ڪابه ضرورت ڪانهي.

(ڪلام)

ٽلهه ❀ عاشق ٿي تہ اَسيرُ ، آيو عشق اَميرُ
پڙهي فرض فنا جو ، فالم ٿي تہ فقيرُ

❶

عشق آهي اَمُلهه ،جنهن جو ناهي ڪو مُلهه
سر جو سودو سَل ، ثابت ٿي تہ سِيرُ

❷

عشق آهي عالمُ ، سبق ڏئي سالمُ
منجهئون منجهه معالم ، آهي پاڻ اڪثيرُ

❸

عشق جنهن سر آئي،رَنگُ تنهن سِر لائي
نالو ذات ڇاهي ، سيد هجي توڙي ٻيو

❹

مهدي محمّد هك ، لاهه ۔ياثين شڪ
ڏئي دوئيءَ کي ڏيڻُ پياري شرابُ وشيرُ

حل لغات:-

(1) اسيرُ = قيدي، جيلي (2) فالِمُ = احمق ۔ ي في علم بمعنيٰ عِلمَ سان، علم منجهه، عِلمَ وارو،خود علمُ (3) سا = پورو، واڪ، چئو (4) سيرُ = سچُ (5) سالمُ = پورو، صحيح، سلامتُ (6) اڪسيرُ= ترياق، وڏ ۾ وڏ مُفيد (7) شيرُ= کيرُ

تشريح:- ڪن عشق کي آفت سڏيو تہ ڪن ڪانگ سڏيس تہ ڪن وري زهرُ قاتل سمجهيس جنهن جيئن ڏٺو تنهن تيئن چيس پر جهڙيءَ طرح هت عشق جي ۔ ۔ ۔

لاتوسين! فقير سرڪار جي سموري شعر ۾ عشق کي اهو بهاريل ڏيکاريو ويو آهي، جو ڪٿي به ڪنهن ٻئي جي شعر ۾ ملڻ محال آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڪٿي عشق کي ڪنهن محل بهاري به سمجهيو هجي پر ان سان گڏ واويلا به ضرور ڪئي هوندس. عشق جي آڳ کي سڏائين جي لاءِ ملهار ۽ بوند بهار پائڻ اهو فقير سرڪار جي ئي ڪلام ۾ ملي ٿو. پاڻ ڪٿي به عشق جي آزار جي دانهن وغيره ڪونه ڪئي اٿن. ٻيو ته نهيو پر عشق جي اوکائي ڪٿي بيان ڪيل ڪونه ملندي. مذڪوره ڪلام ۾ به عشق جي واکاڻ ڪيل آهي. عشق جي آمد ٻڌائي وئي آهي. عشق جو آيو ته عاشق ٿيو آيو. عاشق محبوب جي آڏو پابند هوندو آهي. عاشق کي ٻئي هر طرف کان، سواءِ محبوب جي هڪ قسم جو عشق جو قيد ٻڌل هوندو آهي هُو محبوب وٽ قيد ٿيل هوندو آهي. مولا پاڪ جن عشق جي تعريف بيان ڪندي پاڻ عشق کي عاشق به چيو اٿن ته فقير به سڏيوائن. اهو عشق ئي آهي جيڪو عاشق به آهي ته فقير به آهي. عشق ئي آهي جيڪو فنا جو فرض پورو ڪري اڇي فقير ٿيو آهي.

پهرين مصرع ۾ فرمائن ٿا ته عشق اها شئي آهي جنهن جو ڪو به ملهه ڪونه آهي هي هڪ ملهه مهانگي چيز آهي. جنهن جو ڪوبه ملهه مقرر ڪري نٿو سگهجي. البت سر جو سودو آهي جيڪو ثابت ٻڌجي سگهي ٿو، پر اُهو به تڏهن جڏهن:

محبت پائي من ۾، رندا رهڙيا جن
تن جو صرافن ، اڻ توريو اگهايو

"شاهه"

پهريان ته سچو ثابت ٿيڻو آهي ۽ اندر مان اڪل ڪڍڻي آهي. جيڪڏهن رُڳو سر وڍائڻ جي ڳالهه هجي ته پوءِ ته تمام آسان ڪم ٿي پوي، پر هت ته شرط پيل آهي سچي نيت جو سر جو سودو ته ڪرڻو آهي. پر پهريان ان عشق جي ميدان ۾ ته اچي ڏسي ان رستي سان ڪجهه هلي به ته ڏسي. سواءِ محبت جي جيڪڏهن سر وڍايائين ته چاڻي پيو! ائين ته ڪوڙ پيا ڪُسن ۽ مَرن پر اظهار اهي آهن جيڪي محبت ۾ مُڪا ۽ سڪ ۾ شهيد ٿيا. ان ڪري پاڻ فرمائن ٿا ته "سر جو سودو سَل پر ثابت ٿي ته سيڙ" محبت جي ميدان ۾ پاڻ کي سچو ثابت ڪري. اڪل اندر مان ڪڍي پوءِ اچي سر جو سودو موڪ ته ثاب پوئي. جيئن ٻي هنڌ پاڻ فرمايو اٿن ته:

هتئون جو حال ، ڪرڻ ڪنهن کي سوال
اڪل سائُ الله ، ڪڏهن ڪين ملندو

"مهدي سائين"

جيستائين پاڪ صاف ٿي اندر کي اجاري، اچو ڪري محبت من ۾ پائي ميدانِ مقتل ۾ نہ گهڙندو، تيستائين سودو سفرو نہ ڪري سگهندو. عيدِ اضحیٰ جيڪو قرباني جو هڪ نندڙو مثال پيش ڪيل آهي تہ ان ۾ ئي اهو جانور قبول ڪيو ويو آهي جيڪو هر لحاظ کان بي عيبُ هجي. ايتري قدر جو نہ تہ اهو صفا نندو هجي ۽ نہ ئي وري ڪراڙو، عمر جي لحاظ کان بہ جوان جماڻ قبول ڪيو ويو آهي. هي، تہ ڪربلا واري قرباني آهي، جيڪا عشق جي ميدان ۾ ڏجي ٿي. هن ۾ اندر اجاري اچو ڪرڻو آهي، اندر کي بي عيبُ بڻائڻو آهي. جيستائين اندر عيبدار آهي تيستائين جيڪڏهن سر جو سودو ڪندو تہ اهو جڻ مردود ٿي مڻو. جيئن هڪ دم منصور تہ پيو دم فرعون، سر تہ ٻنهي ڏنو پر فرعون مردود ٿي مڻو ۽ منصور شهيدن ۾ شمار ٿيو.

(2) عشق سمورو سمجهہ آهي عشق جهڙو پيو عالم ڪير بہ ڪونہ آهي. جنهن جو عشق رهبر آهي، ان کي بي ڪنهن رهبريءَ جي ڪاڻ ڪانهي. عشق کان سواءِ بي سپ اوندهہ آهي، عشق جهڙي روشني بي ڪابہ ڪانهي

"جنهن کون عشق بتاوي راهہ
تنهن کون کونہ ڪري گمراهہ"

جنهن وٽ فقيري عشق آهي ان کي ڪائنات جي ذري ذري جي پروڙ آهي. اهو ٻنهي جهانن جو مالڪ آهي. عشق جهڙو اڪثير نہ ڪو پير نہ ڪو ميرُ. عشق فقير آهي ۽ فقير عشق آهي. جنهن جو رهبر فقير اهو ڪيئن ٿيندو دلگير، فقير پارس آهي اڪثير الاڪثير آهي. فقيراولين آهي.

(3) ذات تي ذات نہ آهي، جو وَهي سو لهي. پاڪ مولا جو فرمان آهي تہ فقيري ڪنهن جي ميراث ڪونہ آهي، ۽ نہ وري ڪنهن جو ورثو ترڪو آهي، جو ڪنهن کي ورثي ۾ ملي. هي وچ جي ڏيري آهي، جيڪو ڪٽي! عشق اهو شهنشاهہ آهي جو جڏهن جنهن تي لٽو تہ ان کي رنگ لاتو نالي ذات جو عشق ۾ ڪوبہ دخل ڪونہ آهي. هندو هجي يا مسلم، عيسائي هجي يا يهودي،هن جو ڪنهن بہ مذهب

ملت سان کو واسطو کونهي. عشق جو مذهب ئي نيارو آهي. فقير جو مذهب عشق آهي ۽ عشق جو مذهب فقير آهي

(4) اهو عشق ئي آهي جنهن هر اوست جو سبق ڏنو. انا احمد جي معنيٰ سمجهائي. ۽ مهدي ۽ محمد کي هڪ ڪري ڏيکاريو. عشق فرقان آهي. جنهن تو ۽ مان جو فرق ميٽائي رڳو "تون هين تون" جو درس ڏنو وچ ۾ جيڪا دوئي هئي اها ختم ڪري هيڪڙائي سيکاري. جيڪا نہ ٽيئ واري ڳالهه هئي اها عشق ڪري ڏيکاري. اهو عشق ئي آهي جنهن بندي ۽ مالڪ کي پاڻ ۾ ملائي هڪ ڪري ڇڏيو! ورنہ چا هي چا هو!!

"ڏئي دوئي کي ڏڪ، پياري شرابُ و شيرُ"

"مهدي سائين"

کير ۽ شراب گڏ واپرائي نہ ٿا سگهجن شراب پيبو تہ کير کي هٽ ناهي لائٹو ۽ جي کير واپرائبو تہ پوء شراب پئٹو ناهي. ٻنهي کي گڏ انساني معدو هضم نہ ڪري سگهندو آهي. ۽ بيماري جي حالت پيدا ڪندو آهي پر عشق اهو ترياق آهي جو هر مرض جو مرهم منجهس سمايل آهي. ۽ هر مرض لاءِ اڪثيرالاعظم آهي تنهن ڪري شراب سان گڏ کير پيئ ڪري جيڪو مرض پيدا ٿيٹو هو. اهو عشق پيدا ٽيئ ئي نہ ڏنو ۽ ٻئي گڏي پياري ڇڏيائين

(ڪلام)

ٽلهه ♣ تنهنجي نامَ بنان ، ٻيو نه نامُ وٺين
تو ۾ محبت جا ، آهن مٽاڻ مٽين

❶

ٿُنهنجي مَنَ ۾ ، مُحبت آهي مٽل
ٿُنهنجي قُربَن جا ، آهن ڪيئي ڪُٽلَ
تنهنجي ماڻن جا ، آهن ڪيئي مُٽلَ
آءٌ ته ٽيلُ خريد ، آهيان ڳڏلُ ڳٽين

❷

ٿُنهنجي مَن ۾ ، محبت آهي مُدا
ٿُنهنجي سِڪڙي سيني، منجهه آهي سدا
ڪڏهن ڪين ٽيندسُ ، توکان يارَ جُدا
تنهجي پيلُ پُکي، آهيان قربَ ڪُٽين

❸

تون مهڏي آهين، منهدار منا
توکان دم نه ٽيان ، هڪ ڏارَ مِنا
توکان وِڻي نه وجهان ، وڃئون وارُ منا
توريءَ سڏڙا سڪايَل ، جا ڪيرُ سُٽين

حل لغات:-

(1) ڳڏل = خريد ڪيل، ورتل (2) ڳٽين = جمع آهي ڳڻ جو بمعنيٰ احسان، ٽورو (3) پُکي = پُکو، نصيب، حصو، ڪُٽو (4) سُٽين = ٻڌي.

تشريح :- هوٿن تہ سرڪار پاڪ جن جي ساري سُخنات، جيڪا شعر جي صورت ۾ يا ائين حديث جي صورت ۾ موجود آهي، ساري جو ساري ساهه ۾ ساندڻ ۽ هٿين ۾ هنڌائڻ جهڙي آهي هر لفظ ۽ هر سُخن هڪ ٻڌي کان وڌيڪ

ٻيو پائنجي، پر هن ڪلامَ ۾ سڪ ۽ محبت کي اهڙو ته سڏن، سادن ۽ سولن لفظن ۾ بيانُ ڪيو ويو آهي، جو هر طبقي جو ماڻهون، پڙهيل هجي يا اڻ پڙهيل، ڪلامَ جي ٻڌڻ سان ضرور سندس دل ۾ محبت جو جيڪو به مواد سمايل هوندو اُهو اُڀرو ڪائيندو. هي هڪ سدا بهارُ گيتُ آهي جو هر وقت ۽ هر محفل ۾ گائي سگهجي ٿو موسيقيءَ جي لحاظ کان هن ڪلامَ ۾ هر تالُ يعني رڌم سمايل آهي، ۽ ڪهڙي به راڳ ۾ جيڪڏهن ڪلامَ کي گائبو ته ائين سمجهه ۾ ايندو ته جڻ چيل ئي اصل هن راڳ مان آهي!

مذڪوره ڪلامَ ۾ عاشق جي طرفان پنهنجي محبوب جي محبت، جيڪا سندس اندر ۾ آهي ان جو اظهار ڪيل آهي. ڪلامَ جي ٽلهه ۾ فرمائن تا ته اي محبوب، سواءِ تنهنجي نالم جي مون کي ٻيو ڪنهن جو به نامَ ياد نه آهي. ٻئي ڪنهن شيءِ جي وٽت نه رهي آهي. بس رڳو تنهنجو ئي نالو آهي جيڪو وٽي ٿو، چو جو تو ۾ ايتري ته ڪا محبت سمايل آهي، جو جنهن جو ڪو ڪائو ئي ڪونهي.

(1) انهيءَ تنهنجي اڻ مٽي محبت جو ماريل، رڳو مان هڪڙو به نه آهيان، پر مون جهڙا ٻيا به ڪيترائي ڪُنا ۽ مُنا تا وتن محبت تنهنجي ته هٽي هنڌ ڪيو آهي، جو هر گهڙيءَ ۽ هر پلڪ تون ئي ياد آهين. ٻيو سڀ ڪجهه وسري ويو اٿم. وري قربدار به ايڏو آهين جو مون کي ته پنهنجي احسانن ۽ ڳٽن سان تو خريد ڪري ڇڏيو آهي.

(2) مون کي ته هائي اها به پڪ ٿي وئي آهي، ته آءُ تنهنجي ئي ٻڪي ۾ آيل آهيان. چو ته تنهنجي محبت منهنجي اندر ۾ مُدامي ۽ سدائين لاءِ دائم قائم آهي، ۽ نه وري جدا ٿيڻ جو ئي ڪوامڪان آهي بس ڪُٽين پئي ڪُڇٽين وئي.

(3) تون ئي منهنجو رهبر آهين، تون ئي منهنجو سرواڻ آهين، ۽ تون ئي منهنجو سڀ ڪجهه آهين. ڏڻهن چوان ٿو ته توکان هڪ دم به جدا رهڻ ۽ هڪ وارَ جي وٽي وجهڻ. مون کان ڪڏهن به ائين گوارہ ٿي نه سگهندو. توکان سواءِ منهنجو ٻيو ڪو به وارث ڪونهي. تون ئي منهنجو ڏٺي آهين ۽ تون ئي سميعُ بَصيرُ آهين. توکان سواءِ هن دردپريءَ دل جي دانهه ٻيو ڪير ٻڌندو؟! اوڪيءَ سَوڪيءَ ۾ سڏ ٻُڌڻ وارو تون ئي فقير آهين.

نوٽ :- سرڪار مالڪن جي هن ڪلام ۾ ٽي مصرع آهن اڳ درويش چوٽين مصرع به هن ڪلام ۾ چوندا هنا. پر هڪ دفعو پاڻ سرڪار جن فقراءَ کي منع ڪئي هئي ته اها مصرع هن ڪلام ۾ نه وجهندا ڪيو. چو جو اها مصرع مظهر

فقير ناهي هئي. مذڪوره ڪلام ۾ وڃهڻ لاءِ، پر جيئن ته ٻئي ساري ڪلام ۾ ڪافيو "مذڪر" پيل آهي ۽ هن مصرع ۾ ڪافيو "مؤنث" رکيو ويو آهي. انڪري هي، مصرع هن ڪلام ۾ نٽي وجهي سگهجي. هوئن به مالڪن جي سموري ڪلام ۾ اها هڪ نرالي ڳالهه ڏسڻ ۾ اچي ٿي ته پاڻ ڪٽي به ڪنهن به ڪلام ۾ پاڻ کي مؤنث ظاهر ڪرڻ ڪيو اٿن. سڀني ڪلامن ۾ مذڪر ڄاڻايو ويو آهي. سندن ڪلام کي سجاڻڻ جي لاءِ، اها به هڪ خاص نشاني آهي.

صوفيانه اصطلاح ۾ هي، هڪ چوٽي به آهي ته - "**طالب الدنيا مُخَنث**" يعني دنيا جوجيڪو طالب هوندو اُهو کدڙو آهي ۽ "**طالب العُقبىٰ مؤنث**" يعني بهشت جو جيڪو طالب آهي اهو عورت آهي ۽ "**طالب المولا مذكر**" يعني مولا جو جيڪو طالب آهي اهو مرد آهي. ٻين صوفي فقيرن جيتوڻيڪ هو آهن ته سچا پچا مولا جا طالب پر پنهنجي شعر ۾ پاڻ کي ڪڏهن مؤنث ته ڪڏهن مذڪر ظاهر ڪيو اٿن پر سرڪار پاڪ جن شعر گوئي جي ميدان ۾ مذڪوره چوٽي، وارو خيال برقرار رکيو آهي. مظهر فقير واري چيل مصرع جيڪا هن ڪلام مان خارج ڪئي وئي آهي اها هيٺ ڏجي ٿي.

" تنهنجي من ۾ ، محبت آهي مٺي
تنهنجي قدمن سان، هجان شال ڪٺي
ڪڏهن ڪين ڪندس، توکي يار ڏٺي
تنهنجي طلب اندر ۾، ٿي تات ٽٺين"

"مظهرفقير لاکو"

ٻئي هر لحاظ کان مصرع واه جي رچيل ٿي ڏسڻ ۾ اچي، پر مادي پائي جي ڪري پاس ٿي نه سگهي ۽ خارج ڪئي وئي.

(ڪلام)

ٿلهه ✤ ٻَڌلُ آهيان ٻولَ ٻولَ ، پنهنجي محبوب سان
پنهنجي محبوب سان ، مٺي محبوب سان

❶

ڪالهه ڪالهوڻي، ويڙهلَ وچ ۾
ڪري آيس، قولَ قولَ

❷

مُکَ ميزانَ جي، منصف وچ ۾
تُريلُ آهيان، تولَ تولَ
(بعد ۾ "محبت وارا ميل ميل")

❸

ساعِتَ توريءَ، ڪانه سري ٿي
وٿي وجهان، ڪيئن ويلَ ويلَ

❹

موج مُدامي، مهديءَ ميلي
گهڙيءَ گهڙيءَ،ٿيان گهولَ گهول

حل لغات :-

(1) ويڙهل وچ ۾ = ميڙن جي وچ ۾، گهڻن ماڻهن جي وچ ۾ (2) مُکُ = مُنهن (3) ميزان = تارازو (4) مُنصف = انصاف ڪندڙ (5) مدامي = دائمي، هميشه، سدائين جي لاءِ (6) ويل = ساعت، گهڙي، مهل، وقت.

تشريح :- الست بربکم ، جڏهن ڪن پيومِ
قالوبلىٰ قلب سين، تڏهن تِت چيومِ
انهي ويل ڪيومِ، وَچَنُ ويڙهيچن سين

"شاهه"

روزالست ۾ جڏهن سيني ارواحن کان ذات باري تعالىٰ جي طرف کان پنهنجي حاڪميت جو جيڪو اقرار ورتو ويو هو. انکي قالو بلىٰ وارو قول سڏيو ويو آهي. الله سائين جي طرف کان جڏهن "الست بربکم" جو آواز ارواحن جي ڪنن تي پيو ته اهو ايڏو ته مٺو، سُريلو ۽ پُرسوز آواز هو جو سيئي ارواح موج ۾ مست ٿي ويا، ۽ هڪ دم پنهنجي عبديت جو اقرار ڪري ويٺا ۽ چيائون "قالو بلىٰ". سرڪار مولا جن ۽ اُن کيل قول جي ڳالهه ڪئي آهي ته پنهنجي محبوب سان آڏ ته هولين ٻڌل آهيان. تازوئي تازو، ڪالهه ڪالهوڪي ڏينهن، سيني ارواحن جي وچ ۾ ويهي، قول ڪري آيو آهيان، جنهن کي اڄان ڪو ايترو وقت ئي ڪونه گذريو آهي، منهنجي لاءِ ته جڏ اڃهو هاڻي اهو اقرار ورتو ويو آهي. اهو اقرار عاشق جو معشوق سان ٿيل آهي. اهو قول طالب جو مطلوب سان ٿيل آهي. اهو قول عابد جو معبود سان ڪيل آهي. اهو قول آدم جو الله کي ڏنل آهي، ته

"تون سائين آءٌ هانهي، پاتم پاند ڳچيءَ ڳل ڪپڑو"

سچل

هيءَ مصرع ۾ سرڪار پاڪ جن،انهيءَ قالو جي قول جي ناتي نيائڻ ۾ پاڻڪي ٿريل ظاهر ڪيو آهي. ته تارازوءَ جي پڙن ۾ ۽ عادلن جي وچ ۾ تور ٽڪ ٿيل آهي ۽ اتان ٿري نڪتل آهيون، پر بعد ۾ پاڻ مولا پاڪ جن انهيءَ پنهنجي چيل سخن کي صحيح قرار نه ڏنو ۽ انهيءَ ۾ ڪين هڻڻ ڏٺو ۾ آيو، جنهن ڪري پاڻ فرمائين ته ڪلام مان انهي ٽڪ کي ڪيي ڇڏيو. پوءِ پاڻ ٻي تڪ ڏسين ته اها اُن جي جاءِ تي چئو. ٿريل آهيان تول تول جي جاءِ تي، محبت وارا ميل ميل چوندا ڪريو عاشقن اڃ ڪنن کي هميشه پنهنجي محبوب جي هورا کورا لڳل هوندي آهي. هو پاڻ کي هڪ پل ۾ پنهنجي يار کان ڌار نه پائيندا آهن. جڏهن ساعت هڪ جو گذارڻ ۾ محال آهي، ته پوءِ اتي وٽي ڪيئن وجهي سگهبي. عاشق صادق سدائين پنهنجي يار جي ديدار ۾ رهن ٿا، هو سدائين واصل آهن. هو هميشه ميلاپ جي موج ۾ رهن ٿا ۽ پنهنجي محبوب تان هر هر پيا ٿا پنهنجي سر کي صدقو ڪن. مولا پاڪ جن جي ته اثباتي ئي پنهنجي نالي جي ڪيل آهي. ٻيو نڪو محبوب ئي وچ تي آهي نڪو ڪو معبود ئي وچ ۾ آهي. هوڻ ۾ پنهنجو پاڻ سان ويهي ٻڌا اٿن ته قول ۾ پاڻ ڪيا اٿن پاڻ سان ۽ گهڙي گهڙي گهور ۾ پنهنجو پاڻ تان پاڻ پيا ٿين. واه! واه!! فقير جو رنگ ئي نيارو آهي. سندن جيڪو ۾ طور طريقه آهي، زهٽي چاهي ڪهٽي، ٻين سيني صوفي فقيرن کان بلڪل نرالي آهي. هٿ ته ڳالهه

ڪڏ ڪان ڇڙهيل آهي. قلم ويچاري کي طاقت ڪٿي آهي جو پني تي ڪجهه لکي. بس - مظهر فقير جي شعر وانگر:

مهدي اهڙو منور ، پيو ٿيو آ نہ ٿيندو
اهڙو صوفي سرور ، پيو ٿيو آ نہ ٿيندو

جيئن نبوت ختم آ محمد مصطفیٰ تي تيئن فقيري به ختم آهي مهدي مصطفیٰ تي. پاڻ امام آخري زمان به آهن. امامت به سندن تي پوري ٿئي ٿي. امام آخري الزمان لاءِ جيڪي به پيشگوئيون ڪيون ويون آهن. اهي سڀ سندن تي پوريون ٿين ٿيون. اڪين وارن اهو سڀ ڪجهه ڏئو ۽ مڃيو ۽ ٻين تائين راز کي رسائڻ لاءِ حق جو هوڪو پڻ ڏنو آهي.

عبدالرحيم گرهوڑي والي
بيشڪ ڪيتا بات بحالي
ثابت سڀڻا سارا هي
مهدي منور مهدي منور
پير مغان پاڳارا هي

"فقيرمحمد ڪٽيار"

باقي نہ مڃڻ وارا تہ ڪڏهن به ڪو نہ مڃيندا. انهن نڪي اڳهر مڃيو هو نہ وري هاڻي ئي مڃيندا. چو تہ انهن جي قلب تي مُهر لڳل آهي ۽ هو گونگا، ٻوڑا ۽ انڌا آهن.

(ڪلام)

ٽلهه ♣ سِرَ جو سانگو لاهِ، پلي پوءِ عشق کي هٿرُ لاءِ

❶

اول لاهج ، سر جو سانگو
گوڙ گِلا جو ، پائج گهانگهو
ڪُڏِي ڪُڏِي ، ڪَنڊُ ڪپاءِ

❷

منصور مرڻ کان ، مُورُ نہ مُڙيو
سير سوريءَ تي،ساجهر چڙهيو
اناالحق الاءِ

❸

ڪارقتل کان ، ڪنڊُ نہ ڪدائج
ڪربل وارو ، ڦُرب ڪمائج
اتي اڪِ اڻِڪاءِ

❹

ڇڏي غلامي ، ٿيءُ تون غازي
رمز رنديءَ ۾ ، رَهُ تون راضي
مهدي مَن ملاءِ

تشريح:- "العشق نار ويحرق ماسوىٰ الله" عشق باھ آهي ۽ سڀ ڪجهه ساڙيو ڇڏي، سواءِ الله جي. سرڪار پاڪ جن هڪ طالب کي آگاهه ڪيو آهي انهي عشق جي آڳ کان، جيڪا الله کانسواءِ ٻي هر شئي کي جلايو راک ڪري ٿي ڇڏي. ان ڪري پاڻ طالب کي فرمائن ٿا ته اي طالب پهريان سر جو آسرو ڪڍ پوءِ پلي گستاخي ڪر عشق کي هٿ لائڻ جي، جڏهن سر جو سانگو لاهيندين ته پوءِ گلا غيبت جو طوق ۽ پائڻو پوندئي پر توکي ٻئي ڪنهن ۽ ڳالهه جي پرواهه ڪرڻي ناهي، توکي سڏو اڏي تي وڃڻو آهي خوشيءَ ۽ هيڄ مان نڇي ڪُڏي ڪَنڊُ ڪَپائڻو آهي. جيئن حسين بن منصور جڏهن حضرت عشق کي گلي لاتو ته هُن مرد مجاهد

بہ سوريءَ تي چڙهي مشاهدو ماڻيو. ۽ ڪري ڏيکاريو تہ سوري تہ عاشقن لاءِ اوڙهنو بچونو آهي. جيئن ڪا شيءِ لازم ملزوم ٿئي. عاشق تہ اڏي! معشوق تہ مڏي! عاشق جي ڪار ٿي اها هڻڻ گهرجي تہ پيو ڪنڊ ڪپائي. جيئن ڪربل ۾ امام عالي مقام حضرت امام حسين عليه السلام جو قرب ٿيل آهي. تون بہ اهڙو ئي قرب ڪمائج ڪربل واري قرب مان اصل اک ئي نہ ڪڍ.

پنهنجي ڪار ڪسرت ئي ان کي بڻائي چڏ. آخري بند ۾ سرڪار پاڪ جن اها تلقين فرمائي آهي تہ "الله کي الله ٿي ڳولهہ، ريءَ الله جي الله نہ لپندئي" هي منصورن جو ملڪ آهي، جتي رڳو ڪُسڻ جو ڪوڙ پيو ٿو وهي پاڙئي پُتي جي جاءِ هِتِ نہ آهي، ان ڪري غلاميءَ جو طوق ڳچيءَ مان لاهہ ۽ رندن وارو مشرب اختيار ڪر. جيڪي هر تڪليف، سور ۽ درد کي چپ چاپ ڪيو ساهہ سان ساڏيو ٿا پيا وتن ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪو مَنجهہ ڪونہ ٿا ڏين تہ ڪو هو عاشق بہ آهن!

ريهہ نہ ڪر رِندَن جو ، دانهہ نہ دَستُوري
ائين خان ڪائن خودي ڪي ، جيئن چَشَ ڏئي چُوري
موهن منظوري ، ماڳهين ملين مَاڻِ جي
"موهن فقير"

.....

عاشق ائين نہ هونِ ، جيئن تون سئين آگرين
پايو منهن مونن ۾ ، راتيو ڏينهان روئن
ڪنهن کي ڪين چونِ ، تہ اسان عاشق آهيون
" شاهہ "

اها سَهپ ۽ صبر بہ تڏهن حاصل ٿيندو، جڏهن غلاميءَ کي چڏي پاڻ مالڪ ٿبو جيستائين هي سوالي آهي تيستائين رندن واري رهڻي ڪونہ رهي سگهندو. جڏهن سُوال ترڪ ٿيندو تڏهن هر فعل جو فاعل بڻبو ۽ غلام مان غازي بہ پوءِ ئي ٿيندو. غازي اُهو آهي جيڪو زندگيءَ جي هر موڙ تي سوڀ وارو رهي. غلامي چڏي جڏهن غازي ٿيندو تڏهن وجي رندن جي رمز ۾ راضي رهندو پر اڃان بہ عشق کي هٿ تڏهن لائي سگهندو جڏهن مهديءَ کي من سان ملائيندو.

سواءِ نامَ جي طالب اڳتي وڌي نٿو سگھي. سواءِ دم جي قدم ائين آھي جيئن لوڻ کانسواءِ طعام ڦکو ۽ بي مزي ٿئي، ان ڪري طالب کي پھريان ٿ نام سان رھڻو آھي. دم خالي ڪٽڻو ڪونہ آھي جيستائين محبوب سان منڊ نہ ٿو ملي تيستائين غازي يا رند ٿي نٿو سگھجي. تنھن ڪري پاڻ فرمايو اٿن ٿ محبوب کي من سان ملاءِ پوءِ پلي اچي عشق کي ھٽاڻو لاءِ ورنہ عشق اھا شي آھي جو سواءِ الله جي بي ھر شيءِ کي جلايو راک ڪيو ڇڏي. سو جيڪڏھن الله اندر ۾ سمايل نہ آھي ٿ پوءِ عشق کي ويجھو ٻ وڃي ڪونہ سگھبو، ۽ جيڪڏھن ويجھي وڃڻ يا ھٽ لائڻ جي ڪوشش ٻ ڪبي ٿ سڑي مربو. عشق جو تابُ تڏھن سھي سگھبو جڏھن عشق اندر ۾ ھوندو. جيئن چوٽي آھي ٿ "زھر کي زھر ڀڃي" اھڙي طرح عشق جي باھ کي ٻ عشق منھن ڏيندو. سو جيڪڏھن الله کي پسڻو آھي ٿ پوءِ الله کي الله ٿي ڳولڻو پوندو باقي ٿ بندي جي جاءِ ناھي.

(ڪلام)

ٽلهه ❁ مُسافرَ هِنَ ماڳَ تان ، پَلي ويا پنهنجو پاڻ

❶

وَڃي وسايائون ويراڳ ڪي ، وَصُلَ وارو وَٽاڻُ

❷

ساري نہ نيائون ساڻ سان ، ڇڏي ويا ڇاڪاڻ

❸

راتيو ڏينهان رُوحَ ۾ ، رُوئڻ ڏئي ويا رهاڻ

❹ ●

مهڏي مون مسڪينَ سان ، سيد هُجِجو ساڻ

حل لغات:-

(1) ماڳ = ديرو، رهڻ جو هنڌ (2) پلي ويا = مصدر پلڻ يا پلي وڃڻ بمعنيٰ آسرو لاهڻ، آسرو ڪٽڻ، خيال ڪي ڪنهن ڪم ڪان جهلڻ يا پڪو ڪرڻ (3) ويراڳ = راڳ جو ضد آهي: آوازي آبادي آهي جتي راڳ هوندو اتي وسندي هوندي (4) وصلُ = ميلاپ (5) وٽاڻ = جاءِ، هنڌ، ماڳ، چوپائي مال جي ٻڌي چوڙيءَ جي جاءِ .

تشريح :- صوفي وارو سبق مولا علي عليه سلام جن کان شروع ٿئي ٿو. پاڻ صوفن جا سرگرا آهن. صوفي جو مَشرب هڪ ئي آهي."**من عرف نفسه فقد عرف ربه**" جيڪو علي مولا اظهار ڪيو آهي.

" اهو راز ڪري ٿو روشن
علي ولي شاهه مردان شير"

"بيدل سائين"

هي ته بعد ۾ بين پنهنجي پذيرائي ڏيڪاري آهي، جو نقشبندي، سهروردي، چشتي ۽ قادري طريقہ بيان ڪيا اٿن. سرڪار مولىٰ فقير پاڪ جن پنهنجي طالبن کي حيدري صوفي سڏائڻ جو فرمايو آهي سندن مولىٰ علي جي نام سان ايڏو ته

پيار آهي جو پنهنجي سيني طالبن جا نالا ۽ جيڪي هزارن جي تعداد ۾ ٽيندا، علي، جي پيوند سان رکيا اٿن. پاڻ پنهنجي ڪلام ۾ جيڪا ٿنا يا قصيده گوئي ڪئي اٿن تہ اها رڳو پنجتن پاڪ جي ڪئي اٿن.

ٻين صوفي فقيرن وانگر ڪانبو ڪونہ ٻڌو اٿن. تہ جنهن جي آين تنهنجي ويهي پچار ڪن. مذڪوره ڪلام ۽ پنجن پارهن جي ياد ۾ چيل ٿو ڏسجي. هي واقعو ان ڏينهن جو آهي جڏهن امام عالي مقام حضرت امام حسين عليه السلام جن بمعہ آل وعيال سواءِ هڪڙن معصومن جي، ڪوفي وڃڻ لاءِ مدينہ مان اسريا سرڪار مولیٰ جن هٿ انهن پاڪن جي وڇوڙي جي ڪيفيت جو ذڪر فرمايو آهي، تہ وڃڻ وارا هتان جا سڀ لڳ لاڳاپا لاهي پاڻ ڪي پليون هليا ويا آهن. يعني وري ورڻ واري ڪانہ ڪري ويا آهن. راڳ ڇڏي وڃي ويراڳ ۾ پيا آهن جيڪو وصل جو وٽاڻ آهي جتان ڪو ۽ وري موٽي ڪونہ آيو آهي. جيڪو ۽ ويو آهي سو وڃڻ ڪاڻ ويو آهي "منهنجي الائي ڇو نہ ڪو سار لڌائون جو سات سان وٺي نہ ويا پر جي ڇڏي ۽ ويا آهن تہ اهو ۽ الائي ڇاڪاڻ؟! اهو مقصد ۽ معلوم ڪونهيم ورنہ ان سان تہ ورونهہ هجيم هان بس روئڻ جي رهاڻ ئي ڏئي ويا آهن. جيڪا رات ۽ ڏينهن جي ريجهہ الله هاڻي تون ئي سيد المرسلين مهدي امام آهين، توکي ئي التجا آهي تہ مون سان هن ڏکئي وقت ۾ ساڻ هججان؟"

ڪربلا جو ميدان ۽ هڪ اهڙو قتل ورڻ پٽ هو جو، جتي پاڻي، جو ملڻ ۽ ممڪن ڪونہ هو ۽ ماڻهون پاڻي، جي وڳهي مري سگهيو ٿي. بيابان ڪي امام پاڪ جن پنهنجي آخري آرام گاه لاءِ منتخب ڪيو ۽ وصال جو ايزدي وٽاڻ ٻڌايو، جيڪو هن وقت پڻ عقيدتمندن لاءِ وصل وارو وٽاڻ ۽ زيارت گاه ٻڌيل آهي.

(ڪلام)

ٽلهه * بَني هاشمي نُور ، نِرمَلُ نرالي
ڏيون اُٺ قطارين، بيشڪ بخشڻ والي

❶

پنجان وِچُون پَڌِرا ، علي مُرتضىٰ هَي
خيبر هڪ هَڪَلِ نالِ ، اٽايائين اڪيلي

❷

حسن دي زهردا ، آڪان ڪيا قهَردا
حُسينڻ حيدر دا ، ڪُٽا ڪَلهه قبيلي

❸

عابد دي بيماري ، عاشق دي اظهاري
هَٽين اُٺ مَهاري ، سَنبريا سفر سَويلي

❹

حقي حق ڄاڻين ، ٻارهان ڪُون سجاڻين
مي جي موج ماڻين ، مهدي واري ميلي

حل لغات:-

(1) بني هاشمي يا هاشمي بمعنيٰ حضرت هاشم جي اولاد، جنهن مان پنجتن پاڪ جوظهور ٿيو (2) نُور = روشني (3) نرمل = چٽو پٽو، ظاهر ظهوڙ (4) خيبر= قلعو (5) مي= شراب

تشريح:- هن ڪان اڳئين ڪافيءَ ۾ ذڪر اچي چڪو آهي ته سرڪار مولىٰ جن جو جيڪو زهٽي ڪهٽي جو طريقو آهي اُهو حيدري طريقه آهي. صفه ۾ جيڪي اصحابي رهندا هٽا انهن کي اهل صفيه سڏيو ويندو هو انهن تان جنگ وجَدل ۽ ظاهري جهاڙ معاف ڪيل هُو. پين سَمورن اصحابن کان الڳ ٽلڳ گذاريندا هُٽا ۽ جيڪي ڪجهه هنن کي نام سانگ ڏسيل هو، هُو هر وقت ان ۾ محو رهندا هٽا. هنن جي ديڪ پال ۽ پين شهيدن يا غازن کان وڌيڪ ڪئي ويندي هئي.

جنگين مان جيڪو بہ مال غنيمت حاصل ٿيندو هو، تہ اهل صفيہ وارن لاءِ بہ اوترو ئي حصو ڪيو ويندو هو جيترو بين جنگجُو جوانن کي ملندو هو. اهو ان ڪري جو هو مَخفي جنگ ۾ هئا ۽ پيا ظاهري ڪافرن سان جنگ ڪندڙ هئا اسلام جي پنهي لشڪرن ظاهري توڙي مخفي جو سپهہ سالار حيدرڪرار جن هئا. اصحابِ اهلِ صفيہ جيڪي هئا، اهي صوفي هئا. صوفي لفظ صفيہ مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي سُوءَ ڪندڙ، پردو ڪندڙ،گوشي نشين. جيئن مٽي پڏائي آيا آهيون تہ اُهي اصحاب جيڪي اهلِ صفي هُئا اهي بين اصحابن کان بلڪل الڳ ۽ نيارو رهندا هئا، ان ڪري انهن کي سڏيو ئي اهل صَفي ويو يعني پردي وارا يا گوشي نشين. سرڪار مولىٰ جن هتي هن ڪافيءَ ۾ صُوفن جي سَرواٽن پنجتن پاڪ خاص ڪري علي مولىٰ جي شان جي قصيدہ گوئي ڪئي آهي. پاڻ فرمائن ٿا تہ حضرت هاشم جي جيڪا اولاد آهي يعني پنجتن پاڪ ۽ چارده معصوم اُهي بلڪل روز روشن وانگر- چنا پٽا سيني بين ڪان نيارا ۽ نرالا ظهور پذير آهن. هنن جي سخا ۽ شجاعت، بهادري ۽ فقيري سيني کان اتر آهي علي مولىٰ جي ڪيل هڪ سخاوت جو اشارو ڪلام جي ٽلهہ ۾ بيان فرمايو اٽن تہ هڪ دفعہ پاڻ ڪنهن جنگ تان فتح پائي واپس مدينہ ڏانهن اچي رهيا هئا تہ رستي ۾ هڪ انڌو گڏين، جنهن عرض ڪيو تہ مولىٰ مون کي بک لڳي آهي ڪو مانيءَ ڏيو ملي. تنهن تي پاڻ حضرت قمبر کي جيڪو ان وقت سندن حاضريءَ ۾ هو، فرمايو تہ نابين کي مانيءَ ڏني وڃي. قمبر هٽ پڏي عرض گذاريو تہ مولىٰ! مانيءَ تہ صندوق ۾ آهي. پاڻ فرمايو تہ، اها صندوق ئي هن کي ڏئي ڇڏ، تنهن تي وري قمبر عرض ڪيو تہ مولىٰ! اها صندوق تہ ڪنهن اٺ تي رکيل آهي ۽ اهو اٺ قطار ۾ آهي، خبر نٿي پوي تہ اهو اٺ ڪهڙو آهي. پاڻ فرمايو تہ اها اٽن جي قطار ئي انڌي کي ڏني وڃي. جڏهن قطار جي مهار انڌي جي حوالي ڪئي وئي تہ هُن مانيءَ جي بجاءِ پنهنجي هٽ ۾ هڪ نوڙي محسوس ڪندي عرض ڪيو تہ مولىٰ مون تہ مانيءَ گهري هئي پر مانيءَ جي بجاءِ مون کي هي رسي ڏني وئي آهي. تنهن تي پاڻ چيائونس تہ اکيون تہ پٽي ڏس! سندن اٽين فرمائڻ تي ان انڌي کي اکين جو نُور ملي ويو ۽ اٽن جي قطار جي مهار وٺي روانہ ٿي ويو. چون ٿا تہ ان قطار ۾ ستر (70) اٺ قطاريل هئا. اهڙيءَ طرح مانيءَ جي عيوض هُن مسڪين کي ستر(70) اٺ بمعہ ساز وسامان جيڪي بہ مال غنيمت جنگ مان حاصل ٿيو هو، سخا ۾ ڏنو ويو پر انهن سيني شين کان وڌيڪ ڪارائتي شئي جيڪا ان انڌي کي ملي اهو

هو اکين جو نُور، جيڪو ٻيو ڪير به هن کي ڏئي نه ٿي سگهيو ڀلي ڇونه ڪو رُوءِ زمين جو بادشاه ڇونه هجي پر اها شي هن کي، اهو به ڏئي ڪو نه سگهين هان. ڪلام جي پهرين مصرع ۾ سرڪار مولیٰ جن علي الله جي بهادري جي هڪ واقعه جو ذڪر فرمايو آهي ته خيبر جي قلعه جو گهيرو چاليهن (40) ڏينهن تائين مسلسل سانده ٿيندو رهيو پر اڃا تائين قلعه فتح ٿي نه سگهيو هو هونءَ ته هميشه نبي سردار جن جي لشڪر جي سپهه سالاري علي مولیٰ جن ڪندا رهندا هئا پر هن موقعي تي جيئن ته سندن اکين ۾ درد هو ان ڪري رسول ڪريم جن کين مديني ۾ رهڻ جو فرمائي پاڻ ٻين اصحابن سان گڏ لشڪر وٺي خيبر جي قلعه تي چڙهائي ڪئي. نمبر وار هر هڪ اصحابيءَ کي جنگ جو عَلَمُ سپرد ڪيو ويو. پهريان ابوبڪر کي وري عمر کي ۽ آخر ۾ عثمان کي لشڪر جو اڳواڻ ڪري موڪليو ويو پر قلعه فتح ٿي نه سگهيو. آخرڪار سردار جن اهو فيصلو ڪيو ته علي الله کان سواءِ هي قلعه فتح ٿيڻو نه آهي، ۽ انهن کي طلب ڪيو وڃي. سَوَنِ ميلن جي مفاصلہ تان علي مولیٰ جو جنگ جي ميدان ۾ پهچڻ عقل وارن لاءِ ناممڪن ٿي ڏسڻ ۾ آيو پر جڏهن سردار دوجهان هڪ ٽڪريءَ تي بيهي نادِ علي پڪاريو ته اک ڇنڀ جي دير ۾ سڄي آسمان ۾ غلغلو مچي ويو ۽ زمين لرزو کاڌو. شيرِ خدا جي هڪ هڪل سان ڪفار جا ڪوٽ ڪري پيا ۽ ڪافرن ۾ ٿرٿلومچي ويو اهو قلعه جيڪي چاليهن ڏينهن تائين فتح ٿي نه سگهيو هو انجي سِرَ سِرَ کان ڌار ٿي وئي ۽ ڪوٽ جا ڪنگرا هوا ۾ اڏامڻ لڳا. قصو ڪوتاه ته کن پل ۾ مسلمانن کي قلعه فتح ٿي مليو

سرڪار مولیٰ جن فرمائن ٿا ته پنجتن پاڪ جيڪي تن پنج آهن ۽ مَنُ هڪ آهي انهن ۾ به مولیٰ علي پڌرا ۽ نيارا آهن سندن ڪو به مٽ ثاني ڪونهي.

ٻي مصرع ۾ حضرت امامُ حسين عليه السلام جي شهادت ۽ ڪربلا جي واقعه ڏانهن اشارو ڪيل آهي فرمائن ٿا ته امام حسن المجتبیٰ عليه السلام کي کاڌي ۾ زهر ملائي کارائي شهيد ڪيو ويو ۽ امام حسين عليه السلام جن کي ڪربلا جي ميدان ۾ ٻاهتر(72) رفقا سميت جن ۾ سندن ڪٽنب جا سڀئي ننڍا وڏا مرد سواءِ هڪ امام زين العابدينؑ جي جيڪي سخت بيمار هئا، شهيد ڪيا ويا. سرڪار مولیٰ جن فرمائن ٿا ته اِهو ڪربلا جو واقعو جنهن کي اڄ تائين تيرهن(13) سو سال گذرٿي چڪا آهن، اسان لاءِ جڻ ڪلهه ڪالهوڪو ڏينهن آهي. اها ڳالهه دل تان لهي ئي نه ٿي جو پُراڻي لڳي، سدائين ياد آهي. ۽ سدائين تازي آهي.

عشق وارن کان تہ اها ڳالھ وسرندي ئي کانہ، انھن لاءِ اها ڳالھ وسرڻ جوڳي ئي نہ آھي. ھڪ ٻئي ڪلام ۾ سندن فرمايل آھي تہ :-

"ڪار قتل کان، ڪنڌ نہ ڪڍائج
ڪربل وارو ، قرب ڪمائج
اتي اک اٽڪاءِ، پلي پوءِ عشق کي ھٿڙو لاءِ"

" مھدي سرڪار"

سو جن جي ڪار ڪسرت ئي ڪُسڻ آھي انھن کان تہ اها ويل ڪڍھن کانہ وسرندي جيڪي عشق کي ھٿ لائيندا اھي ضرور ڪسندا، ۽ جيڪي عشق ۾ ڪسندا اھي عاشق ڪربل جي ڪوس کي ھڪ پُل بہ ڪو نہ وساري سگھندا.

ٽين مصرع ۾ سرڪار مولا جن، حضرت امام عالي مقام امام زين العابدينؑ جو زنجيرن ۾ قيد ٿي، اٽن جي قافلا سان، ڪربلا مان شام ڏانھن پيدل سفر ڪرڻ جو اشارو ڪيل آھي. حضرت امام صاحب جن طبيعت ۾ بيمار بہ ھٿا ۽ ھلڻ گھمڻ جھڙا بہ ڪونہ ھُٿا، تنھن ڪري تہ جنگ ۾ بہ حصو وٺي نہ سگھيا ھُٿا. ھڪ بيمار پيو اڪين آڏو ھيڏو وڏو واقعو ٿي گذريو جو ڪبير صغير، گھوٽ ۽ غازي اڪن سان شھيد ٿيندي ڏٺن، ان کان سواءِ خداءِ ڪار ساز جي جھان ۾ اھڙي ڪابہ سختي ۽ ايذاءَ باقي بچيل ڪونہ ھو جيڪو سندن سر تي نہ وسيو ھجي. تنھن کان پوءِ بہ وري اھا سفر واري صعوبت، انساني ڄانچي جي برداشت کان بلڪل باھر معاملو آھي. ھي ڳالھ لاحد کان بہ لنگھيل آھي، ايترو سڀ ڪجھ سھڻ ۽ سالم رھڻ! ان کان وڌيڪ بي عشق جي اظھاري ڪيئن ٿيندي آھي ۽ ٻيو ڪير ٿو ڪري سگھي!! ھو پاڻ امام ھٿا، جن ھي سڀ ڪجھ ڪري ڏيکاريو پنھنجي اُمت کي صبر ۽ تحملءِ رضا تي راضي رھڻ جو ھي ھڪ بي مثل مثال. "اِلاھي انتَ مقصودي و رزاق مطلوبي" پان فقير ھٿا ۽ اها سندن فقيري جي اظھاري ھئي. اھو ھڪ عشق جو تحفو ھو جيڪو عاشق جي طرفان پنھنجي محبوب کي پيش ڪيو ويو.

سختي شھادت جي، نِسورو ئي نازُ
رند پروڙن راز، قضيي ڪربلا جو

" شاھ "

سختي شهادت جي،مڙو ئي ملاڙ
ذرو ناهِ يزيد کي، اي عشق جو آثاڙ
ڪُسڻ جو قراڙ ، اصل امامن سين

" شاهہ"

آخري مصرع ۾ طالب کي هدايت فرمايل آهي تہ ہارنهن ئي امامن کي حق ڪري جاڻ. انهن ۾ ڪو بہ فرق نہ آڻ. مهدي مولا سان ملي ميلو ڪري محبت جي مي جي وجي موج ماڻ.

(ڪلام)

ٿلهه ✤ جيڏو شاهي مردان جو شان ڏِٺم
ايڏو ٻئي نه ڪنهن جو مان ڏِٺم

❶

هيڪل هر دم ڪري هَسِواري،چؤ طرف چؤ ڪنڊين چَوڌاري
نالو سندس آ نُرُ نِرِواري ، ضعيفن جو ته ضَمانُ ڏِٺمُ

❷

عاشقن ۾ عاشق اَعليٰ ، بي سر بي خود بيشڪ بالا
ڪٿي مظهر ڪٿي مُعليٰ ، هرجاءِ سندس آشيان ڏٺمُ

❸

پنجن ٻارهن ۾ آهي پڌرو ، چئن چوڏهن ۾ آهي چهرو
چونه ڳايان مان سندس سِهرو ، صُوبن جو سُلطان ڏٺمُ

❹

اَحدُ احمد اَنِورُ ، مهّدي محمّد مُنِورُ
ثابت سَراسَرِ سَرِورُ ، ساقي علي سُبحانُ ڏٺمُ

حل لغات:-

(1) هَسواري = سواري، سيرُ (2) ضعيف = ڏُٻرو، ڪمزورُ (3) ضَمان = ڀَرجهلو، ضامن (4) بيسر= سواءِ سِرِ جي، بهادر، سورهيه بي ڊپو (5) بالیٰ = وڏو، مٿيون (6) سَروَرُ = مالڪ، بادشاهه (7) ساقي = شراب پيارڻ وارو، جام ڏيڻ وارو (8) سبحان = پاڪُ

تشريح:- سڀني صوفي فقيرن، جن پنهنجي الهام کي شعر جي صورت ۾ منظر عام تي دنيا جي سامهون پيش ڪيو آهي. ته انهن پنهنجي پير مغان کي به شعر ۾ ساراهيو آهي، جتان به کين رهبري ملي آهي ته اها انهن ظاهر ڪئي آهي ۽ لڪائي ڪانه اٿن. لڪائڻ جي ته ڳالهه به ڪانهي. ڇوته جيستائين پنهنجي مرشد جو ڳڻ طالب نٿو ياد رکي تيسيتائين ته هو اڳتي وڌي به ڪو نه ٿو سگهي. طالب

کي آهي ئي هادي جي هدايت تي هلڻو. سو جيڪڏهن مرشد جو ڳڻ ئي ياد کونہ هوندس تہ پوءِ اهو وري هدايت تي کهڙو هلندو؟! يار جا ڳڻ ڳائڻ عشق وارن لاءِ تہ عيد آهن. هونءَ بہ کنهنجو ٿورو وڃائڻ مڙس جو ڪم نہ آهي. عام زندگيءَ ۾ کنهنجو ڪو ٿورو ٽيل هجي تہ اهولاهڻ گهرجي پر جيڪڏهن لاهي نٿو سگهجي ۽ لاهڻ کان ڳرو آهي تہ پوءِ بہ ڳائڻ تہ لازم آهي. هي تہ مرشد جي مهر ٽيل آهي. طالب تي جيڪا لاهي تہ نٿي سگهجي، چو تہ مرشد جو مرشد ڪڏهن بہ ٿي ڪو نہ سگهيو پر ڳائي تہ سگهجي ٿو. جيڪي بہ حق جا طالب آهن تہ انهن حق کي ڪڏهن بہ ڪو نہ لکايو آهي، جتان بہ کين پسڻ ٽيو آهي تہ انهن اهو کولي بيان ڪيو آهي. سچل ، بيدل، خوش خيرمحمد، نانڪ يوسف، فريدڻ ۽ بُلهي شاهہ سيني پنهنجي پير طريقت جي ساراه ڪئي آهي پر سرڪار مولا جن جي شعر ۾ ڪٿي بہ اهڙي ڪا وضاحت ٽيل ڪانہ ٿي ڏسجي، سواءِ پنجن ٻارنهن ۽ چارده معصوم جي. انهن ۾ بہ پاڻ علي الله کي نيارو ڄاڻايوآهي. علي مولىٰ سان سندن محبت ۽ عقيدت جو اظهار ان مان بہ ظاهر آهي تہ پاڻ پنهنجن سيني طالبن جا نالا علي مولا جي پيوند سان رکيا آهن. هر هڪ نالي جي پٺيان علي مولا جو نالو پيوند ڪيو ويو آهي. سرڪار مولا پنهنجي شعر ۾ بہ علي الله جي رهبري بيان فرمائي آهي. هن ظاهري سنسار ۾ ٻئي ڪنهن جي بہ رهبري پاڻ بيان ڪانہ فرمائي اٿن. سندن مُنهن مبارڪ جي ڳالهہ فرمايل آهي تہ پاڻ ظاهري ڏهن ٻارنهن سالن جا هئا جو داد واهہ جي ڪپر تي ايئر گن سان ٻئي پکي جو شڪار ڪين تہ اوچتو هڪ بُرقعي پوش نيري گهوڙي تي سوار ٽيل ڪين ڏانهن ايندي ڏسڻ ۾ آيو. ويجهو اچي ان برقعي پوش کين سڏ ڪري فرمايو ۽ منع ڪئي تہ توهان هي پکين جو شڪار نہ ڪندا ڪيو چوتہ توهان تي ٻيا ٻار اچڻا آهن. سرڪار پاڪ جن وڌيڪ بيان فرمايو تہ پاڻ انهي عمر ۾ بہ ڏاڍا هوشيار ۽ سمجهو هوندا هئا. سو گهوڙي جو اڳ وٺي وڃي ٻيڻا ۽ برقعي پوش کي چين تہ اسان اهو واعدو ٿا ڪيون تہ ٻيهر شڪار نہ ڪنداسين پر توهان بہ تہ ٻڌايو تہ پاڻ ڪير آهيو ۽ مُنهن کولي ديدار بہ ڪرايو. تنهن تي گهوڙي سوار منهن تان نقاب مٽي ڪيو ۽ فرمايو تہ پاڻ امام حسين ابن علي آهن. هن واقعي مان ظاهر ٿو ٿئي تہ پاڻ پاڪ مولىٰ جن چمندي جام آهن، جو ظهور ۾ اچڻ سان ئي سندن پرورش پنجتن پاڪ ڪئي. وري جڏهن پاڻ شاهپور چڏي ۽ وڃي ڪوٽ ڏجي، ۾ مير صاحبن جي دارالحڪومت ۾ ديرو جمايو تہ پاڻ اتي ميرواهہ جي پل جيڪا مجيد واري پل

جي نالي سان مشهور آهي، دونهون قائم ڪيو، جتي پاڻ چلي ڪشي به ڪئي اٿن. تڏهن ميرن جي بادشاهي هئي ۽ مجيد ملاخ ميرن جو عام مختيار هئو. ته مير صاحبن سرڪار پاڪن جون ڪيتريون ئي آزمائشون ورتيون ۽ معجزا به ڏٺا. پوءِ جڏهن مير صاحبن کي حق ڏسڻ ۾ آيو ته هو به آڏو جهڪيا ۽ معتقد ٿي پيا. پوءِ سرڪار جن کي ٽالپر پهنجن حويلين ۾ به وٺي وڃي قيام ڪرائيندا هئا. هنن جو ويساهه پڪو ٿي ويو هو ۽ فقير کان هاڻي ڪوبه اِز وغيره ڪونه ڪندا هئا. ايتري قدر جو مردن جي غير موجودگيءَ ۾ به بيگمات سرڪار پاڪن کي وٺي وڃي ڪوٽن ۾ ويهاريندیون هيون ۽ اتي سندن حاضري ڀرڻ جو شرف حاصل ڪنديون هيون اندر ٻئي ڪنهن به مرد کي اچڻ وڃڻ جي اجازت نه هوندي هئي. ٻاهران سرڪاري پهرا بيٺل هوندا هئا ۽ اندر جنت الفردوس جهڙي رونق رتل هوندي هئي. اهڙي هنڌ تي هڪ دفعه هڪ سفيد ريش بزرگ سرڪار جي حضور ۾ پيش ٿيو. پهريان ته پاڻ خفي ٿيا ته بنا اجازت هي هت آيو ڇو، پر پوءِ ڏٺن ته هي هيتري پهري هوندي جيڪو اندر گهڙي آيو آهي سو ضرور ڪنهن مصلحت سان هت پهتو هوندو. پاڻ هن کان دريافت ڪين ته هن پڇيو ته توهان پڙهيل آهيو، پاڻ وراين ته هائو. پوءِ هن بزرگ قلم ۽ پني جي گهر ڪئي پاڻ هن کي رول پين (پينسل) ۽ پنو حوالي ڪيو ان بزرگ پني تي ڪجهه لکي سرڪار جي حوالي ڪيو سرڪار جن ڏٺو ته پني تي مولا عليءَ جو نام لکيل هو. پاڻ وري ان بزرگ ڏانهن مٿي نظر کنين ته بزرگ شخص بيان جاري ڪيو. هن چيو ته بابڙا ! مونکي اڄ هيءَ ٻي رات آهي توهان کي ڳوليندي. ڪالهه به توهان کي جاچيو هُئم پر مونکان ڪونه ڳولهجي سگهيو. مونکي مولا علي جي طرفان حڪم ٿيو هو توهان وٽ اچڻ جو. اڄ رات وري حڪم ٿيو ته جنهن گهر جي آڏو نم جو وڻ هجي ان ۾ هليو وڃ ۽ پوءِ ان ڏس تي اچي توهان کي ڳولي لڌو اٿم. هاڻي حڪم اهو ٿيو آهي ته اُٿو ٻاهر هلو ۽ وڌيڪ مولا جن فرمايو آهي ته سندن ننڊ نه ڦٽايو. پوءِ سرڪار جن ان بزرگ کي اڳيان هلڻ جو چيو، جيڪو حويلي مان نڪري اچي ٻاهر ميدان تي پهتو ۽ باقي رهيل پيغام سرڪار پاڪ کي ٻڌايو. هن چيو ته مولىٰ علي جو حڪم آهي ته هاڻي توهان پاڻکي وڌيڪ تڪليف نه ڏيو بس هاڻي هي ٻه رسته اٿو جيڪو به وٺو. هڪ سان جبل ٽڪر ۽ ڏک ڏاکڙا اٿو جتي نندن نين ۽ چشمن جو پاڻي ملندو ٻيو رستو اٿو باغ بهاريون قرب محبت، ڪچهرا رهاڻيون ۽ صورت جو سيز. اهو نياپو ڏئي اُهو بزرگ روانه ٿي ويو ۽ پاڻ

پوءِ فرماين تہ اسان چيو تہ هاڻي سَيرَ ٻئي ڪري ڏسجن ۽ ان ڏينهن کان وٺي سندن جبل جوسيرشروع ٿيو جيڪو ڇهن سالن تائين جاري رهيو. ان جبل جي سير ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهو سفيد ريش سرڪار پاڪ جن سان ڪنهن موڙ تي ملي ويندو هو. پاڻ ان جو نالو حاجي فقير ڪري وٺندا هئا. بعد ۾ سرڪار پاڪ جن حاجي فقير جي مزار تي بہ ڪڏهن ڪڏهن هلندا هُئا ۽ فرمائيندا هئا تہ ادا ! هي اسان جو جبل جوسنگتي آهي. حاجي فقير جي مزار خيرپور ميرس ڀرڳڙي پل جي ڀرسان ٺهيل آهي.

مٿين واقعن مان ظاهر آهي تہ سندن پير طريقت مولىٰ علي جن آهن، جن وقت بہ وقت سندن رهبري پئي فرمائي آهي. هونءَ بہ شهيد تہ زنده آهن. اها قرآن ۾ ثابتي ڏنل آهي تہ شهيد ٻئي مخلوق وانگر روزانہ رزق وٺن ٿا. ٻئي هنڌ وري فرمايل آهي تہ "وَلَا تَقُولُوا لِمَنِ الْيَقْتَلُ فِي سَبِيلِ اللهِ أَمْوَاتٌ بَلْ أَحْيَآءٌ وَلَا كِن لَّا تَشْعُرُونَ" "البقر" ۽ جيڪي ڪُسن تن کي مُئل نہ چئو، بلڪ جيئرا آهن پر اوهين نہ ٿا پروڙيو." سو جيڪي شهيد آهن اُهي زنده آهن ۽ هن جهان وارن جي بہ رهبري ڪري سگهن ٿا پر اهڙو وري جنهن تي پاڻ قرب ڪرن! هِتِ هن ڪلام ۾ سرڪار مولا جن علي الله جي شان ۽ مان جي ڳالهہ ڪئي آهي تہ سندن شان جهڙو ٻئي ڪنهن جو شان ڪونهي ۽ سندن مان جهڙو وري ڪنهن جو مرتبو ڪونهي. سندن ڪو بہ مٽ ثاني ڪونہ آهي. بس پنهنجو مٽ پاڻ ئي آهن. ٻيو ڪير بہ سندن سان همصريءَ جي هام نہ ٿو هڻي سگهي.

پهرين مصري ۾ فرمائن ٿا تہ علي الله جن سدائين اڪيلي سِرِ سَيرُ وسفر ڪرڻ فرمائيندا هُئا سندن ساري ڪائنات جو سير ڪيل آهي. ڪابہ ڪنڊ رهيل نہ آهي جتي پاڻ نہ ويا هجن تڏهن تہ جبلن مان اڃا تائين بہ سندن پيرن مبارڪن جا پٿرن تي ٺهيل نشان لڀندا رهن ٿا ڪئي رهيو مدينہ منور ۽ ڪربلا معلىٰ تہ ڪٿي رهيو پاڪستان، تہ هت بہ پاڻ لاهوت لامڪان واري هنڌ تي ڪجهہ وقت ترسيا آهن ۽ اُهي آثار اڄ بہ ماڻهو نورانيءَ تي ۽ لاهوت جي ديدار تي ويندا آهن تہ ڏسي ايندا آهن. ٻيا نشان تہ پنهنجي جاءِ تي سهي آهن پر اتي هڪڙيون ٻہ دريون آهن جن جي لاءِ چوڻ آهي هڪ دري مدينہ ڏانهن ٿي وڃي تہ ٻي دري ڪربلا معلىٰ ڏانهن ويندڙ آهي. اهي اندر لاهوت ۾ هڪ ٻي جي ڀرسان هڪڙا غار آهن. جن جو منهن دري مثل آهي. انهن ٻنهي غارن(درين)جي لاءِ اڄ تائين اهو ٻڌندا ٿا اچئون تہ هڪ جو رستو ڪربلا ڏانهن ويندڙ آهي تہ ٻي جو مدينہ ڏانهن رستہ وڃي ٿو، پر ان رستي

سان وڃڻ لاءِ ڪو بہ تيار ڪونہ آهي جو تصديق ٿئي تہ واقعہ اهي رستا ايڏانهن ويندڙ آهن؟ ها اسان وٽ انهن رستن جي تصديق موجود آهي جيڪا بيان ڪجي ٿي. نور محمد عرف "طورپيو" ذات جو ڏُکڙ جيڪي پٽي بہ سڏائيندا آهن، ان کان روايت آهي تہ هڪ دفعہ سرڪار هادي سائين جن بلقب بادشاہ سائين جن سجاده نشين حضرت مخدوم جهانيان شاہ پور ۽ مولیٰ مرشد پاڪ جن جا وڏا پاڻ جيڪي پڙ ولايت جا صاحب ٿي گذريا آهن، راوي وٽ شاہ جي تڪيہ تي ترسيل هئا. موجود ڪچهري ۾ ڪجهہ اهڙي قسم جو موضوع چڙيو جو جنهن تي پاڻ فرمائين تہ ادا ! اسان اهڙي قسم جون ڳالهيون هرو ڀرو ڪنهن سان ڪونہ ڪندا آهيون پر جي اها ڳالهہ ڪچهري ۾ نڪتي آهي. تہ پوءِ اسان بہ توهان کي ٻڌائيندا ٿا هلون. جبل جي سير ڪندي جڏهن لاهوت ۾ اندر داخل ٿيا سين تہ غار وارين درين تي نظر پئي. درين جي مٿان اهو لکيل ڏسڻ ۾ آيو تہ "همتِ بندا مدد خدا "جڏهن تہ درين جي مٿان ظاهرن ڪجهہ بہ لکيل ڪونہ آهي پر هيءَ سندن خيال جي ڳالهہ آهي. فرمائين تہ جڏهن اهو لکيل ڏٺوسين تہ اسان بہ مولا تي رکي ڪٽي دري ۾ ٽپ ڏنو. زادِ راهہ ۾ صرف ماني، جا پور هئا جيڪي جهولي ۾ پيل هئا. پاڻ فرمائين تہ مسلسل هارنهن ڏينهن هارنهن راتيون هلندا رهياسين. اونداهي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ هو. ڪٽي سڏا تہ ڪٽي ٻوندڙا تہ ڪٽي بانبڙي بہ هلڻو پيو ٿي. هارهين ڏينهن سامهون رستہ ۾ ٽوري روشني ڏسڻ ۾ آئي، سمجهيوسين تہ هاڻي شايد منزل اچي پوري ٿي آهي ۽ پوءِ ٽيو بہ ائين اها روشني وئي وڌنديءِ ائين اچي غار کان باهر نڪتاسين. اهڙي طرح سرڪار هادي پاڪ جن ڪربلا معلیٰ جو سفر ان دري رستي ڪيو. راوي جي هن بيان ٻڌڻ کان پوءِ تہ انهن درين جي باري ۾ جيڪي ڪجهہ ٻڌندا رهيا آهيون، ان جي پڪ ٿي وئي. هتي هن بيان کي صرف ان ڪري آندو ويو آهي تہ مولا علي جن جي لاءِ هي بہ هڪ تصديق شدہ ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ پاڻ هتي لاهوت واري هنڌ تي بہ آيل آهن. ڪن روايتن ۾ تہ نيرون ڪوٽ ۾ بہ آيل آهن. جيڪو سندن جي اچڻ کان پوءِ حيدرآباد سڏجڻ لڳو. اهڙي طرح سندن ڪائنات جو سير ٿيل آهي. سندن نام مبارڪ اول کان آخر تائين روزروشن وانگر چمڪندڙ ۽ چٽو پٽو آهي پاڻ مُشڪل ڪُشا آهن. ڪنهن کي ڪهڙي بہ مشڪل چونہ هجي پر جيڪڏهن سندن نام مبارڪ دل سان وٺي پڪاريندو تہ ان جي هر مشڪل آسان ٿي ويندي. پاڻ هيٺن جا همراہ ڏُهرن جا ڏاتار ۽ ضعيفن جا ضامن آهن.

بي مصرع ۾ سرڪار پاڪ جن سندن شان بيان ڪندي فرمائن ٿا تہ اهڙو عاشق صادق جيڪو بي سر ۽ بيخود هجي، سندن مرتبہ جو ٻيو ڪير بہ ٿي نہ ٿو سگهي. پاڻ مظهر بہ آهن تہ معلىٰ بہ آهن. اها جاءِ نہ آهي جتي پاڻ نہ هجن. مظهرالعجائب سندن لقب آهي

ٽين مصرع ۾ سرڪار مولا جن فرمائن ٿا تہ علي الله جن پنجتن پاڪ ۾ بہ سيني ڪان پڌرا آهن. چئن يارن ۽ يارنهن امامن ۾ بہ سيني ڪان مٿاهان آهن. سندن ڪوبہ مٽ ثاني ڪونہ آهي. پاڻ ساري ڪائنات جا سلطان آهن، پوءِ ڇونہ انهن جي شان ۾ ڳيچ ڳالهجن.

آخري مصرع ۾ مولا جن علي مولا جن ڪي الله ثابت ڪيو آهي. فرمائن ٿا تہ احد بہ پاڻ آهي تہ احمد بہ پاڻ آهي مهدي بہ پاڻ آهي تہ محمد بہ پاڻ آهي. ڪائنات جو مالڪ سرور ڪائنات بہ پاڻ آهي. حوض ڪوثر جا مالڪ ۽ ساقي آب ڪوثر بہ پاڻ پاڪ مولا جن آهن ٻيو ڪوبہ الله ڪونہ آهي.

(ڪلام)

ٽلهه ۽ اڏيان اوتارو نه آهي آشيانُ ، مَظهرُ منهنجو ميخانُ

❶

اصل آشيان اُهو منهنجو آهي ، جتي نالو ٻيو ڪو ناهي
نيارو آهيان نيشانُ

❷

راز رنگيني آهيان رنگ ۾،عشق عجائبُ اَصُلي انگ ۾
شاهي متان شاميانُ

❸

قائمُ قربُ ڪُلي تي قائم ، دم دم درشن دم آدائمُ
فرمودي فرقانُ

❹

سير صفاتي آيس سانگي ، لاحد واري لنگهي لانگهي
مهدي ٽي مهمانُ

حل لغات:-

(1)اوتارو= سنسڪرت ٻولي، جي لفظ ("اوتري" مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي هيٺ لهڻ) وهڻ يا سفر تان لهڻ جي جاءِ منزل گاهه، اوطاق، مڪانُ (2) آشيان = فارسي جي لفظ آشيانو مان نڪتل آهي بمعنيٰ آکيرو، آهيرو،گهر، آستان (3) راز = ڳجهه، مخفي (4) انگُ = عدد، اکر، داغ، ڏڪ، عضوو، جسم، اوگهڙ، لڇڻ، ازل جو لکيو.

تشريح:- جن مردن هن جڳت ۾ رهي ڪري پنهنجو سڀ ڪجهه گهر ٻار، مٽ مائٽ، مال، رزق، دنيا، دولت ۽ آخر ۾ پنهنجو وجود به ترڪ ڪري ڇڏيو، انهن کي وري ڪنهن به گهر ناهڻ يا مڪان اڏڻ جي ضرورت پيش ڪانه ائي انهن جي لاءِ پوءِ هيءُ سارو مظهر مڪان مثل آهي. جوته هنن وٽ هيڪڙائي آهي جهڙو پرائو تهڙو پنهنجو،پنهنجي پرائي جو هنن وٽ ڪوبه فرق ڪونه آهي. هنن وٽ

"دوست دشمن هڪ ڪيو ، گودڙيا گهمن"

"رستم فقير "

وارو حساب آهي هڪ زال ڇڏبي ته ڏهه ملنديون ۽ ڏهه ڇڏبيون ته ستر ملنديون. ۽ جن وري سڀ ڪجهه ڇڏيو-

" ترڪ دنيا، ترڪ عقبيٰ، ترڪ مولا، ترڪ ترڪ"

"محمد فقير ڪنياڻ"

تن ڪي وري سڀ ڪجهه مليو انهن ڪي ٻئي جهان پنهنجا آهن. پوءِ هو پنهي جهانن جا مالڪ آهن. عالم لاهوت به سندن ديرو آهي ته عالم مثال به سندن گهر آهي.

ڪلام جي پهرين مصرع ۾ سرڪار پاڪ جن فرمائن ٿا ته اسان جو اصل آرام گاه ته عالم لاهوت آهي، جتي سواءِ وحدانيت جي ٻيو ڪجهه به نه آهي. اهو هيڪڙائي وارو جهان آهي، جتي هڪ آهي به نه آهن. عاشقن جي رهڻ جو اصل گهر اهو لامڪان آهي. عالم ظاهر مان برقعه پوشي ڪرڻ کان پوءِ عاشق پنهنجي اصلوڪي گهر ۾ مڪين رهن ٿا. تڏهن ته سچل سائين به فرمايو آهي ته:-

" عاشق مَرندا ڪِينَ ڪِي رَهندا ڪِينَ مَڪان ۾ "

"سچل سائين"

مرندا اهي جن ڪي مُنيَ جي خبر نه آهي ۽ جيڪي پنهنجي اصل واري آشيان کان نا آشنا آهن. عاشق انهن کان نيارا آهن ۽ ڪڏهن به ڪونه ٿا مرن.

بي مصرع ۾ ارشاد ٿو ٿئي ته عشق جو انگ اصل کان وٺي ازل ۾ ئي اسان لاءِ لکيو ويو آهي. اڄ ڪلهه جو نه آهي. اصل ۾ عشق آهي. هي رنگينو راز" الإنسان سِري وَاَناسره " بعد ۾ ٽيو ۽ هاڻي انهي راز جي رس رنگ ۾ پيا ٿا رَهون. راز ڪي راز ۾ ئي رکڻو آهي. جيڪڏهن راز ڪي فاش ڪيو ته پوءِ اهو راز، راز رهي نه سگهندو

پُڌائي ٻين ڪي، سَريو ڪاج ڪهڙو
ڳُجهيو دل اندر ۾، از شهد شيرا

"روشن جهانيان"

عشق جو احوال ٻئي سان ته سلڻو ئي ڪونهي ڪو. اهو عشق وارن تائين محدود آهي. عامَ سان اورڻو نه آهي.

عشق اچي مو سان ڪيون، ڳالهيون
سلڻ نه جهڙيون ، ڏسڻ نه جهڙيون
"فقير خوش خير محمد"

عشق شهنشاه آهي. عشق جهڙو ٻيو حاڪم ڪير به ڪونهي عاشقن جي مٿان هميشه عشق جي ڇانوَ هوندي آهي، جنهن کي هو برهه جي بوند پائن ٿا ۽ عشق شاه جو شاميان عاشقن جي مٿان سدائين رهي ٿو.

ٽين مصرع ۾ فُرقان واري فرمائش جو ذڪر فرمايل آهي. قرآن جو نازل ٿيڻ ساري ڪائنات لاءِ قادر جو قرب ٽيل آهي. اِهو پهريون ڪتاب آهي جنهن ۾ سڀ راز پوشيده آهي. قرآن ۾ ئي يار جي ديدار جو اسرار سمايل آهي.

"وَفِي اَن فُسَكُم اَفلَا تُبصُرونَ"
يا
"وَنحن اَقرَبُ اليه مِنَ حَب الوَرِيدُ"

اهڙي قسم جا ٻيا به ڪيترائي فرمان قرآن ۾ موجود آهن، جن جي سبب دم دم ۾ دوست جو ديدار قائم دائم رهي سگهي ٿو. اِهو دَمَ جو دَرسُ هادي جو مليل آهي. دم خالي ڪرڻو ڪونه آهي. دَمَ کي دَمُ ڏيڻو آهي ۽ جڏهن ڪڍڻو آهي ته پوءِ پَري ڪڍڻو آهي. هڪ دم به غافل رهڻو نه آهي. جيڪو دم خالي آهي اهو غافل آهي ۽ جيڪو غافل ويو اهو دم ڪافر آهي.

"جو دم غافل سو دم ڪافر - سمجهيو هوش حسابُ"
"محمد فقير ڪنڀار"

ڪلام جي آخري مصرع ۾ پهرين مصرع وانگر لامڪان جي ڳالهه ڪيل آهي. پاڪ مولا جن فرمائن ٿا ته، هٻ اچڻ جيڪو ٽيو آهي، اهو ڪنهن سبب خاطر ٽيو آهي. هت صرف صورت جي سيرڪرڻ لاءِ آيو آهي. ٻيو ڪوبه ڪم ڪرڻو ڪونه اٿس. صورت کي ئي سجاڻڻو آهي ۽ صورت جو ئي سير ڪرڻو آهي.

"ڪم نہ هيڙس ڪو ٻيو ، پاڻ سڃاڻ آيو"

"بيدل سائين"

فقير خوش خير محمد تہ صفاتي سير ۾ ڪو اهڙو محو ٿي ويل ٿو ڏسجي جو مورڳو لامڪان کي ئي وساري ڇڏيو اٿس فرمائي ٿو.

"سَيرُ وسِرَ ڳيا لامڪاني دا، عشق صورت انسان ڏٺوسَي"

"فقير خوش خير محمد"

پر هادي پاڪ جن فرمائن تا تہ لامڪان ڇڏي لاحد وارو لانگهو لنگهي هت صفاتي سير جي لاءِ آيا آهيون ۽ چند ڏينهن جا مهمان آهيون، جيسيتائين سفر پورو ٿئي پوءِ وري پنهنجي اصلوڪي مڪان لامڪان ڏانهن وربو.

(ڪلام)

ٽلهه ۾ مُون تہ مُنهنجو ڦوٽ ، طلب تہ ٻئي ڪنهن طعام جي ناهي

❶

مون مَجائي ماتِ ڪئي سين ، نظر رَکُ ناسُوٽ

❷

مون ماري ٽياسين ماهِرُ ، هڪل هڪ هاهُوٽ

❸

مون مارئي مان هٽ ڇا آيئي ، مِليو مُلِکُ مَلڪُوٽ

❹

مظهر ۾ آهي مهدي ماهِرُ ، لنگهي ويو لاهوٽ

حل لغات:-

(1) ناسوت = بشريت، عالم ظاهر (2) هاهوت = عالم خفي (3) ملڪوت = عالم ارواح (4) لاهوت = عالم ذات، جيڪا هر شئي ۾ موجود آهي. لاهوت دراصل لاهُو الاهُو آهي. ڪن فيڪون ڪان ٻ اڳي قائم آهي.

تشريح:- هن سموري ڪلام ۾ لفظ "مُون" ۽ اُترادي ٻولي، جي لهجي مطابق "مان" لفظ جو تڪرار ڏنل آهي. لفظ "مان" جو وُجوڊ انساني وجود ڪان تمام پراڻو آهي. انساني وجود ڪان ڪئي هزار سال اڳ جڏهن ته جبرائيل عليهِ السلامَ ڪان سواءِ اجان ٻي ڪنهن ٻ ساه واري، شي جي تخليق وجود ۾ نہ آئي هئي، تڏهن ڪان ونِي"مان" جو وجود ظهور ۾ آيل آهي. حضرت جبرائيل جي ظهور پزير ٿيڻ ڪان پوء، هر بارهين مهينہ ذات باري تعالىٰ جي طرف ڪا ن ڪيس حڪم ٿيندو هو تہ وڃ ۽ هيٺ وڃي ڏسي اڃ تہ دنيا ۾ ٻئي ڪنهن جو وجود ٻ ظاهر ٿيو آهي يا نہ؟ جبرئيل عليه السلام حڪم جي تعميل ڪندي جڏهن دنيا جي سير تي نڪرندو هو تہ هن ڪي سموري زمين تي ڪنهن ٻ ساه واري جو وجود ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو هو، ۽ جڏهن اها تسلا ڪري موٽندو هو تہ، اجان ڪنهن ٻ ساه واري جو وجود زمين تي ظاهر نہ ٿيو آهي، تہ الله ذوالجلال جي طرف ڪان ڪانئس پُڇا ڪئي

ويندي هئي ته چا ڏسي آئين؟ هو جواب ۾ عرض ڪندو هو ته هڪ رڳو "تون" ٻيو "مان" باقي ته ٻيو ڪنهنجو به وجود ايڏا ظهور ۾ نه آيو آهي. جڏهن جبرائيل عليه السّلام جواب ۾ هڪ "تون" چئي ٻيو"مان" چوندو هُئو ته "مان" چوڻ سان سندس پَرَ سڙي ويندا هُئا ۽ بارنهن مهينا چچلائڻ ۽ ڪُريز ڪيڻ ۾ لڳي ويندا هُئس. بارهين مهيني هُو به ڪُريز ڪڍي تيار ٿيندو هُئو ته وري ساڳيو حڪم ٿيندو هُئس. وري به گهمي ڦري موتي ايندو هو پر ڪاب ساه واري شيءَ ڪيس نظر ئي ڪانه چڙهندي هئي، ۽ جڏهن وري پڇا ڪئي ويندي هُئس ته هو جواب ۾ اهي ساڳيا لفظ دهرائيندو هو ته ٻيو ڪو به وجود ظاهر ڪونهي سواءِ تنهنجي ۽ منهنجي ته وري به هن جا پر "مان" جي لفظ چوڻ سان سڙي ويندا هئا ۽ وري غريب کي بارنهن مهينا لوڙڻو پئجي ويندو هئو. هر بارنهين مهينه جبرئيل سان اها کار ٿيندي رهندي هئي ۽ پوءِ ڪيترائي سال هُنَ ان ڪسمپرسيءَ ۾ گذاريو. جبرئيل کي ڳالهه ئي سمجهه ۾ نه ئي آئي ته هي ماجرا چا آهي، ۽ هيءَ ڪهڙي گناه جي سزا ڪيس ڏني ئي وڃي ۽ ڪهڙي نموني هي ان مان جند ڇڏائي سگهندو. جڏهن ته هو سواءِ سندس عبادت جي ٻيو ڪوبه ڪم نڏو ڪري ۽ اُهو ئي ڪري ڏو جيڪو سندس ذات کان حڪم ملي ٿو. پوءِ به سندس لاءِ اها ويڏن هر بارنهين مهينه آهي ئي آهي. هن کي ڪاب ڳالهه سمجهه ۾ نه پي آئي ۽ لاچار ئي صبر ۾ رهڻ لڳو. پلا! هجي ڪو ٻيو به ته ڪٿي ان کان ئي رهبري وٺي. پر هت ته اڃان ڪنهن به جيءَ جنم نه ورتو هو جيڪو هن جو همراز ٿيجي. ساري زمين هڪ ميدان مثل هئي، جنهن ۾ جبل، ٽڪرَ، سَمنڊ ۽ درياهه پنهنجي پنهنجي جاءِ تي قائم هُئا. پر منجهن ۾ ڪنهن به ساه واري جو وجود اڃان تخليق ۾ نه آيو هو. آخرڪار قصو ڪوتاهه ته جبرئيل عليه السلام هر وقت ان مونجهاري ۽ ڳڻتيءَ ۾ رهڻ لڳو ته آخر سندس مرض جو ڪوته علاج به هوندو؟!

معمول مطابق هر سال هن جو هيٺ اچڻ ٿيندو هووري موتي وڃي الله سائين کي ٻڌائيندو هو ته بس " تون" ۽ "مان" ٻيو ڪير به ڪونهي ته پر سڙي ويندا هئس. هڪ دفعه حڪم مطابق جڏهن هي زمين جي سير تي نڪتو ته هڪ جبل ۾ گهمندي سندس ملاقات هڪ مردِ مولا سان ٿي. جبرئيل جيڪو بارنهن مهينه ڪُريز پڄائڻ جي اذيت ۾ گذاريندو هو، تنهن حالن احوالن ڏيندي ان مرد مُجاهد کي سموري حقيقت ڪري ٻڌائي ته مان هينءَ الله جي حڪم سان هت ايندو آهيان ۽ گهمي ڦري موتي وڃي الله سائين کي ٻڌائيندو آهيان ته "توکان" ۽ " موکان"

سواءِ ٻيو ڪنهن جو بہ وجود باقي نہ آهي تہ پر سڙي ويندا اٿم ۽ وري ٻارنهن مهينہ پرن جي ڦٽڻ ۾ لڳي ويندا آهن تہ وري ساڳيو حڪم ٿيندو آهي. اهڙي نموني ڪيترائي سال گذر ٿي چڪا آهن پر مونکي ڪابہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ اهو سڀ ڪجهہ ڇا آهي ۽ ائين ڇوٿو ٿئي، جڏهن تہ آءٌ سندس حڪم کان هڪ تر بہ ٻاهر نہ آهيان. سندس عبادت ۽ حڪم کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪم نہ ڪندو آهيان تہ باقي پوءِ هيءَ ڪهڙي جرم جي سزا سدائين ملندي ٿي رهيم؟! جبرئيل جي احوال ٻڌڻ کان پوءِ ان مرد کيس چيو تہ جيڪڏهن تون اسان جو طالب ٿيندين تہ اها سزا توتان معاف ٿي سگهي ٿي. جبرئيل کي اهو سؤدو پنهنجي سزا کان سؤلو سمجهہ ۾ آيو ۽ طالب ٿيڻ آمين ڪيائين. پوءِ ان مرد کيس پر مٿي ڪرائي هڪ مهر هنئين ۽ فرمايو تہ هاڻي جڏهن تون مٿي وڃين ۽ الله تبارڪ وتعالىٰ توکان پڇي تہ ڇا ڇا ڏٺئي تہ تون جواب ۾ رڳو "تون هين تون" چئجان "تون" ۽ "مان" نہ چئجان. اهو "مان" وارو لفظ جواب مان ڪڍي ڇڏ تہ پوءِ تنهنجا پر ڪونہ سڙندا. جبرئيل عليه السلام پنهنجي رهبر مرشد جي هدايت مطابق ائين ڪيو ۽ ان کان پوءِ سندس ڪڏهن بہ پر ڪونہ سڙيا. اهڙي طرح سان عزازيل جيڪو سڀني ملائڪن ۾ وڏي مان مرتبي وارو ۽ عابد زاهد هو. آڱر آڱر ڪڇي سجدو ڪيل هئس پر ان کي بہ "مان" هڻي شيطان بڻائي ڇڏيو ۽ لعنت جو حقدار ٿيو. جيترو وڏو مرتبو هئس اوترو ئي وڏو ذليل ۽ خوار خراب ٿيو. اها "مان" اهڙي شي آهي جو نبين ۽ الله جي پيارن کان بہ سهو ڪرائي ٿي وجهي. عابد زاهد جي تہ ڪلهن تي سوار هوندي آهي. اهو فقير ئي آهي جنهن "مان" کي ماري "مان" جو شڪار ڪيو آهي ۽ "مان" جي شڪار کي پنهنجو قوت گذر ڪيو آهي. باقي تہ ٻيا سڀئي "مان" جو شڪار ٿيندا رهيا آهن ۽ ٿيندا ٿا رهن.

ڪو ڪو کاڌو ايڏو ڳرو ۽ طاقتور ٿيندو آهي جو ان جي واپرائڻ کانپوءِ معدو ايڏو تہ سير ٿي ويندو آهي جو هڪ ٻہ ويلو ٽارڻو پئجي ويندو آهي ۽ ان وچ ۾ ٻيو کڻي ڪهڙو بہ مزيدار طعامُ آڏو ايندو آهي پر وڻندو ناهي. "مان" بہ اهڙي ئي ڳري غذا آهي جو جنهن کاڌي تہ پوءِ ان کي ٻئي ڪنهن بہ طعام جي طلب ئي نہ رهندي.

پاڪ مولىٰ جن بہ فرمائن ٿا تہ سندن قُوت گُذر "مان" آهي، ان ڪري ٻئي ڪنهن بہ طعام جي ضرورت ڪانہ اٿن"مان" جو طعامُ بہ اهڙو آهي جو کاڄندو پيو تہ کُٽلُ رهندو پر جي هڪ ويلو ٽريو تہ پوءِ گُنديون ڀرجي وينديون!

"مون" جو وجود ظاهري آهي، باطن سان "مون" جو ڪوبہ واسطو ڪونہ آهي. ان ڪري پنهنجي هر فعل پوءِ اهو فعل ڀرڻ جو هجي يا ڏسڻ جو هجي يا لساني هجي يا ڪنهي خيالي هجي، مطلب تہ ڪهڙي بہ قسر جو فعل هجي تہ ان کي نظر ۾ رکڻو آهي. پنهنجيءَ هر چر پر تي ڌيان ڏيڻو آهي. جيئن ڪنهن بہ "مان" جو وجود پيدا نہ ٿئي. جڏهن بہ، جنهن بہ فعل ۾ جيڪڏهن "مان" جي رڳو ڪا بوءِ اچي تہ ان کي اتي ختم ڪرڻ گهرجي. سرڪار پاڪ جن فرمائن ٿا تہ پاڻ اهڙو تہ "مان" کي ماري مجايو اٿن جو ويچاري مورڳو فوت ٿي وئي آهي. جيئن ڪنهن شيءِ کي موت ماري ڇڏيندو آهي، اهڙيءَ طرح "مون" بہ مري مات ٿي وئي آهي.

پاڪ مولىٰ جن فرمائن ٿا تہ "مون" سان مقابلو ڪندي اهڙا تہ ماهر ٿي ويا آهيون جو هڪڙيءَ هڪل جي دير آهي. وڌيڪ ٻئي ڪنهن هٿيار جي ضرورت ئي نہ رهي آهي. جيڪو مون مارڻ لاءِ استعمال ڪجي. "مون" رڳو هڪ هڪل جو خرچ آهي. هڪل سان "مون" جو موت لازم ٿيو وڃي. ايڏي مهارت حاصل ٿي وئي آهي. جو"مون" سان مقابلي ڪرڻ جي ضرورت نہ رهي آهي. "مون" مارڻ تمام آسان ۽ آسان ڪم ٿي پيو آهي. رڳو اشاري جي ضرورت آهي.

ٽيئءَ مصرع جي پهرين ٽڪ ۾ سوال پڇيل آهي، مصرع جي پوءِ ٽڪ ۾ وري ان جو جواب پيش ڪيل آهي. سوال اهو آهي تہ "مون" مارڻ مان ڇا ٿو هٿ اچي؟ يعني تہ ان جو نتيجہ ڪهڙو ٿو نڪري ؟ جواب ۾ فرمايل آهي تہ "مون" مارڻ سان ملڪوتي ملڪ مائجي ٿو ۽ ملڪوتي مُلڪ اهو آهي جيڪو "مون" مارڻ کان پوءِ نصيبُ ٿئي ٿو. ملڪوت لفظ جي معنىٰ مٿي ڏئي آيا آهيون، باقي ملڪوتي ملڪ جي خبر تڏهن پوندي جڏهن اُهو مائي ڏسبو. لاهوتُ، هاهوتُ، ياهوتُ، ناسوتُ، مُلڪوتُ ۽ جبروتُ، اهي سڀ منزلون ۽ مُلڪ آهن. جيڪي هن سنسار ۾ رهي ڪري طالب کي طي ڪرڻا آهن. اهي ملڪ سڀ هڪ پاسي تي آهن ۽ ٻئي پاسي هي سارو مظهر آهي يعني تصوير جا اهي بہ رُخ يا پاسا آهن. تصوير هڪ آهي اِهي ٻئي سندس پاسا آهن طالب کي انهن ٻنهي سان نپائڻو آهي. جيڪي سالڪ درويش آهن تہ انهن پنهنجي حُسن سلوڪ سان انهن ٻنهي خيالن، مظهر ۽ معرفت سان بخوبي نپايو آهي. نپائڻ اهو آهي تہ هنن جيڪي بہ ڪجهہ حق جي راهہ ۾ حاصل ڪيو آهي ۽ جيڪي معرفت جا موتي ميڙيا آهن تہ اهي هنن ٻئي عوام تائين بہ پهچايا آهن. هنن اهو فيض عام جاري ڪيو آهي. جنهن جي ساگر مان خاص و عام، غريب و اميرُ، سُهڻو ۽ ڪوجهو سڀڪو سيراب ٿيندو رهيو

آهي. ٻيا اُهي معرفتي متوالئ آهن جن کي مجذوب چيو وڃي ٿو اهي مست هوندا آهن. انهن جو هن مظهر سان کو به واسطو کونہ هوندو آهي بس اُهي پنهنجي ڏڻ ۾ مگن رهن ٿا. هو هڪ ساريکا آهن. هنن جو ڪنهن جي فيض يا فيضيابيءَ سان کو تعلق کونہ آهي پر فقير وت ٻئي ملڪ آهن. انکري پاڻ مولا جن فرمائن ٿا تہ اهي سلوڪ جون سڀ منزلون به لنگهي پار ڪيون اٽئون ۽ مظهر سان به منهن ڏيو ٿا اچون. وري جي سندن اسم پاڪ جي لفظي معني کي وٺنداسين تہ "مهدي" لفظ جي معنيٰ ئي آهي " ڪُل علم" جنهن کي ڳُجهہ جو علم هجي ۽ جنهن کان کوبہ راز مخفي نہ هجي يعني ڪائنات جو قادر.

ڪلامَ ۾ نالو به اهڙيءَ طرح سان رچايل آهي جو رڳو اسم پاڪ جو ئي ڪٿي مطلب وڃي تڏهن به اهو ساڳو ئي مقصد نڪري ٿو اچي ۽ جيڪڏهن نام پاڪ جي معنيٰ کي چڏي سڄيءَ مصرع جي معنيٰ کي وڃي تہ پوءِ به اهوئي مطلب نڪري ٿو اچي.

هي تان مُورُ نہ وڃڻو، چَئو پلا وڃي ڪاڏي
هو ۽ هي هڪ ڪري ، مورک چڏ ماڏي

" سچل"

جهڙو آهين تهڙو هوندين ، فاني ٿيندءُ چا؟
سڏ پنهنجي سر جي ، ڪامل پيڙءِ ڪا؟
ڳالهہ نہ سمجهءِ سا ، آوازي انالحق جي

" سچل"

هو به ڪين وڃڻو، هي به ڪين ويو
نفي ۽ اثبات کان ، پري خيال پيو
سچو سچ ٿيو، ٻانهپ ٻولي ناهہ کا

" سچل"

نکي هي ويندو نکو وري هُو ويندو اهي ٻئي هت رهندا. وڃڻي آهي رڳو "مون" جڏهن "مون" وئي تہ " تون" پاڻهي ليپي پوندين چو جو "مون" جي جاءِ "تون" کي ئي ونڻي آهي.

(ڪلام)

ٽلھ ✤ سيئي پڳيون سين حدون ، ڪاھي پيا آھيون قُصور ۾

❶

انھي قصور ۾ پيا آھيون ڪاھي، جو قصور منصور مارائي
ايان بہ سورن جون سَٽون ، ھر دم آھيون حضور ۾

❷

ڪِٽي عاشق آھيون عذابي ، ڪٽي صوفي صاف ثوابي
ڪِٽي برابر بدون ، آھيون نسوري نُورَ ۾

❸

حد لاحد کان لنگھي اڳاھون ، ٻيا وري کھڑا پنڌ پچايون
صورت واريون سِٽون ، گھايل آھيون انھي گھُورَ ۾

❹

ڪٽي احمد ڪٽي احدي ، ڪٽي محمد ڪٽي مھدي
ڪٽي مي پيون ٽا مَدون ، پل پل آھيون اِنھي پُورَ ۾

حل لغات:-

مَدُون= جمع آھي مد جو،اصل لفظ مَدُ آھي جنھن جي معنيٰ آھي شراب، پاڪ پاڻي.

تشريح:- پاڪ مولیٰ جن فرمائن ٽا تہ حجاب ۽ حساب جون ھڙئي حدون پڄي ختم ڪري ڇڏيون سين. مسلمانيءَ جي حد، شريعت جي حد، عبديت جي حد، ڪفر جي حد، عقل ۽ سمجھ سوچ جي حد ۽ حد لاحد جي حد اھي سيئي حدون لنگھي اڇي قصور ۾ پيا آھيون. ھاڻي قصور پيا ٽا ھلون.

ھي اھو ساڳيو قصور آھي. ھن ئي قصور منصور کي مارايو ھو. منصورَ بہ ھي قصور ڪيو ھو منصور بہ ھن ئي قصور ۾ ڪاھي پيو ھو. ٻين بہ گھٽن اھڙو قصور ڪيو آھي. انھن،مان ڪيترائي قتل ڪيا ويا ۽ ڪيترائي ڦاسيءَ تي چاڙھيا ويا پر ڪنھن بہ ٻڙڪ نہ ڪچي. سرمد کي قتل ڪرڻ لڳا تہ ھُن آسمان ڏانھن نظر ڪئي چيو تہ

بجرمِ عشق توام مي، کُشند وغوغائيست
تو نيز برسر بام آک، خوش تماشائيست

" سرمند "

شيخ حسين بن منصور کي ڦاسي ڏيڻ لاءِ وٺي هلڻ لڳا تہ ماڻهون کين کي پٿر هڻڻ لڳا. پاڻ پٿر سَهندا ۽ کلندا رهيا. جنهن وقت کين تختہء دار تي آندو ويو تہ ان وقت هڪ لک تماشائي موجود هئا ماڻهن پڇين تہ ڪهڙو حال آهي؟ پاڻ فرماين تہ "مردن جو معراج سڙدار آهي سوليءَ جي ڏاڪڻ تي سندن هٿ مبارڪ ڪپيا ويا پاڻ مشڪيا، وري سندن ٻئي پير قلم ڪيا ويا پاڻ کلي خون ۾ ٻڏل ڪاراين سان مُنهن مبارڪ کي سرخ ڪيو ۽ فرمايو تہ :

رَکعتَانِ فِي العِشق لا يُصحَ وَضُوءَ هُمَا اِلاَّ بِدَم

"حسين بن منصور حلاج "

يعني عشق ۾ ٻہ رڪعتون آهن تہ وَضُو ان جو خون کان بغير درست نہ هوندو آهي. ان تي سندن اکيون ڪڍيون ويون. پوءِ نڪ ۽ ڪَن وڍيا ويا. سندن آخري لفظ هُئا:

حب الواحد افرادلواحد ، حب الواحد افرادالواحد

" حسين بن منصور حلاج "

يعني هيڪڙائيءَ جي دوستي هيڪڙائي ڪري ڏسي ٿي. هيڪڙائي کي هيڪڙائي سان،پوءِ سندن زبان مبارڪ ڪٽي وئي ۽ پوءِ مغرب جي وقت سندن سر مبارڪ جسم کان جدا ڪري هر هڪ عضوي کي سنڌ سَنڌ ڪيو ويو.

هي هو منصور جي قصور جو بدلو جيڪو کيس ڏنو ويو پاڪ مولىٰ جن فرمائن ٿا تہ انهي بدلي کان بہ وڌيڪ بدلي ملڻ جي خواهش رکون ٿا. جيڪي سور منصور کي قصور جي بدلي ڏنا ويا هئا انهن کان بہ وڌيڪ سورن سهڻ جو سَٽ رکون ٿا. ڇوتہ انهن سورن تہ اسان کي حضور ۾ داخل ڪيو آهي. انهن سورن جي هجڻ ڪري تہ اسان هردم حضور ۾ رهون ٿا. اهي سور تہ اسان جو سرمايو آهن، جياپو آهن، قرار آهن. انهن ۾ اسان فرحت ماڻيون ٿا. ڪٿي عاشق صادق ٿي عذاب کائيندا ٿا وتون تہ ڪٿي وري صوفن وانگر صاف ٿيو ثواب جا ڪم ڪندا ٿا وتون بہ ڪٿي وري حيوانيت جي حد تي بدون ٿيو بدڪار بڻيا ٿا وتون. ڪنهن

بہ هڪ حد جي بند ۾ نہ آهيون ڪٽي وري نسورو نور بہ آهيون. "حد" اها آهي جنهن جي ابتدا ۽ انتها جي خبر پوي يعني جنهن شيءَ جي شروعات بہ هجي ۽ پڇاڙي بہ هجي. جنهن شيءَ کي ابتدا بہ آهي ۽ انتها بہ آهي تہ ان کي "حد" سڏيو وڃي ٿو. "لاحد" وري ان کي سڏجي جنهن کي ابتدا آهي پر انتها کاڻ اٿس. ان جي شروعات جي خبر پئجي سگهي ٿي تہ ڪٽان شروع ٿي پر ان جي پڇاڙي جي خبر کاڻ پئجي سگهندي ان جي پڇاڙي "لاحد" هوندي آهي ۽ ان جي کاڌ حد مقرر ٿيل ڪونہ هوندي آهي. جنهن شيءَ جي شروعات جي حد مقرر ٿيل هجي ۽ ان جي پڇاڙي جي کاڌ حد مقرر ٿيل نہ هجي تہ ان کي لاحد سڏجي ٿو. حد ۽ لاحد کان جيڪا اڳتي شئي آهي، ان کي نڪو ابتدا آهي نڪو انتها. اها بي انت شيءَ آهي. ان جو ڪوبہ پرو پاند ڪونہ آهي. اهو فقير جو ملڪ آهي جيڪو لاحد کان پوءَ شروع ٿئي ٿو.

"حدين وڃي هر ڪو ، لاحد وڃي پيرُ
سچو سو فقير، جيڪو حد لاحد لنگهي وڃي"
"سچل سائين "

حد لاحد کان پوءَ ڪوبہ پنڌ پيچرو ٺهيل ڪونہ آهي جيڪو وٺي اڳتي هلجي، پوءَ صورت وارو سڌ ڪرٽو ٿو پوي. چو تہ جيڪڏهن پنڌ پيچرو گهڙيل هجي تہ پوءَ تہ ان جي ضرور شروعات بہ هئڻ گهرجي پر جيئن تہ هي حد لاحد کان اڳتي جو پنڌ آهي جنهن جو ڪو بہ انت سرو ڪونہ آهي ان ڪري هن پنڌ جي نہ تہ کا شروعات ئي آهي نہ وري کا انتها ئي اٿس. هي هڪ گونان گون ملڪ آهي جنهن کي "ڪين" سان تعبير ڪري سگهجي ٿو.

پاڪ مولیٰ جن فرمائن ٿا تہ حد لاحد کان اڳتي لنگهي، اڇي بي انت بحر ۾ پيا آهيون، جنهن ۾ نہ آهي پنڌ نہ پيچرو جو ڪٽي پڇائجي، هاڻي صورت وارو سڌ ئي ڪرٽو آهي. جيئن اکيون ٻوٽي گهور ڪري ڪٽي پاڻ اڇلبو آهي ائين هتي بہ گهور ڪري سڌ ڪرٽو آهي. اسان انهيءَ گهور جا ئي گهاڻيل ۽ زخمي ٿيل آهيون. هاڻي ان گهور سان ئي واسطو آهي، جنهن جي مزي موهي ۽ گهاڻي وڏو آهي. صورت واري سڌ کان سواءِ هاڻي ٻيو ڪوبہ رستو ڪونہ آهي. سڌ جي بہ کا شروعات کاڻ هوندي آهي. جڏهن ايندو آهي اتان کاهي پئبو آهي، ان جو ڪو بہ

هنڌ مقرر ٽيل ڪونهي تہ ڪوهِتان يا هُتان شروعات ٿيندي. پوءِ چئبو تہ انهي صورت واري پنڌ جي، جيڪو عاشقن جو هڪ سڌ ڪيل آهيءَ سڌو پنڌ آهي، ان جي بہ ڪا حد مقرر ٽيل ڪانہ آهي، جنهن جي شروعات جي حد نہ آهي اهو لاحد کان بہ لنگهيل چئبو.

جيڪو بي انت آهي، اهوڪُل آهي. اهو سڀ ڪجهہ آهي، اهو باقي آهي پيو سڀ فنا آهي. هِتِ بہ اهو آهي تہ هُتُ بہ اهو ئي آهي. ظاهر بہ اهو باطن بہ اهو. هر جاءِ هر هنڌ بہ اهو ئي آهي تہ ڪڪ پن ۾ بہ اهو وري ويري بہ اهو تہ واهرو بہ اهو، دوست بہ اهو تہ دشمن بہ اهو. جيئن ٽهڪي جو وجود سڀ ڪنهن انگ اکر ۾ شامل آهي، اهڙيءَ طرح بي انت ذات بہ سڀ ۾ سمايل آهي باقي جيڪا بہ بي گهٽائي (ڪثرت) آهي اها فاني آهي. ٽهڪي کان مٽي پيا جيڪي بہ انگ اکر آهن، اها سڀ ڪثرت آهي ان ٽهڪي جي. اها ڪثرت ان بي انت ذات جي صفت آهي. اصل اها بي انت ذات آهي پيو سڀ نقل آهي. وحدت مان ئي ڪثرت ٿي آهي. ڪثرت کي پنهنجو ڪوبہ وجود ڪونہ آهي ڪثرت ۾ بہ وحدت جو وجود ئي ڪارفرمان آهي. ڪثرت ۾ بہ پاڻ آهي تہ وحدت ۾ بہ پاڻ.

"وحدت مان ڪثرت ٿي، وحدت ڪثرت ڪُل"

"سچل سائين"

اِهوڪُل وارو جهان حق هيڪڙائي وارو جهان آهي. اتي صرف پاڻ هڪ آهي، وحدت ۽ ڪثرت جيڪي جدا جدا بہ شيون ٿي ڏسڻ ۾ آيون اُهي ملي "ڪُل" يعني هڪ ٿي ويون، پيائيءَ جو وجود نہ رهيو. عاشق سڌائين انهيءَ هيڪڙائي واري ملڪ ۾ رهندا آهن. انهن وٽ سڌائين حق هيڪڙائي هوندي آهي. اُهي هر دم هر وقت ان هڪ ئي پور ۾ گذارن ٿا.

"رند روز شب آهن سدا ، وحدت جي واديءَ ۾ غرقُ"

"فقير خوش خير محمد"

*

"رهندي قلندر روز شب ، اپني خودي ۾ خود غرق"

"غلام فريد"

انهن وٽ ٻيو ڪوبہ خيال يا سوچ ويچار ڪونہ هوندو آهي. هڪ ئي يار جي تارَ ۾ گذاريندا آهن. هو هر ڏم حق پسن ٿا ۽ حق کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪين ڏسن ٿا. هنن جي اندر ۾ بہ حق سمايل آهي تہ باهر زبان تي بہ حق جو ئي نعرو آهي. هو حق سان ملي اهڙو تہ هڪ ئي ويا آهن جو ڏسن بہ حق ٿا تہ ٻڌن بہ حق ٿا. کائن بہ حق ٿا تہ سوچن بہ حق ٿا. ڪرن بہ حق ٿا تہ ڇوڻِ بہ حق ٿا. اهي حق سان ملي حق ئي ويا آهن. پوءِ ڇو نہ اهي پاڻ کي حق ڇوڻِ؟ جڏهن تہ حق کان سواءِ هنن وٽ ٻي ڪا ڳالهہ آهي ئي ڪانہ. اهي جي"انا احمد ٻلامير" ٿا ڇوڻِ، تہ بہ حق ٿا ڇوڻِ، جي " اناالحق" ٿا چون، تڏهن بہ حق ٿا چون. جيڪڏهن " سُبحاني ما اعظم شاني" ٿا چون، تڏهن بہ حق ٿا ڇوڻِ.

(ڪلام)

ٽلهه ♣ عاشقن اثبات ڪيو ، آهي اَمانت ڪنهن ڪنهن
ثابت صورت سَير جي ، آهي سَلامت ڪنهن ڪنهن

❶

زاهد زماني ۾ ٿيا ، قيدي ڪروڙين ڪيترا
هن حقيقت حال جي ، آهي هدايت ڪنهن ڪنهن

❷

سَير ساري ڪي ڪندا ، صادق سراسر ڪي صحيح
اَنحدي اقرار جي ، آهي عنايت ڪنهن ڪنهن

❸

الله ڪي اثبات ڪيو ، اصل ڪان ئي عاشقن
وحدتي ويساه جي ، آهي ولايت ڪنهن ڪنهن

❹

نُورَ ڪي نروار ڪيو ، نانگن نظاري نامَ سان
مهدي ومنهدار جي ، آهي ملاوت ڪنهن ڪنهن

حل لغات:-

(1) زاهد = اسم آهي فعل آهي زُهد معنيٰ زُهد ڪرڻ وارو، عبادت ڪرڻ وارو (2) صادق = سچو، سچارُ (3) انحدي = انحد مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي قلبي آواز، دل جو آواز ، جيڪو ذاتي ذڪر جي عمل سان قلب ۾ پيدا ٿيندو آهي اهو آواز اهو ئي عمل ڪندڙ سالڪ ٻڌي سگهي ٿو جيڪو قلبي ذڪر ڪندڙ هوندو، بيو ڀرپاسي وارو ٻڌي ڪونہ سگهندو. جيئن ڪن ۾ اگريون وجهي بند ڪرڻ سان آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ۽ اُهو آواز ڀرپاسي وارو ٻڌي نہ سگهندو آهي (4) عنايت = ايڇپو، احسان، پلائي (5) منهدار = رهبر، اڳواڻ

تشريح :-"بحرعميق ۾ ڪيئي ويڙهه ڪنهن ڪنهن سمجهيو سارو سَيرُ"

هن بي انت بحر جا ڪيترائي پانڌيڙا آهن، ڪيترا ان پنڌ ۾ مري هلي ڪپي ويا ته ڪيترا وري ان ڪارونڀاري ڪُن جو ڪڙڪو ٻڌي دهلجي موٽي پيا، ۽ ڪي وري آهن جيڪي اڃا پيا ٿا تار ۾ تڙڳن. هاڻي ڳالهه آهي اها ته جيڪي موٽياسي ته ڇٽا، اُهي ته ڪنهن ڪم جا نه ٿيا باقي جي آهن ۽ جيڪي ان پنڌ ۾ مري ويا، انهن ۾ به اُهي تمام ٿورا آهن. جن بحر عميق جي پاتار ۾ پيهي، سپون سوجهي لعل آندا هجن ۽ ساري عميق جو سير ڪيو هجي. پاڪ مولا جن فرمائن ٿا عاشق صادقن يار کي اثبات ته ڪيو آهي پر هنن مان ڪنهن ڪنهن وٽ سموري سير جي ثابت ۽ صحيح سلامت صورت ملندي. ڪنهن جي صورت کي هٿ هوندا، ته پير ڪونه هوندا پير هوندا ته مُنهه ڪونه هوندو جي مُنهه هوندو ته مٿو ڪونه هوندو ۽ ڄنگهه هوندي ته ٻانهه ڪونه هوندي مطلب ته ڪانه ڪا شيءِ ضرور کٽل هُوندس. صحيح سلامت سورنهه ئي آنه، ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين صورت اثبات ڪرڻ، سڀ ڪنهن جي جاءِ نه آهي وري ان صورت کي سينگارڻو به هن کي ئي آهي جيڏو به وڌيڪ سينگار ڪرائبس نه اوترو وڌيڪ سهڻي صورت لڳندي.

صورت جي مڪمل اثباتي جنهن ۾ هر عضوو نمايان لڳندو هُجي سڀ ڪنهن وٽ نه آهي. اُها ڪنهن ڪنهن وٽ امانت آهي. زاهدن ۽ عابدن جي هت حاجت نه آهي اهي ته ويچارا مذهب جي قيد ۾ قيد آهن. صحيح ۽ سڄي حقيقت جي خبر ته انهن مان به ڪن ٿورن کي آهي جيڪي ان بحر بي انت ۾ گهڙيا آهن هاديءَ جي هدايت به ڪن ٿورن کي ٿيل آهي ان حقيقت کي پروڙڻ جي.

ڪي سچا سالڪ هوندا جيڪي صورت جو سارو سَير ڪندا، باقي ته ڪي اڌ ۾ ڪي پنڌ ۾. ڪن پرين ڏٺو ته ڪن پرينءَ جو رڳو تڪيه پسيو، ڪن خود نور ڏٺو ته ڪي تجليءَ جو تاب به جهلي نه سگهيا مڪمل ديدار ڪنهن ڪنهن کي نصيب ٿيو.

"حسن تنهنجي کي هلي ، ڪامل ڪي ڪي ڏسندا
جنهن تنهن جي جاءِ ناهي، پيارا ڪي ڪي پسندا"

" فقير مظهرلاکو"

ذاتي ذڪر جي عنايت به ڪنهن ڪنهن سان ٿيل آهي. ذاتي ذڪر سان جيڪو قلبي آواز جنهن کي الهامي آواز يا غيبي آواز به چئي سگهجي ٿو ۾ ان انحدي آواز جو قرب به ڪنهن ڪنهن سان ڪيل آهي. مولئ پاڪ جن فرمائن

ٿا ته صورت جي اثباتي لاءِ پهريان مڪمل ۽ مضبوط ويساه جي ضرورت آهي. اڃ ڏنل جي اثباتي ڪرڻي آهي پهريان جيستائين ان ۾ ويساه پڪو نه هوندو تيستائين اثباتي ٿي نه سگهندي.

"وهڻ ويسه کان سواءِ، پي وهم جي آهي ونگار"
"محمد فقير ڪٽياڻ" .

يقين محڪم، مڪمل ويساه ۽ اٽل ارادي جي ضرورت آهي پر اها ويساه واري ولايت به ڪنهن وٽ آهي. ذات باري تعالي جو نور ته اولين ۽ آخرين آهي، ٻيو سڀ ڪجهه عارضي ۽ فاني آهي سندس ذات کي ئي بقا آهي جيڪا هميشه رهڻي آهي. پاڪ مولىٰ جن فرمائن ٿا ته نُور جي اظهاري تڏهن ٿي جڏهن صورت ۾ سمايو. نور جو ظهور ته اولين آهي پر نرواري تڏهن ٿي جڏهن نامَ ۾ آيو. جڏهن صفاتي صورت ۾ آيو ته پاڻ ٿي نالو رکايائين پوءِ ان نالي نکيڑي نشابر ڪيس. ۽ "الانسان سِري وَ انا سِره" چيائين. جيڪو طالبن ۽ نانگن مُغان جي ڏسيل نامَ سان ڳولي وڃي لڏو ۽ ظاهر ڪيو ۽ مهدي ۽ مولىٰ ۾ ڪوبه فرق ڪونه ڏنو پر نور کي نروار ڪرڻ ۽ مهدي و منهدار جي ملاوت ڪرڻ به سڀ ڪنهن جو ڪم نه آهي انهي ميدان ۾ به ڪي عاشق صادق ايندا جيڪي غازي مرد هوندا، سڏڻين جي جاءِ نه آهي.

"هزارن ۽ سَوَن ۾ ڪا، هوندي هڪڙي سچي دلڙي
لکن ۽ ڪروڙن ۾ ، نظاري تي ايندي نڪڙي"

(ڪلام)

ٿلھ ♣ آهيان عبديت جي اولي، ڳجهي ڳالھ لڌم ڳُجھ ڳولي

❶

احديت آ اقرار اسانجو ، قالو بلىٰ واري قولي

❷

پاڻ سڃاتم پاڻکي ڄاتم ، ڀَوَ ڀڃي سڀ ڀولي

❸

صحيح سڃاتم ثابت سرکي ، ٻولڻ وارو ٿو ٻولي

❹

مظهر ۾ اٿم نالو مهدي ، خيال ڏٺم خود کولي

حل لغات :-

(1) عبديت = صفت آهي عبد جي بمعنىٰ بانهپ، غلامي، بشريت (2) احديت احد جي صفت آهي، بمعنىٰ هيڪڙائي، هيڪڙائيت، حاڪميت (3) قالوبلىٰ = الله جي وحدانيت جو اقرار.

تشريح:- سالڪ جڏهن سِريءَ جو سير ماڻي ٿو، تڏهن هِن تي جيڪو بہ مخفي راز آهي اهو عيان ٿئي ٿو ۽ پوءِ حق جي هوڪي ڏيڻ کانسواءِ هو رهي نہ ٿو سگهي. جنهن لاءِ کيس سُوليءَ جي سيج بہ سجائڻي پوي ٿي، ميدان مقتل ۾ سِرُ بہ ڪٽائڻو پوي ٿو ۽ اُلٽو پوش بہ لاهي ڏيڻو پوي ٿو. پر جيئن تہ هو حق جو داعي آهي ان ڪري حق کي لڪائڻ هِن جي لاءِ سڀ کان وڏو عذاب آهي، بنسبت ان جي جيڪي ڪجھ هن کي حق کي ظاهر ڪرڻ ۾ ملي ٿو.

جڏهن ڳُجھ کي ڳولي لڌائين ۽ خبر پيس تہ هي سڀ جيڪي ڪجھ ظاهر آهي اهو هڪ راز آهي ۽ حقيقت ۾ پاڻ ئي سڀ ڪجھ آهي تڏهن اناالحق جو نعرو هنيائين. هن کي پوءِ عبديت جو وجود ئي ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. پاڪ مولىٰ جن بہ اهو ئي فرمايو آهي تہ عبديت جو تہ ڪو وجود ئي ڪونهي. جنهن جو اولو چيو وڃي ٿو. جنهن شيءِ کي پنهنجو وجود ئي نہ آهي تہ پوءِ اُها اولو ڪيئن ٿي بڻجي سگهي؟! جنهن کي اولو ٿو چئجي اهو اولو نہ آهي پر پنهنجي پسڻ جو ڀولو

آهي. اولو پاڻ الله آهي. جيڪو عبد آهي سو مَعبود آهي، جيڪو مَعبود آهي سو عبد آهي

"احدي دي وچ عبدي آئي، تنهن مورت وچ صورت سمائي
غلام نوبت شاهي وڄائي ، پا خِرقا برهه بَسمُ كا"
"سائين غلام شاه"

احد مان عبد ٿيو وري عبد مان احد ٿيو. "آنا اَحمد بِلامِيم" واري حديث جي به اِها ساڳي معني آهي.

آدم كو الله جانو ، شُملا اتارو شَك كا
وحدت كا جام پي كر ويكهو نظارا حق كا
"پير اعجازراشدي"

مولىٰ پاڪ جن جو فرمان آهي ته "پنهنجو نالو پاڻ ٿو پيو وئي" يعني پنهنجي عبادت پاڻ ٿو وينو كري! اهو قالوبلىٰ وارو قول به اسان كيو ۽ اسان سان ٿيل آهي. "الست بربكُم" به اسان چيو. احديت جو اقرار به اسان ورتو ۽ عبديت جو اقرار به اسان كيو.

اَلست بربكم جڏهن كَن پيوم
قالو بلىٰ قلب سين تڏهن تت چيوم
انهي ويل كيوم وچن ويڙهيچن سين
"شاهه سائين"

ذات باري تعالىٰ جي طرف كان جڏهن الست بربكم جو آواز عالم ارواح ۾ پهتو ته سڀني ارواحن سر تسليم خم كيو ۽ با ادب ٿي قالوبلىٰ جو قول كيو. فقير فرمائي ٿو ته اهو الست جي آواز كڻڻ وارو به آءٌ ئي آهيان ۽ قالو بلىٰ به چوڻ وارو به آءٌ ئي آهيان. جڏهن الست چيم تڏهن احد هئس ۽ جڏهن قالو جو قول كيم تڏهن عبد ٿيس پهريان رڳو ذات هئس پوءِ صفت ۾ سمايس. پهريان بي رنگ هئس پوءِ رنگ ۾ آيس. پهريان احد هئس پوءِ عبد سڏايم ۽ پوءِ ذات ۽ صفات، رنگ ۽ بي رنگ جي راز كي سجاڻي وڃي صورت سان پيچ پاتم.

پاڪ فقير جي سخن مطابق پنهنجو نالو پاڻ كي ٿي ونڻو آهي يعني پاڻ سڃاڻڻو

آهي. ظاهري ڏسڻ ۾ ته هي "پاڻ" ماس ۽ رت جو هڪ مجسمو آهي، جنهن ۾ چُرڻ پُرڻ، سمجهڻ، سوچڻ ۽ ڏسڻ، ٻڌڻ جي هڪ شڪتي سمايل آهي، پر اصل ۾ هي ڪجهه ٻيو آهي. اهو هاڻي پاڻ تي مدار اٿس ته هي پاڻ کي چا ٿو ثابت ڪري ڏيکاري، آيا اِهو ٿو ثابت ڪري ڏيکاري جيڪو ڪجهه واقعي هي آهي يا پنهنجي ظاهري رنگ کي ٿو ثابت ڪري ڏيکاري جيڪو ڪجهه هي نه آهي.

Your are not what you are, what you think you are.

"عمل سي زندگي بنتي هي، جنت بهي جهنم بهي،
يه خاکي اپني فطرت مين، نا نوري هي نه ناريٰ هي"
"اقبال"

پاڻ کي پروڙڻ جي عمل ۾ ڪيترائي خوف ۽ خطرا شامل آهن. انهن سڀني سان سالڪ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. پاڻ تي پڪ آڻڻ لاءِ هن جسم کان جدا ٿيڻو پوي ٿو، سر جو سانگهو لاهڻو پوي ٿو.

يسمع کري يُبصر صحيح ، هن جسم کان جاهل ٿئين
صورت سجاڻي پنهنجي ، هر فعل کان فاعل ٿئين
"سچل سائين"

هر اهو خوف جنهن ۾ جسم کي جوکو رسي ٿو، ان کي ختم ڪرڻو آهي. موت کان ڊڄڻو نه آهي، موت سان ته محبت ڪرڻي آهي. موت جو واسطو جسم سان آهي صورت سان نه آهي. صورت تڏهن سڃاپندي جڏهن جسماني وهم ويندو.

اسم جسم وچ جهگڑا لايا ، خوف رجا دا خطرا اڻايا
انحد مُرلي ڦوڪ سڻايا ، وهم گيا ڪُل غم کا
"سائين غلام شاهه"

سرڪار مولىٰ جن فرمائن ٿا ته پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ سان اهي جسماني وهم گمان، خوف ۽ خطرا، ڏوڙ ۽ پولا سڀ لهي ويا. جو جو خبر پئي ته هر فعل جو فاعل ٽون پاڻ آهين. پاڻ کي ڳولڻ وارو به پاڻ ئي آهي جيڪو ٻولڻ وارو آهي. اِهو راز به هن پاڻ اچي کوليو ته هُٽ چا هُيس ۽ هٽ وري چا پيو سڏايان.

هُتي ڪير هياس ، هِتِ آيس ڪير ٿي
هُتي نالو ٻيو هُئو ، هِتِ نئين نانءَ ٿياس
عاشق ٿي آياس، نت هئس معشوقي ملڪ ۾
"سچل سائين"

اچڻ نہ هو منهنجو هِتي، پر خواهش ڪنهن ڪنيانس
حُسن سندي هَوسَ هئي، جنهن هِتي هيرايانس
وڃڻون آءُ وياس، سچل سارو سچ ٿيو
"سچل سائين"

بعد ۾ هي ڪلام" آهيان عبديت جي اولي" ٿي سرڪار مولىٰ جي حضور ۾ ڳائجڻ لڳو ڪلام جي ٽلهه مان"ناهيان" جو لفظ ڪڍي" آهيان " جولفظ وڌو ويو. ان ۾ مصلحت اها هئي تہ "ناهيان" جي لفظ پوڻ سان سڌو سنئون اناالحق جو نعرو ظاهر ٿئي ٿو ۽ " آهيان" جي لفظ پوڻ سان اناالحق جي راز کي رومال ۾ ويڑهي ظاهر ڪيو ويو آهي. باقي تہ ڪلام جي معنىٰ مطلب ۾ ٻيو ڪو بہ فرق کونہ ٿو اچي.

ڪلام جي آخري بند ۾ سرڪار مولىٰ جن فرمائن ٿا تہ جڏهن خيال کي جاچي ڏسڻ ۽ پاڻ پروڙي ورتم تہ خبر پئي تہ اصل ۾ هِنَ جو نالو ڪو ٻيو هو پر هن مظهر ۾ اچڻ ڪري وري نئون نالو پيُس. جيڪو صفاتي نالو آهي. بس رڳو نالي بتل آهي باقي تہ آهي اهو ئي پاڻ، جيڪو هُتي بنا نالي هو ۽ هِتي وري نالو پيُس

"مظهر ۾ اٽم نالو مهدي ، خيال ڏسڻ خود ڪولي "

" مهدي مولا "

(ڪلام)

ٽلھ ۾ پنھنجي پاڪ پسيم پيشاني ، ويا خوف خطر خفقاني

❶

ھُئڻ حجاب ھليو ويو ھڪ دم ، ٿُورُ رھيو نوراني

❷

رَنگُ چڏي بي رنگ رھياسين ، لَاحد ۾ لاثاني

❸

ساھُ صَدقُ سِرُ گھورَڻُ گھوريان ، مھديءَ اڳيان مھماني

حل لغات :-

(1) خفقاني نفسي خيال، حيواني حرڪ (2) لاثاني جنھن جو ڪو مٽ نہ ھجي.

تشريح :- بيدل سائين فرمايو آھي تہ "پاڻ سڃاڻڻ آيو ھت ڪر نہ ھيڙس ڪو ٻيو" اھا تہ ھر ڪو جاڻ رکي ٿو تہ ھي ھتي مھمان آھي. اصل ھتان جو نہ آھي. اصل ملڪ ھن جو ڪو ٻيو آھي. وري مونڻو ٻہ ائس. ڪُل نَفس ذائقة الموتُ، پر اھا خبر تمام گھٽ کي آھي تہ ھي آيو ڪھڙي ملڪ کان آھي ۽ ويندو ڪھڙي ملڪ ۾ جڏھن اھا سموري خبر پئجي ويندي تہ ھي ڪھڙي ملڪ جو رھواسي آھي ۽ ڪھڙي ديس ڏانھن ويندڙ آھي تہ پوء سندس اچڻ جي مقصد جي ٻہ جلد خبر پئجي ويندي، جن کي سموري سڌ آھي تہ ھي ڪٽان آيو آھي ۽ ڪيڏانھن ويندو تہ انھن پوء ھن جي اچڻ جو مقصد ٻہ بيان ڪري ٻڌايو آھي.

صوفي، کي تہ سبق ئي پاڻ سڃاڻڻ جو مليل آھي. صوفن جو سرتاج جيڪو سڀني صوفن جو مرشد رھبر آھي، جتان اسلامي تصوف شروع ٿيو، مولیٰ علیؑ جو قول آھي "مَن عَرف نَفسہ فقد عَرف رَبہ" "جنھن پاڻ کي سڃاتو ان پنھنجو رب سڃاتو." رب کي سڃاڻڻ جو تہ حڪم مليل آھي. قرآن ۾ آھي تہ جنّ ملائڪ ۽ انسان وغيره الله جي عبادت لاءِ پيدا ڪيا ويا آھن، يعني الله کي ياد ڪرڻ ۽ ڪيس سڃاڻڻ لاءِ اھا مخلوق پيدا ڪيل آھي. انساني پيدائش جو مقصد ئي وڃي ٿيو الله کي ياد ڪرڻ ۽ ڪيس سڃاڻڻ. الله کي سڃاڻڻ جي لاءِ علي سائين جن مٿيون قول فرمايو آھي جنھن مطابق ھن کي پاڻ سڃاڻڻو آھي پنھنجي عبادت

ڪرڻي آهي ۽ پاڻ کي ياد رکڻو آهي. ائين ڪرڻ سان ڪيس الله ليپي پوندو ۽ الله کي سڃاڻي سگهندو جيستائين پاڻ نڻو سڃاڻي تيستائين الله جو سڃاڻپ ناممڪن آهي.

جڏهن ته هي هٿي رب پاڪ جي عبادت ڪرڻ ۽ ڪيس سڃاڻڻ لاءِ آيل آهي ته پوءِ صوفن جو اهو چوڻ ته هي هٿي پاڻ سڃاڻڻ جي مقصد سان آيل آهي سئوفيصد صحيح آهي. چوته رب کي سڃاڻڻ لاءِ پاڻ کي سڃاڻڻ جي ضرورت آهي

جيستا ئين پاڻ نڻو سڃاڻي تيستائين هن جي هر عبادت ۽ هر فعل اجايو آهي. پاڻ کي سڃاڻڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي قابو ۾ رکڻو آهي. هر وقت پاڻ تي نظر رکڻي آهي. پاڻ کي باضابطي هلائڻو آهي اڻ ويهڻ، گهمڻ ڦرڻ، ڏسڻ ٻڌڻ، سمجهڻ سوچڻ مطلب ته پنهنجي هر چُر پُر تي ڪرڙي نظر رکڻي آهي پنهنجو منصف پاڻ کي ٿيڻو آهي. پنهنجي ڪوتيءَ تي پاڻ کي پرکڻو آهي.

"عدل ۽ انصاف جا ويڻا تر تورين"

" فقير مهدي مولا "

اهي ٻئي ڪنهن جي عدل ۽ انصاف جا تِر ڪوڙ ٿا ويڻا تورين، هنن کي پنهنجو جهيڑو لڳل آهي اندر ۾. هنن وٽ پنهنجو قاضي ۽ مفتي آهي. هو پاڻ کي سچ چون ٿا. هو هر ڳالهه کي ۽ هر معاملي کي پاڻ ۾ جاچن ٿا ۽ پاڻ ۾ ڳولن ٿا. هو ڪفر کي به پاڻ ۾ جاچن ٿا ته ايمان کي به پاڻ ۾ ڳولن ٿا. لعنت ۽ رحمت کي، نيڪي ۽ بدي کي، ثواب ۽ گناهه کي مطلب ته هر فعل کي پاڻ پَسن ٿا. ٻئي سان ۽ ڪنهن ٻئي جي فعل سان هنن جو ڪو به واسطو ڪوڙ آهي. پاڻ تي پڪ ڪرڻ لاءِ هو پاڻ کي آزمائش ۾ وجهن ٿا. هو هر طرح سان پاڻ کي آزمائي ڏسن ٿا. هو پنهنجو امتحان پاڻ ولندا رهن ٿا. انهن امتحانن ۽ آزمائشن کانپوءِ جڏهن هو پاڻ کي "حق" پسن ٿا تڏهن پوءِ پيا جيڪي به نفسي ۽ حيواني خيال ۽ خواهشون آهن، اهي سڀ خود بخود ختم ٿي وڃن ٿا. پاڻ ۾ پڪ پوڻ سان جيڪي به وهم گمان، خوف خطرا ۽ وسوسا هٿا اهي سڀ ختم ٿي وڃن ٿا جيستائين هن کي پاڻ ۾ پڪ نه هئي ۽ پاڻ تي پروسو نه ٿي رکي سگهيو تيستائين هزارين وهم گمان ۽ سوداءَ هن جي اندر ۾ پريل هٿا. جيئن جو پاڻ کي حق ڏنائين ۽ پڪ ٿيس نه سڀ ڪجهه هي پاڻ آهي ٻيو ته ڪو موجود ئي ڪونهي ته سڀ شرڪ شبهات ۽ هٿ حجابات هڪ ئي جهٽڪي سان اندر مان اٿي ويا ۽ رڳو وڃي هڪ پاڻ رهيو، سندس ئي

پنهنجو ٿور باقي وڃي بچيو، ٻيا سڀ خيالات ختم ٿي ويا صوفيءَ کي صورت جي اثباتي ڪرڻي آهي. صورت جي اثباتي لاءِ هادي رهبر جي ضرورت آهي. مرشد جي صورت کان سواءِ، صورت اثبات ٿي نه سگهندي ۽ صورت کي سڃاڻڻ لاءِ ورِي ضروري آهي ته "پاڻ" سڃاڻي. پهريان پنهنجو پاڻ سڃاڻي ته پوءِ صورت ۾ پاڻهي سڃاپي پوندي.

پاڻُ جنين پاڻ ۾ ، پَسيو نہ پيهي
صاحبڏنہ صورت جي، ڪَل تنين ڪيهي
تنين کان ويئي ، چَپَ چڪّيندي راتڙي
"فقير صاحب ڏنو"

هي "پاڻ" اصل ۾ بي رنگ ذات آهي، جيڪا هِٿ اچي رنگ ۾ سمائي آهي. پاڻ کي پُرجهڻ سان هي رنگ مان نڪري بي رنگ ۾ پهچي ٿو. جيستائين رنگ ۾ آهي تيستائين هن کي پنهنجي اصليت جي ڪابہ خبر ڪانہ ٿي پوي. جڏهن رنگ کي چڏي پاڻ ۾ پيهي پاڻ کي پرجهي ٿو، تڏهن بي رنگيءَ جي سُڌِ پَويس ٿي ۽ رنگ چڏي بي رنگ رهي ٿو. بي رنگ اها ذات آهي جنهن جي ڪا حد شمار ئي ڪونہ آهي، اُها لاحد ذات آهي. سالڪ جڏهن ان منزل تي پهچي ٿو يعني پاڻ سڃاڻي ٿو ته پوءِ هو بي انت بحر ٿي ٿو وڃي. هو پوءِ ٻنهي جهانن جو مالڪ آهي، رنگ جو ۽ ته بي رنگ جو ۽. سالڪ پنهنجو پاڻ کي پسڻ لاءِ پنهنجي جان ۽ جسم جي قرباني ٿو ڪري ۽ چوي ٿو ته ساهہ کي صدقو ڪري ۽ سر کي گهوري گهمائي ۽ بي رنگي جي اڳيان مهماني جهليان.

(ڪلام)

ٽلھ ۾ پاڻ وڃائي پاڻ ٿي آيس ، پنھنجو آھيان پاڻ

❶

ڪير آھين ڪنھن کي ٿو ڳولين، سڀ ڪجھ توسان ساڻ

❷

منصور واريءَ مامَ تي مُحڪُم، ڪوھُ ڪيون ڪنھنجي ڪاڻِ

❸

اِھو انصافُ عِشقَ جو آھي ، ڇڏ طرف چانڊاڻِ

❹

مظھر ۾ ٿي آيس مھدي ، ھر سان ھِڪ ھِڪاڻِ

حل لغات :-

(1) مامَ = راز، ڳجھارت. ڪارنامہ (2) مُحڪم = اٽل، مضبوط (3) ڪوھُ = ڇو، ڇا، ڇا جي لاءِ (4) پاڻ وڃائڻ = فنا ٿيڻ. ذاتي ٿيڻ ۽وجود وڃائڻ. سر جو سانگو لاھڻ. ھستيءَ کي گم ڪرڻ،ھٽڻ مٽائڻ. گم ٿيڻ. مرڻ. مرڻ کان اڳي مرڻ،مري جيئڻ، موتو قبل الأنت موتو. تصوف ۾ اھي ھر معنيٰ اصطلاح آھن. انھن سڀني جو معنيٰ مقصد ساڳيو آھي

تشريح:- اصل ۾ ڏسجي ٿو تہ ڪابہ شيءَ فاني ڪونہ آھي صرف شڪل مٽجي ٿي باقي تہ ان اصل شئي جو وجود پنھنجي جاءِ تي قائم دائم آھي. جيئن جسم کي فاني ٿو سڏجي پر اُھو فنا ڪونہ ٿو ڏي رڳو شڪل ٿو مٽائي. جيڪي جزا مٽيءَ جا آھن اُھي مٽي ٿيو پوءِ. پاڻي وارا جزا پاڻ تي پاڻي ٿيو پون. مطلب تہ پنھنجيءَ پنھنجيءَ صورت ۾ اھي بلڪل موجود آھن باقي تہ ملي ڄلي انھن جزن جيڪا ھڪ شڪل ٺاھي ھُئي اُھا ختم ٿي وئي.

موت کیا ہے اجزا کا پریشان ہونا
زندگي ہے اجزا کا ترتیب ہونا

پاڻ ۾ انهن جزن جو ترتيب سان ملڻ کري هڪ زندگي نهي ٿي وري جڏهن انهن جزن ۾ کا گهٽ وڌائي ٿئي ٿي ۽ انهن جي ترتيب ۾ قير ڦار اچي ٿي ته پوء موت واقع ٿئي ٿو.

"جهڙو آهين تهڙو هوندين، فاني ٿيندءُ چا؟
سُڌ پنهنجي سِرَ جي، ڪامل پيڙءِ ڪا؟!
ڳالهه نه سمجهيءِ سا، آوازي اناالحق جي"

"سچل سائين"

سچل سائين فرمائي ٿو ته فنا کان به شيء کان ٿيندي. متين اصطلاحن جي معني ۽ مقصد آهي "مان" کي ختم ڪرڻ بس رڳو "مان" کي چڏي ڏي ان کي اندر مان ڪيي چڏ ته "پاڻ" به وڃائجي ويندو ۽ "پاڻ" ليي به پوندو. مرڻ کان اڳي مري به پئبو ۽ جي به پئبو.

"هي تان مُور نه وڃڻو، چَڻ پلا وڃي ڪاڏي
هُو ۽ هي هڪ ڪري ، مُورڪ چڏ ما ڏي"

"سچل سائين"

نڪي هي ويندو نڪو وري هو ويندو رڳو ويندي "مان" جيڪا هنن بنهي جي وچ تي آهي ۽ جيڪا هنن کي بن ۾ ورهائي ظاهر ڪري ٿي. جڏهن انهن وٽان "مان" نڪري ويندي ته وچ واري وٽي به ختم ٿي ويندي ۽ "هي" پوء "هو" هڪ ٿي ويندا هاڻي ٽيو وجي هڪ هوئن اڳي به هنا هڪ "هي" ٻيو "هو". بئي جو پاڻ ۾ مليا ته بن عددن مان ڦري وجي هڪ عدد نهيو. بن عددن مان گهٽجي هاڻي وجي هڪ عدد بچيو. بن عددن جي صورت مٽجي وجي هڪ عدد جي صورت نهي. اهڙي طرح هي ۽ هو به جڏهن پاڻ ۾ مليا ته هڪ صورت وجود ۾ آئي "هي" ۽ "هو" بنهي صورتن پاڻ ۾ ميلاپ ڪري هڪ صورت کي جنم ڏنو. اها صورت آهي "پاڻ" هي+ هو: پاڻ

مولي پاڪ جن فرمائن ٿا ته "پاڻ وڃائي پاڻ ٿي آيس" اهو پاڻ پائڻ ۽ هئڻ. جيڪو "مان" ڪرائي ٿو، ته مان به ڪا هستي آهيان، ختم ڪري وڃائي چڏيوسين. "هي" ۽ "هو" هڪ ٿي ويا "مان" مري وئي، وجي پاڻ بچيو، بيائي نڪري ويئي

هيڪڙائي ٿي وئي. وڃي هڪ بچيو تون جنهن کي ڳولين ٿو اهو ته توسان گڏ آهي. تون سڀ جو مالڪ آهين. سڀڪجهه تو ۾ ئي موجود آهي. رڳو تون پاڻ کي سڃاڻ ته سڄي خبر پئجي ويندءِ. اها خبر لهُ ته تون ڪير آهين. ٻي ڳولا کي ڇڏي ڏي. ٻي جنهن به شيءِ جي ڳولا ڪندين اها تون پاڻ ۾ پسندين. جيڪا به شيءِ وجود ۾ آيل آهي اها سڀ تو ۾ سمايل آهي. تون ئي ساري ڪائنات جو سرچشمو آهين. جنهن مان هيءَ ساري ڪائنات سيراب ٿيندي رهي ٿي. الانسان سري، تون به هڪ راز آهين ۽ تون پنهنجي رازکي پاڻ ڳولي لهُ ته ۽ انا سره جو راز توکي پاڻهي ليي پوندو. جڏهن پاڻ پروڙيوسين ته حق پاتوسين ۽ پاڻ کي ئي حق ڏٺوسين. ته پوءِ غيرالله جي ڪاڻ ڇا جي لاءِ ڪڍون؟

"سچو سچ ٿيو، ٻانهپ ٻولي ناهه ڪا"

"سچل سائين"

اِهو سارو سير عشق ڪرايو آهي. اهو عشق جو ئي انصاف آهي جنهن چوڏنهن طبق روشن ڪري ڏيکاريا. عشق جي اچڻ سان آتن اُجرو ٿي پيو. ڪتڻ ڪنبڻ کان جُند ڇٽي پئي. هاڻي ڪنهن به زهد عبادت ڪرڻ جي ڪاڻ نه رهي آهي. ڳالهه جي ڳوٽ ڀڄي پئي ۽ ڪير ڪري ڪنهن جي عبادت؟! تڏهن به راز کي رمز ۾ رکيوسين ۽ مظهر ۾ مهدي ٿي آياسين. ذات مان صفت ۾ اچي سماياسين. صفاتي سنسار ۾ به هيڪڙائي جو هوڪو ڏنوسين. پنهنجي پرائي جو فرق توڙي حق هيڪڙائي جو درس ڏنوسين.

دوست دشمن هِڪُ ڪيو، گودڙيا گهمن
تون مان وڃائي وچ مان ، پنهنجو پاڻ پَسڻ
هادي مريد هڪ ٿيو ، تفاوت نه تڻ
لوچي لڌو تڻ ، انهي ريت رستم چوي

" فقير رستم سائين "

(ڪلام)

ٽلهه: حالُ حُسيني حاضر ناظر ، حيدر جي هَمراهي بي پرواهي

❶

ڏَرُ ڏَرُ ديدَ ڏَروني ڏَرشنُ ، چشمن جي تہ چٽائي صاف صفائي

❷

ڏر ڏَربانُ عليءَ جي دائمُ ، رَهبر رازِ رَسائي ٿورو لائي

❸

مانجهي مرد ميدان ۾ مُرڪي ، سورهه آيا تہ سپاهي اها ادائي

❹

اِهي يَلايون عِشق جون پائيان ، مهديءَ سانڀ مِلائي توڙ رسائي

حل لغات:-

(1) ڏَروني= ڏَراندر، اندروني، اندريون (2) درشن يا درسن= ديدار، ملاقات (3) ڏَربانُ = در+ بانُ = در+ وارو، بمعني دروارو، در جو نوڪر(4) مانجهي = مڻ وارو، بهادر، سورهه

تشريح :- اڳين ڪلامن ۾ واضع ڪري چڪا آهيون تہ مولىٰ پاڪ جن کي شروع کان وٽي پنجتن پاڪ کان رهبري عطا ٿي آهي. ڏهن پارنهن سالن جي عمر ۾ امام عالي مقام حضرت امام حسين عليه السلام جن جي ديدار جو شرف حاصل ٿيو ۽ ڪائنڪ تلقين تہ ملين. وري ڪوٽڙجي ۾ حاجي فقير جي هٿان عليؑ مولىٰ کان بشارت ۽ عطا ٿين، جڏهن تہ پاڻ عمر جي چوٽين ڏاڪي ڪن ۾ هوندا. اهڙيءَ طرح سندن رهبري هميشہ پنجتن پاڪ کان ٿيندي رهي آهي.

هِتِ هن ڪلام ۾ به پاڻ، اُن رهبريءَ جو ذڪر ڪيو اٿن، ته حالُ خيالُ اهو ئي حُسين عليهِ السلام وارو آهي. جيڪو شروع کان ئي عطا ٿيل آهي ۽ مولىٰ علي هميشہ همراهُ آهي. تڏهن خيال ڪي به ڪنهن جي پرواهُ ڪونہ آهي. جنهن جو عليءَ جهڙو رهبر هوندو ان کي ٻئي ڪنهن جي به لوڙ ڪانہ رهندي. هَڙ هَڙ، پَل پَل، ڏَڙ ڏَڙ ۾ پيا ٿا رهبر جو ديدارُ ماڻيون پر اهو ديدار بيروني نہ آهي، اندر جو اندر ۾ آهي. اندرين اک سان ديدار پيا ٿا ڪيون. دوست جو ديدار به ته تڏهن ٿيندو جڏهن اندرين اک ڪلندي. باهرين اک ته ٻئي باهرين جهان کي ڏسڻ لاءِ آهي. پنهنجو پاڻ ۾ جهاتي پائڻ لاءِ باهريون اکيون بند ڪرڻيون پونديون، تڏهن وڃي اندر جي اک ڪلندي ۽ اندريون ديدار نصيب ٿيندو. اندرين اک ۽ اندر جي ديدار جو مقصد اهو نہ آهي ته اندريان عضوا جهڙوڪ دل، ڦڦڙ، جيرا ۽ ٻڪيون ڏسڻ ۾ ايندين پر اندر جي ديدار جو مطلب آهي غيب جو ديدار نصيب ٿيڻ. جيڪو غيب جو راز آهي اهو طالب تي عيان ٿيندو. اندرين اک سان ئي ان غيب جي راز کي ڏسي سگهجي ٿو. باهرين بينائي اتي ڪم ڪونہ ايندي. هونءَ به مسلمان هجڻ لاءِ هڪ اهو به شرط رکيل آهي ته هر مسلمان کي جيڪو پاڻ کي مسلمان سڏائي ٿو ته غيب تي ايمان آڻي. پهريائين هن کي غيب تي ايمان آڻڻو آهي پوءِ مسلماني جي دعويٰ ڪرڻي اٿس. صوفن فقيرن وٽ وري ايمان آڻڻ سان گڏ ان غيب ۾ غيب ٿيڻو آهي.

"غيب ۾ وڃي غيب ٿيڻا ، راز جي پَهري ردا"

"بيدل سائين"

غيب کي غيب جي اک ئي ڏسي سگهي ٿي، ظاهري نظر جو اتي پهچڻ محال آهي. جن پنهنجي نظر کي پاڪ صاف رکيو ۽ غير کان بچايو انهن جي چشمن ۾ اهڙي ته چٽائي ۽ صفائي پيدا ٿي جو انهن جي اندرين ديد به روشن ٿي ٻئي ۽ هو پوءِ سڀ ڪجهہ ڏسڻ ۽ پسڻ لڳا جيڪي ڪجهہ ظاهري ديد کان مخفي آهي چوڏنهن ئي طبق انهن لاءِ روشن ٿي پيا، جيڪي ڪجهہ ڪائنات ۾ آهي پوءِ اهو ڪٿي زمين جي اندر هجي يا عرش عظيم کان به اڳتي هُجي.

جنهن رهبر ان راز تي رسايو آهي، اهو مولىٰ عليؑ آهي پاڪ مولىٰ جن فرمائن ٿا ته ان جي در جو آءٌ مدامي دربان آهيان. طالب کي رهبر جو در ميٽو نہ آهي.

مطلوب جو طالب تي اهو ڳڻ ٿيل آهي، جيڪو هو ڪڏهن به لاهي يا پاڙي نه ٿو سگهي. طالب ڀلي کڻي مطلوب کان به اڳتي لنگهي وڃي پر تڏهن به جيڪو پير مغان وارو طالب کي گهاءُ ٿيل آهي اهو ڪڏهن به ميٽجي نٿو سگهي. انهي راز کي پروڙڻ به سڀ ڪنهن طالب جي حاجت نه آهي. هي منصورن جو ميدان آهي، سڀ ڪو سڌ نه ڪري!

"حُسن تنهنجي کي هلي ، ڪامل ڪي ڪي ڏسندا
جنهن تنهن جي جاءِ نه آهي، پيارا ڪي ڪي پَسندا"

"فقيرمظهرلاکو"

ڪامل به ڪي ڪي هوندا جيڪي مڪمل وڃي ديدار پسندا! سندس نام جا ته ڪيترائي طالبَ آهن پر دروني ديدار ۽ مخفي راز ڪنهن ڪنهن پيار واري تي عيان ٿئي ٿو. ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين مڪمل سورهن ئي آ نه صورت اثبات ڪنهن ڪنهن طالب کي پلءِ پئي آهي، باقي انهي پنڌ جا پانڌيڙا ته ڳپل ملندا پر

"ثابت صورت سَير جي، آهي سَلامت ڪنهن ڪنهن"

"فقيرمهدي مولا"

اِهو سارو سير عشق جي اچڻ سان ٿئي ٿو. اهو عشق آهي جيڪو لڻ ٿيڻي کي ٿيڻ ۾ آڻي ٿو. جيڪو راز عقل جي پهچ کان بعيد آهي ان کي عشق ئي اوڏڙو ڪري ٿو. عشق جي رهبري کانسواءِ غيب جي خبر رکڻ ناممڪن آهي. جڏهن عشق اندر ۾ سمائبو تڏهن اندرين اک به روشن ٿيندي. سواءِ عشق جي ٻاهرِيٰن اکين ٻوٽڻ سان رڳو اوندهه ڏسڻ ۾ ايندي. روشني تڏهن پيدا ٿيندي جڏهن عشق اچي اندر ۾ ڇانوڻي هڻندو.

پاڪ مولىٰ جن فرمائن ٿا ته اهي ڀلايون سڀ عشق پاڪ جون آهن جنهن اچي سڀ سَير ڪرايا آهن. عشق جي اچڻ سان چوڏهن ئي طبق روشن ٿي پيا ۽ "پاڻ" پروڙي لڌوسين ۽ وڃي توڙُ ڪيوسين.

(ڪلام)

ٿلهه ❀ لا ٿي لاحد لِڪُ لِڪايم ، عشق ڪري اظهاري ، حق حقداري

❶

حد لاحد جو مالڪ آهيان ، سورهه سر سرداري ، خيالُ خُماري

❷

جَذَبَ منجهارئون جامون پاتم، جيڏن ۾ جنساري ، حالُ هزاري

❸

ڪربل ڪاهي قدم ڪڏائي ، آيس ٿي اختياري ، قول قراري

❹

نيهي ناتو نينهن نڀائي ، مهديءَ جي منهداري ، مي مختياري

حل لغات:-

(1) لا = نه، نفي(2)لا ٿي= فنا ٿي(3)جذب = جذبو، جوش (4) جنساري = سينگاريل

تشريح:- "نينهن ڪيس نروار ، لوڪان گذاريم لِڪندي لِڪندي" پاڪ مولىٰ جن فرمائن ٿا ته هِن پاڻ کي لڪائڻ ۾ گهٽ ڪانه ڪئي آهي پر عشق سڀ ڪجهه ظاهر ڪري ڇڏيو آهي."جيها عشق بي حجاب ايها اور نه ڪو ڏٺوسين." عشق سڀ حجاب، ڀو ڀولا ۽ ڊپ ڊاءُ لاهي ڇڏيا، جيڪو به مخفي راز هو ان کي عشق پاڪ عيان ڪري ڇڏيو. عشق اچڻ سان اِها خبر ڏني ته تون ئي سڀ ڪجهه آهين. ٻنهي جهانن، حد ۽ لاحد جو مالڪ تون ئي آهين. تون ئي سورهه سوڀارو آهين ۽ تنهنجي ئي سرداري دائم قائم آهي.

انسان هڪ اونهون ڳجهه آهي. اِهو سريءَ وارو راز سمورو هن ۾ سمايل آهي. پر ايتري قدر ته مخفي آهي جو جنهن ۾ اهو راز سمايل آهي ان کان به ڳجهو آهي "الانسان سري وَأنا سره" "انسان منهنجو راز آهي ۽ آءُ انسان جو راز آهيان" اهي ٻئي راز جيڪو دراصل هڪڙو ئي راز آهي رڳو نالي ۾ ٻه ٿا اچن، جيڪڏهن هڪ لڀي پيو ته ٻئي جي ازخود خبر پئجي ويندي. پر انسان کي هِن ظاهري چشم بينيءَ ايڏو ته محو رکيو آهي جو ان راز کي پروڙڻ لاءِ هُن وٽ وقت ئي ڪونه آهي، جو ويهي جاکوڙ ڪري!! بس جن وٽ عشق اچي نڪتو انهن جو مڪو

مڃي ويو. اهي وڃي آسودا ٿيا. باقي ته جهان وڏيءَ ڇت ڪُتائيءَ ۾ لڳو پيو آهي. جنهن وٽ ڪونهي اهو ٺوري لاءِ ماندو آهي، جنهن وٽ وري ٺورو آهي ته اهو گهٽي لاءِ بتنگ آهي ۽ جنهن وٽ وري گهٽو آهي ته اهو وري سانڍڻ ۾ سُک آهي. مطلب ته واندوئي کو ڪونهي جو ويهي ان راز کي پروڙي جڏهن جنهن کي عشق اچي اندر ۾ سمايو ته پوءِ هن جيڪي ڪجهه ڪيو ته اهو عشق جو ڪارڻ سڏبو. عشق جو آيو ته اچي نچايائين. پيرن ۾ چير ته جسم تي جامون پهرايائين. مطلب ته جيئن جيئن عشق کي وٺيو، تيئن نپايائين ۽ آخر وڃي توڙ رسايائين.

عشق ٿو فرمائي ته ڪربل ۾ به تون ئي هئين ۽ تون ئي گهر بار ۽ سڙ وڃائي قدم ڪڍايو هو. وري اختيار ڏيڻ وارو به تون ئي پاڻ هئين. انهيءَ ڪوپ وهڻ جو حڪم تون ئي ڏنو هو. پنهنجي اڳواڻي پاڻ ئي ڪر. تون ئي رهبر تون ئي راهب آن پيو ته ڪو آهي ئي ڪونه هي ته هڪ ناتو آهي نينهن سان جيڪو پيو ٿو نپائجي.

(ڪلام)

ٽلهه ۾ فنا بقا جو سَير ڪيوسين ، لاشڪ ٿي لاثاني گوهرُ گياني

❶

اصلي ذات اِلاهي آهين ، اولو اٿئي انساني

❷

ستين عرش عظيم ڪان اڳتي ، عاشق ٿيو آشياني

❸

چوڏهن ٿي طَبقَ تماشو تنهنجو ، تون آن شاه شاهاني

❹

مظهر ۾ ٿي آيس مهدي ، صوفي صاف سيلاني

حل لغات :-

(1) فنا = جنهن کي بقا نه هجي (2) بقا = جنهن کي فنا نه هجي (3) لاشڪ = بنا ڪنهن شڪ شبه جي. يقين ڪامل سان. پڪ سان (4) لاثاني= جنهن جو ڪو مَٽ ثاني نه هجي (5) گوهرُ = انمول موتي يا هيرو (6) گِيانُ = گر ڪان ملهيل گيان. ڏاڻ حڪر. هدايت (7) آشياني = قراري. اوطاقي (8) سيلاني = ڦيري دار. هلندڙ. مسافر. خانه بدوش.

تشريح :- جيڪو ظاهر آهي. سو فنا آهي. جيڪو باطن آهي. سو بقا آهي ظاهر جيڪو ڪجهه آهي اهو ڪثرت آهي. باطن جيڪو آهي اهو وحدت آهي ظاهر ۾ گهٽا آهن. باطن ۾ هڪ آهي ڪثرت جيڪا آهي اها فنا آهي. وحدت سدائين دائم قائم آهي. پهريان هڪ هو پوء گهٽائي ٿي. ايڪائي وارو انگ سجي. ڪثرت ۾ سمايل آهي. هر اڪر هڪ ٽِڪي يا نڪتي ڪان شروع ٿئي ٿو. نڪتي جو وجود هر اڪر ۽ تحرير ۾ سمايل آهي. نُڪتي ڪان سواءِ ڪنهن به اڪر جو وجود ناممڪن آهي. نڪتو جيڪو آهي سو لافاني آهي. باقي سندس جيڪا گهٽائي آهي سا فنا پزير آهي. هاڻي انهيءَ نڪتي کي اڪر ۾ ڳولڻو آهي. انهي ڪثرت ۾ وحدت کي جاچڻو آهي. انهي فنا ۾ بقا کي ڏسڻو آهي ۽ انهي فنا ۾ بقا به ٽيڻو آهي. هاڻي بقا تڏهن ٽيندو جڏهن سموري ڪثرت کي فنا ڪندو. ڪثرت جو ڪوٽ سمورو

ڊاهيندو. ٻئي سموري اکر کي ڊاهي باقي وڃي هڪ نڪتو ڇڏڻو آهي، جيڪو بقادار آهي، ۽ ڪڏهن به فنا ڪونه ٿو ٿئي. ڇو ته اهو ازل کان به اڳي جو آهي. ان جي جوڙڻ ۾ ڪنهن جو به هٿ پيل ڪونه آهي. هن جو وجود خود بخود آهي هو آهي ئي "وجود" ٻيو ڪجهه به نه آهي جڏهن وجود مان ڦري موجودات ٿي ته وحدت مان ڪثرت ٿي وئي. ڪثرت ۾ اهڙو ته گم ٿي ويو جو پنهنجو پاڻکي ئي وڃائي ويٺو! هاڻي وري وڃايل شي کي ڳولڻو به پئجي ويس. جڏهن ڳولي لڌائين ته "ان ڳولا" جو نالو رکيائين "راز" ۽ چيائين " الإنسان سِري وَأنا سره " ڪثرت وحدت جو راز آهي ۽ وحدت وري ڪثرت جو راز آهي. اِهو "راز" هڪ ئي آهي پر سڏجڻ ۾ ٻه ٿا اچن.

تنهن ڪري فقير پاڪ جن فرمائن ٿا ته اِهو فنا بقا وارو راز پروڙي ڏٺوسين ۽ ايڏيءَ پڪ ۽ خاطريءَ سان جو ان ۾ ٻيو ڪو به شڪ شبه يا ڀو ڀولو ئي ڪونهي. گُرجي گيان ۾ اهڙا ته بي خوف ۽ بي ڊپا ٿي پوري يقين ۽ ويساهه سان، انمول موتيءَ وانگر چمڪي چٽا پٽا ٿي سير ڪيوسين جو هاڻي ان ۾ ڪابه شڪداري يا ڪچ بي ويساهيءَ واري ڳالهه نه رهي آهي، جو ان ڳالهه کي غلط يا ڪوڙو چئي سگهجي. اِها ڳالهه سئو في صدي سچ آهي ته وحدت مان ئي ڪثرت ٿيل آهي اڳ ۾ ڪثرت ڪانه هئي، رڳو وحدت هئي

"وحدت مان ڪثرت ٿي ، وحدت ڪثرت ڪُل،
ڪر هنگامو هُل ، مرُ مارنئين منصور جان "
"سچل سائين"

وحدت کي بقا آهي. اڳ به هئي، هاڻي به آهي ۽ پوءِ به رهڻي آهي. ڪثرت کي فنا آهي اها فنا پزير آهي ۽ يڪو رهڻي ڪونهي. پاڻ مالڪ فرمائن ٿا ته انهن ٻنهي شين جو، وحدت ۽ ڪثرت جو بخوبي سير ڪري ڏٺو اٿئون، يعني فنا ۽ بقا جو سير ماڻيو اٿئون. مَري جي ڏٺوسين جڏهن فنا ٿبو تڏهن ته بقا کي پسبو. جڏهن سموري ڪثرت گم ڪبي تڏهن ته ايڪائي لڀندي. اکر سڄو ڊاهي رڳو وڃي هڪ نڪتو ڇڏ، جيڪا ايڪائي آهي، وحدت آهي ۽ سدائين رهڻي آهي.

مٿي ڪلام جي پهرئين مصرع ۾ سرڪار مولىٰ جن بلڪل ظاهر ڪري ٻڌايو آهي ته فنا بقا جي سير ڪرڻ مان اِها وڃي سُڌِ پئي ته اصل ۾ ته هي هڪ نڪتو

آهي. هي، پي جيڪا ڏيگهه ٽيل آهي اها سڀ هن جي ڪثرت آهي جيڪا هن وقت سندس سڃاڻ ۾ اولو ٻڌيل آهي.

اولو پڇندين ته خبر پوندئي ته تنهنجو ڪهڙو آشيان آهي ۽ تون ڇا آهين عرش عظيم کان ٻه تنهنجو اڳتي ديرو آهي عاشقن جو ته ڪو ٻه آشيان ڪو نه آهي مقرر ٽيل. بس هنن جو سارو مظهرئي ميخان آهي. جتي ۽ جنهن ٻه جاءِ تي هو آهن ته اهو انهن جو مڪان آهي.

"جايون نہ جوڑين، متان وصالئون وڃ پوي"

" شاهه سائين"

هو اهڙو ته يار جي ميلاپ ۾ محو آهن جو جاءِ جوڙڻ جي ٻه هنن کي وڻي ڪونہ ٿي ملي جوڪٽي ڪٽي ڪو گهر ٻڌائين! انڪري هو جتي ٻه آهن ته اهو ئي انهن جو اجهو ٻه آهي. سرڪار پاڪ جن هڪ ٻئي ڪلام ۾ ٻه اهو ساڳيو ئي خيال فرمايو آهي.

اڏيان اوتارو نہ آهي آشيان
مظهر مهنجو مئيخانُ

" مهدي مولا "

عاشق جو جتي ڪٽي آشيان آهي. اها جاءِ ئي نہ آهي جتي سندس موجودگي نہ هجي هر هنڌ هر جاءِ هو حاضر ناظر آهي، پوءِ اهڙي کي گهر جوڙڻ جي ڪهڙي ضرورت جيڪو عرش عظيم کان ٻه اڳتي ٿو آشياني ٿئي.

تون ئي ساري ڪائنات جو ڏٺي آهين. چوڏهن ئي طبقن ۾ تنهنجو ئي چرچو هلندڙ آهي فنا ۾ ٻه تون ئي آهين ته بقا ۾ ٻه تون ئي آهين. وحدت ٻه تنهنجي نام کي آهي ته ڪثرت ۾ ٻه تون ئي موجود آهين. مطلب ته فنا بقا جي سير مان اِها سرت پئي آهي ته تنهنجي نام کانسواءِ ٻيو ڪجهه ٻه نہ آهي اها جاءِ اها شي اهو وجود ئي نہ آهي جيڪو تنهنجي نام کان خالي هجي، هر ڪثرت ۾ تون سمايل آهين.

وحدت مان وري جڏهن ڪثرت ۾ آيس ته اُتي ٻه پاڻ کي لڪايم ڪونہ. اتي ٻه سيلاني ٿي، صوفي صاف سڏايم ۽ پي سموري ڪثرت کان نيارو ٻه رهيس نالي مٽ ٿي مظهر ۾ ڪٽي مهدي سڏايم ورنہ آهيان اُهو ئي پي نام.

(ڪلام)

ٽلهه ♣ طلب طمع کي طالب ترڪن ، وحدت واري واهه سان، ويساهه سان

❶

هوڙي ٻائڙُ ٻيائي ٻاري ، لاحد واري لاهَ سان ، ويساهه سان

❷

ڪربل ڪُوڪَ ڪَنائي قائم،قربَ قتل واري ڪاهه سان،ويساهه سان

❸

هڪنم حالُ حلاج هلائي ، رهبر واري راهَ سان ، ويساهه سان

❹

پيوندُ پيڇُ پريت جو پائي ، مهّدي مورت ماهَ سان، ويساهه سان

حل لغات :-

(1) طلب = گهڙ،ضرورت (2) طمع = لالچ، حرص (3) وحدت = هيڪڙائي (4) واهه = رستو،واٽ (5) ٻائڙ = نارجي ڊينگي جا اوپارا، ونگيون، ڦرهيون، اِرڙيون ۽ مالهه، جيڪي شيون پاڻي ۾ پڇندیون رهنديون آهن، انهن کي چئبو آهي. (6) ٻيائي= دوئي (7) ماهُ = ماسُ،گوشت، لحم(8) ڪُوڪَ = آواز، دانهه

تشريح:- طالب طمع واري طلب کي هميشه ترڪ رکندا آهن حرص، هوس ۽ شهوت، لالچ، لوڀ ۽ ڪروڌ جي طلب مطلب تہ مادي طلب جيڪا بہ آهي اها طالبن وٽ ترڪ آهي.

طالب اهي آهن جيڪي وحدت جي واٽ سان هلن ٿا. جن جو وحدت ۾ پورو پورو ويساهه آهي،اهي ئي طالب طمع کي ترڪ ڪندا آهن ۽ ڪري سگهن ٿا، جيڪي وحدتي ويساهه رکندڙ آهن.

أهي جسم جي جهاز کي هوڙيو ختم ڪيو ڇڏين. جسماني لاڳاپا ٽوڙي اهي روحانيت جي ريجهه ۾ رهن ٿا جسم واري ٻيائي کي ٻاري ساڙي ختم ڪري ٿا ڇڏن. مادیت جون جڏهن سيئي ٽانگهون پلي لاحد ۾ لهن ٿا تڏهن جسم واري ٻيائي بہ هوڙي ٻاري ختم ڪري ٿا ڇڏن.جسم واري جنجال کان بہ آزاد ٿي ٿا وڃن.

"وِجهُ دَجالُ دوئيءَ جو کيري ، گُرُ کر جسم جَنجالُ"

"بيدل سائين"

جڏهن جسم وارو جهنجهٽ ئي نه رهيو ته پوءِ طمع واري طلب کٽان پيدا ٿيندي؟ ۽ پوءِ انهن ئي طالبن طمع کي ترڪ کيو جيڪي جسم کان جدا ٿيا. طالب کي کربل وارو جيڪو قرب ٿيل آهي اُهو آواز به ڪن لائٽو آهي اُهو قرب جو جيڪو کوسُ ٿيل آهي اهو وسارٽو نه آهي ۽ ان ۾ دائماً رهٽو آهي. تڏهن ته طمع واري طلب کي ترڪ ڪري سگهندو! جيستائين جان پياري هوندس تيستائين طمع ترڪ ڪري نه سگهندو. جيستائين رهبر جي هدايت ۽ رهبر جي ڏسيل راهه سان نه هلندو ۽ اناالحق جو نعرو نه هٽندو تيستائين طمع کي ترڪ ڪري نه سگهندو. جستائين عبد آهي تيستائين طمع جو طالب آهي. جڏهن سڀ جي مٽان غالب ٿيندو ۽ سڀ ڪجهه پاڻ ٻٽبو تڏهن وجي طمع کي ترڪ ڪندو.

جيستائين مرشد پاڪ مهدي مولا جي صورت مُورت سان پريت جو پيچ نه پائيندو تيستائين طمع کي ترڪ ڪرڻ واري رهبري نه ٿيندس. جن طمع کي ترڪ ڪيو آهي، انهن جي اسر جسم سان پرت جو پيچ پائٽو آهي. انهن وٽان ئي رهبري ملندي. طمع کي ترڪ ڪرڻ جي لاءِ مرشد پاڪ مهدي مولا کي وسارٽو نه آهي. مهدي مولا جي مورت ڪانسواءِ صورت جي ساڃهه ڪانه ٿيندي. صورت تڏهن سجاپندي جڏهن مهدي مولا جي اسر جسم ۽ لحر سان پريت جو پيچ پائبو.

پاڪ جسم سان ايترو پيچ پائٽو آهي جو جسمڪ جسمي ٿي وجي. سندس لحر پاڪ سان به پيچ پائي لحمڪ لحمي ٿي وجي. دَمَ سان دَمُ ٿي دمڪ دمي بنجي وجي ۽ سندس روح مبارڪ سان پريت جو روحي پيچ پائي روحڪ روحي ٿي وجي، تڏهن وجي طمع کي ترڪ ڪندو.

(ڪلام)

ٽلھ ✤ عِشق آندو آھي اُتي اُتي، اصل واري آشيان تي

❶

عشق آشيان ڏيڪاريو آ اصلي ، واھ ويراڳ وڻيو آ وصُلي
پنھنجو پاڻ ۾ پَتي پَتي

❷

عشق جي منزل عاشق ڄاڻن ، سِرُ سھائي سير سجاڻن
راض رھبر جي رتي رتي

❸

مَي مُحبتَ موج مچائي ، وحدت ڪثرت ڪُل وِجائي
مھديءَ ميلي متي متي

حل لغات:-

(1) ويراڳ = اپاڻڪائي، اُداسائي، اڪيلائي، سُجائي، سَڪڻائي، ويراني (2) سھائي = آسرو لاھي ڇڏڻ، برداشت ڪرڻ (3) وحدت = ھيڪڙائي (4) ڪثرت = گھٽائي

تشريح:- عشق جي اچڻ سان اصليت ظاھر ٿي پئي. جيڪو عشق جي اچڻ کان اڳ ۾ "راز" ھو اھو فاش ٿي پيو. انسان جي اصليت ليپي پئي الله وارو پيد بہ عيان ٿي پيو، ٻيا غير گمان ۽ شڪ شبہ دور ٿي ويا پنھنجو پاڻ ۾ پڪ پئي.

عشق جي آشيان ڏيڪارڻ سان جيڪو وصلي ويراڳ پيدا ٿيو اُھو واھ جو وڻيو آھي. ان آشيان پسڻ سان ۽ ميلاپ ٿيڻ سان جيڪو دل ۾ درد جاڳيو آھي اھو ڏاڍو ٿو وڻي. ھي جيڪو بہ ڪجھ ويراڳ يا درد، ديدار يا ميلاپ حاصل ٿيو آھي پنھنجو پاڻ مان ئي پيدا ٿيو آھي. عشق جي اچڻ سان پاڻ سڃاپي پيو ۽ پنھنجو پاڻ تي پڪ بہ ٿي. بنان عشق جي پاڻ کي چا پي سمجھيئي ۽ عشق جي اچڻ سان چا ثابت ٿئين؟!

ڪيا ڪروڙين قرب پنهنجا، اڇي عشق هن عاصيءَ تي
ڪري حيوان مان آدمُ ، پلي آيو پلي آيو

"سائين روشن جهانيہ"

پهريان حيوان هئو پو، عشق اڇي آدمُ ڪيس ۽ ثابت ڪري ڏيکاريائينس تہ تون آدم سڙ اِلاهي آهين عشق جو باز بہ سڀ ڪنهن جيءَ جي ڪٽڻ ڪان ڳرو آهي.
اهو بار بہ ڪي عاشق هوندا جيڪي ڪٽندا جيڪي سر جو سانگو لاهيندا اهي ئي عشق کي هٽ لائيندا. اهي ئي عشق جي منزل ماڻيندا جيڪي پنهنجو سر پنهنجي هٿن سان پاڻ وڍي ڏيندا. رهبر جي راز ۽ هاديءَ جي هدايت تي هلندي سر جو سودو ڪرڻو آهي. ائين هروپرو آپ گهات ڪرڻو ڪو نہ آهي.

ري راض رهبر جي سواءِ، توحيد ٿُر هو ڇا ڪندو؟!
"فقيرمظهرلاکو"

طالب ڪاڻ مطلوب جي مِهر ضروري آهي. رهبر جي راز کانسواءِ طالب جو ٿرڻُ ڪونہ ٿي سگهندو.

" بِن مرشد راز نہ مِلدا ، توڙي طالب ڪاوي سَوٽپي"
" خوش خير محمد سائين "

عشق کانسواءِ ڪجهہ بہ حاصل ٿيڻو نہ آهي. مرشد عشق آهي ۽ عشق مرشد آهي. طالب کي عشق تي عاشق ٿيڻو آهي.
پاڪ مولیٰ جن فرمائن ٿا تہ عشق اهڙي تہ اڇي موج مچائي آهي جو وحدت بہ وسري وئي آهي تہ ڪثرت بہ وسري وئي آهي. بنهي جو وجود ختم ٿي چڪو آهي. جڏهن وحدت بہ وئي ۽ ڪثرت بہ وئي تہ باقي ڇا بچيو؟! باقي وجي "پاڻ" بچيو. هاڻي پنهنجو پاڻ سان ٿو پيو ميلا ڪري. پنهنجو درشن پاڻ ٿو وينوڪري. پاڻ وينو ٿو ميلا مچائي. تہ پاڻ ٿو وينو ميلا لائي ۽ پاڻ ٿو وينو ميلا ڳائي.

(ڪلام)

ٿلهه ✤ ڏِس اُهو جيڪو توکي ڏسي ٿو، ٻيا ڏِسڻ ڪهڙا ڏِسندين ڏِسندين

❶

سِرُ ٿريءَ تي اَڏي جي آڏو، ڪات خنجر سان ڪُسندين ڪُسندين

❷

کول گهونگهٽ کي ٿي پَٺُ غازي، پروانہ جيئن پَچندين پَچندين

❸

پُرجهي پيهي ڏس تون پاڻ ۾، رمز انهيءَ سان رَسندين رَسندين

❹

موج مهّدي جي ڏس تون ماڻين،وحدت سان گڏُ وَسندين وَسندين

تشريح:- مونکي جو تون ٿو ڏسين، انڪري مونکي بہ لازم آهي تہ توکي ڏسان! پر تون تہ سڀ کي ٿو ڏسين ڀلي پوءِ توکي ڪو ڏِسي يا نہ ڏسي پر تنهنجي نظر ۾ تہ سڀئي آهن، تنهنجي اڳيان تہ سڀ عيان آهي. توکي تہ سڀني کي ڏسڻو آهي پو ڀلي ڪو توڏي نہ ئي ڏسي!!

تون هزارن ڪروڙن .....الائي تہ ڪيترن کي ٿو ڏسين پر جيئن تون ٿو ڏسين ٻين کي، ائين توکي ڏسڻ وارا تمام ٿورا ٿيندا، اُهي آڱرن تي ڳڻڻ جيترا مَسَ آهن. باقي تہ توکي ڏسڻ وارن جو تعداد ڪافي ڪجهہ ٿيندو، پر ڏسڻ جو حق اِهو آهي تہ ڏسڻو ائين آهي جيئن تون ٿو ڏسين مون کي، هر جاءِ، هر هنڌ ۽ هر حال ۾ مان ڀلي ستن ڪوٽن جي اندر ڇو نہ هجان پر اُتي بہ تون مون کي ڏسين ٿو، پوءِ مونکي بہ ائين ئي توکي ڏسڻو آهي جيئن تون مون کي هر هنڌ ۽ هر حال ۾ ڏسين ٿو. جيئن مان توکان هڪ ساعت بہ وسري نٿو سگهان تيئن مونکي بہ توکي ياد رکڻو آهي. هڪ دَمُ بہ خالي ناهي کڻڻو، تڏهن تہ ٻئي ڏسڻ کان بچي سگهبو!! جيڪو دم خالي ويندو اهو ضرور ڪنهن ٻئي ڏسڻ جي پاسي لڙي ويندو. انڪري دم کي خالي رکڻو نہ آهي ۽ ٻيا ڏِسڻ ڏسڻا ڪونہ آهن. بس- انکي ئي ڏسڻو آهي جيڪو توکي ڏسي ٿو، ٻئي سان واسطو ناهي رکڻو. مولا پاڪ جن ڪلام جي ٿلهہ ۾ ڄڻ تہ طالب کي هدايت ڪئي آهي، تہ توکي ڏسڻو يا ملڻو انکي آهي جيڪو توکي بہ ڏسندو.هجي. مطلب تہ جيڪو توکي ڏِسي تون بہ انکي ڏس،

ٻين کي ڏسڻ ڇڏي ڏي يعني ته مرشد جو طالب کي، ڏسڻ جو حڪم مليل آهي. هاڻي، حڪم ته مليو پر اهو ڏسڻ طرح ڪهڙي سان ڏسي سگهبو؟! اها ته طالب کي خبر نه رهي،انڪري سرڪار مولا جن ڪلام جي مصراعن ۾ سارو پسڻ جو راز ته "ڪهڙي طرح سان ڏسندين" طالب کي هدايت عنايت فرمايو آهي.

فرمائن ٿا ته سر جو سانگو لاهي ڇڏ ته ڏسڻ ڏسندين. سدائين سر تري ني هجي اڏي ۽ ڪات آڏو هجن ۽ ڪسندو رهجي جيئن اڏي ۽ ڪات سدائين ساوا رهن ته پوءِ توکان ڏسڻ ڏور نه آهي. اهي حجابن وارا پردا ڦاڙي ٽوڙي، ڀڃين ڀورا ڀورا ڪري ڇڏ. نيهن ۾ نروار ٿي عشق جي ميدان ۾ غازي ٿي اچي لهُ ۽ پروانه وانگر پاڻکي عشق جي آڳ ۾ پچائي ڏيکار ته پوءِ تون ڏسڻ واري کي ڏسي سگهندين.

پاڻ تي نظر رک ۽ پاڻ مان نظر نه ڪڍ. ٻئي کي ٿڪِ به نه ته ڪير آهي ڪير نه آهي. ڪائنات جي ڪُل اسرار کي پاڻ ۾ جاچي ڏس، ڪابه ڳالهه پاڻ کان ٻاهر نه پائيندين سڀ ڪجهه پاڻ ۾ ئي لڀي پوندءِ توکي ڏسڻ وارو به تو ۾ ئي لڀي پوندو!

جيڪو توکي هر حال ۾ ۽ هر هنڌ ڏسندو رهي ٿو، ته اهو ضرور توسان گڏ چئبو جو تون ڪٿي به هجين، کڻي قبر جي تري ۾ هجين تڏهن به هو توکي ڏسندو رهي ٿو، ته پوءِ اهو توکان پري ته نه چئبو. اهو ته تو منجهه چئبو. سو جيڪڏهن تون پاڻ ۾ پيهي پاڻ کي پُرجهندين ته پوءِ ضرور ڏسڻ ڏسندين.

طالب کي مرشد جي طريقه ڪار کان ٻاهر ناهي نڪرڻو. طريقت ۾، هلڻوئي مغان جي پيرويءَ تي آهي. طريقت تڏهن پوري ٿيندي جڏهن مغان جي ڏسيل هدايت ۽ پيروي پوري ڪبي ۽ طريقت پوري ٿيڻ کانپوءِ ئي حقيقت جي خبر پوندي. جيستائين مغان واري موج نٿي ماڻين ڏسجي تيستائين وحدت جي ڪابه خبر نٿي پئجي سگهي. جڏهن پاڪ مولا مهدي واري موج ۾ محو ٿبو تڏهن وحدت جو به وسڪارو ٿيندو ۽ اهو به ڏسجي پوندو جيڪو توکي ڏسي ٿو.

(ڪلام)

ٽلهه ♣ هَر صورت ڏانهه يار جدائي ، عشق ڪرائي آ
❶

ريهَ ڪجل جي رنگي رائي ،گهٽي گهٽي تہ گهمائي آ
❷

لالُ لَبان تي لالي لاحد ، سوري سِرِ سَنباهي آ
❸

پياسَ پيارل جي ڪيو آ پٽرو ، مهڊيءَ موج مَچائي آ

حل لغات:-

(1) ريهَ = سنهي، هلڪي، ليڪ جهڙي (2) ڪجل = اکن ۾ پائڻ سان. اکيون وڌيڪ ڪاريون لڳنديون آهن (3) لالي = چپن کي ڳاڙهي ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندي آهي (4) سنباهي = سنبري آئي، سنبريل،تيار ٿيل، مٽان اچڻ يا مٽي تي اچڻ. ڪنهن معاملي جو.

تشريح:- الله تبارڪ تعالىٰ جي ذات مطلق، بي مثل مثال ۽ بي چون آهي هن جي ڪابہ هڪڙي صورت مقرر ٿيل ڪانہ آهي جيڪا ويهي اثبات ڪجي هي، هڪ اڻ ڏٺل صورت آهي، جيڪا اثبات ڪرڻي آهي پاڪ مولا جن پنهنجي هڪ ٻئي ٻول ۾ بہ اهڙي قسم جو اظهار خيال ڪيو آهي تہ

"اڻ ڏٺي جي ڪر اثباتي، ڏٺا سپ وسار"

"مولا مهڊي"

سالڪ کي جڏهن الاهي عشق اندر ۾ جاڳي ٿو تہ پوءِ هن ڪان هن دنيا جو سارو سنسار وسري ٿو وڃي ڇو تہ اڻ ڏٺي شي تڏهن اثبات ٿيندي جڏهن ڏٺل سپ فنا ٿئي جڏهن ظاهر ويندو تڏهن تہ باطن اثبات ٿيندو اندر جي اک تڏهن کلندي.

جڏهن ظاهر بيني ختم ٿيندي. جڏهن ڪثرت ڏهندي تڏهن وحدت ڏهندي هيءَ جيڪا به ظاهر بيني ڪائنات ۾ موجود آهي، اها سڀ جو سڀ ڪثرت آهي ۽ جيڪا اڻ ڏٺي شيءِ آهي اها باطن آهي ۽ جيڪا باطن آهي اها وحدت آهي. وحدت هيڪڙائي ۾ آهي ۽ هڪ آهي. ايڪائي جي عشق لڳڻ سان ٻيا سڀ وجود ختم ٿيو وڃن ۽ هر صورت کان جدائي ٿيو وڃي ايڪائي جو انگ تڏهن لپندو جڏهن ٻيا سڀ انگ، جيڪا گهٽائي آهي، اُهي ڏاهي ڇڏجن ته اڻ ڏٺل اثبات ٿي پوندو.

پاڪ مولىٰ جن فرمائن ٿا ته اِهو سڀ ڪجهه الاهي عشق آهي، جيڪو هر صورت کان جدا ٿوڪري. هي پنهنجي ليکي ائين ڪري ڪونه سگهندو. عشق شهنشاهه آهي جيڪو اڻ ٽٽيءِ کي ٽيڻ ۾ ٿو آڻي ۽ اڻ ڏٺل کي اثبات ۾ ٿو آڻي! ناممڪن کي ممڪن بڻايو ڇڏي. ظاهري عشق ۾ جنهن کي مجاز ٿو سڏجي، ان جو مثال به آڏو آهي، ته ڪنهن انسان جي ڪنهن انسان سان محبت ٿي ٿي وڃي ته ان کان ٻيون سڀ صورتون پوءِ پلي ڪٽي سندس محبوب کان حسن ۾ وڌ به ڇونه هجن، وسري ٽيون وڃن. رڳو اهائي سندس محبوب جي صورت هن جي اکين آڏو ڦرندي رهي ٿي ٻي ڪنهن تي به اک ڪونه ٿي ٻڌيس. ته پوءِ الاهي عشق واري عاشق جو ته اڻ ڏٺل شيءِ تي ايمان آندل آهي، پوءِ ان کي وري ڪيئءِ ٻئي جي صورت وٺندي؟

ایک نام سے کام رے بھائي ، اور کام سب جھوٹھا رے
من لہ المولی فی الحلکل ، سخن سچی کا چھوٹا رے
" قطب" اپنا آپ پچھانا ، گھر ہونی کا لوٹا رے
" سائین قطب شاه"

ڪلام جي ٽلهه ۾ صورت کان جدائي ڪرڻ جو ذڪر فرمايل آهي، ته عشق هر صورت کان جدائي ڪرائي ٿو ڇڏي ۽ ڪلام جي مصراعن ۾ وري محبوب جي صورت جي ڳالهه ڪئي وئي آهي. ته محبوب جڏهن ڪجل جي ڏار ٽواکين ۾ پائي پوءِ عاشق جو ويهڻ وڏ ٽيو وڃي ۽ شوق شهزور جو شعلو ساري بدن کي تڙپايو ڇڏي پوءِ ڳلي، ڳلي، ۾ گهٽي، گهٽي، ۾ ڳوٺ ڳوٺ ۾، شهر شهر ۾ بحروبر ۾ ۽ جهر جهنگ ۾ توحيد جي تار ٽپندي رهي ٿي ۽ عاشق صادق مٽي اگهاڙو پيرين اگهاڙو ، نه سرديءَ جي نه گرميءَ جي پنهنجي ڏُن ۾ پنهنجو پاڻ ۾ گم هلندو رهي ٿو. محبوب جي چين جي سُرخي عاشق کي، سوريءَ جي سرخيءَ وانگر ٿي لڳي. محبوب جي چپن جي لالاڻ ڏسڻ سان، عاشق جو شوق ايڏو ته وڌي ٿو وڃي جو هو

سوليءَ تي چڙهڻ لاءِ تيار ٿي ٿو وڃي،هو ان شوق ۾ شهيد ٿيڻ ٿو چاهي، ۽ پوءِ محبوب جي ان هارسينگار، اکن ۾ ڪجل جي ڌار ۽ لبن تي سرخيءَ جي لالائي جي شوق ۾ فنا ٿي ٿو وڃي

" مَن عشق وَڪَتَمَ وَعَفَّ وَمَاتَ، مَاتَ شهيدا "

"ارشاد نبوي"

"جو شخص ڪنهن تي عاشق ٿيو پنهنجي عشق کي لڪائي رکيائين ۽ پاڪ دامن رهيو ۽ مري ويو ته اهو شهيد ٿيو" محبوب جي صورت ۾ عاشق ايترو ته محو خيال ٿي وڃي ٿو جو اٿي وڃي يار جو درشن ڪرڻ به هن کي ٻيائي ٿو لڳي ۽ ان ۾ پاڪائي نٿو سمجهي، ڇو جو اهو ظاهري مادي ڪشش ٿو رکي. هو پوءِ سڀ ڪجهه پاڻ ۾ پسڻ لڳي ٿو.

"پنهون ٿيس پاڻ، سسي تان سور هئا "

"شاهه سائين"

محبوب جي ظاهري ديدار کي ڀٽائي صاحب سور سڏيو آهي. جيستائين ظاهري ديدارن ۾ هجبو تيستائين سورن ۾ رهبو. انهي ظاهري شوق کي قابو ۾ جهلڻو آهي. شوق تي قابض ٿيڻو آهي.

"جڏهن خيال تي غالب خيال ٿيا ، تڏهن هر دم حاصل حال ٿيا "

"محمد فقير کٽياڻ"

جڏهن شوق کي قابو ۾ رکبو تڏهن شهيد به ٿبو ۽ پوءِ ظاهر بيني به ختم ٿي ويندي ظاهر بيني جي خاتمي سان اڻ ڏٺي جي اثباتيءَ جو عمل شروع ٿي ويندو ۽ پوءِ هر صورت کان جدائي به ٿي ويندي

" بره سندو بيمار، نڪي لِڪو رهندو
عشق سندو آثار ،نڪي ڳجهو رهندو"

"بيدل سائين"

عاشق لِڪي يا ڳجهو رهي ڪيئن سگهندو؟! هو ته لوڪ کان ئي نيارا آهن. هنن جي رهڻي ڪهڻي سڀ کان الڳ ٿلڳ آهي. هو پري کان پڌرا آهن. هنن کي محبوب جي اهڙي ته پياس اندر ۾ سمايل آهي جو هو ڪڏهن به لِڪي نه سگهندا. عشق جي اڳ هنن جي اندر مان اُڌمان ڏئي ٻاهر ٿي نڪري. هو اهڙيءَ ته موج ۽ مستيءَ ۾ رهن ٿا جو هو پاڻ کي لڪائي نٿا سگهن ۽ ازخود ظاهر ٿيو ٿا پون.

(ڪلام)

ٽلهه ۾ سوگهو ساهه ٽي ويو ، منهنجو توسان صنم
مون ڪان نٽو وسري ، تنهنجو اسم جسمُ

❶

لکيو لوح قلم ۾ لکجي ويو ، اِهو انگ الستي رکجي ويو
آهي سِر تہ اوهانجي جو يار ڏسمُ

❷

پيوند پيج پريت جو پڻجي ويو،قابو قرب ڪڙي ۾ ڪڙجي ويو
چو نہ لاهي ڏيان هي لگن تان لحمُ

❸

صَنمُ ساهه سدا توکي ساري ٿو ، گهڙي دَمُ نہ يار وساري ٿو
مون ڪان وسري ويو هيو ڪُلئي وهمُ

❹

اِها موج مدامي ماڻين تون ، وري طرف نہ ٻئي ڪنهن تاڻين تون
انهي مام مهديءَ واري هُجُ مَحڪمُ

حل لغات:-

(1) صنم - پٿر يا مٽي، مان ٺهيل مورت، بُت اصطلاحي معني ۾ محبوب يا دلبر کي چئبو آهي (2) لوح قلم قسمت جو لکيو (3) الستي قدرتي- الله جي طرف کان (4) لحم- ماس، گوشت (5) مدامي- سدائين لاءِ، هر وقت (6) محڪم- مقرر، قائم، اٽل ارادي

تشريح:- پاڪ مولیٰ جن فرمائن ٿا تہ- ي محبوب! توسان اهڙو تہ ساهه سوگهو

ٽي ويو آهي جو هر گهڙي هر دم تنهنجو نام زبان تي رهي ٿو ۽ تنهنجي سهڻي صورت هميشه دل ۾ تازي رهي ٿي. تون مون کان وسرڻ جو نه آهين اها سنهنجي وس کان ٻاهر آهي. مان بي وس آهيان. توسان جيڪو قرب جو پيڄ پير آهي اهو ازل کان ونڊي ويل آهي اڄ کلهه جو نه آهي. اهو قدرتي ڪم ٿيل آهي. مون کي سوگند آهي تنهنجي سر جوتا الست واري ڏينهن تي توسان نينهن جو ناتو لڳو هوم، جيڪو پوء لوح قلم ۾ لکي محفوظ ڪيو ويو.

توسان پريت جو پيڄ اهڙو ته قابو ٿي ڪڙجي ويو آهي جو جسم جو ماس ۽ لاهي ڪٽي تنهنجي اڳيان نذر ڪيان. منهنجو ساهه پساهه ۽ تنهنجي مٽان نڇاور آهي،مون کي تنهنجي محبت کان سواء ٻي ڪابه شي پياري ڪونه آهي. هي جان جسم ۽ ساهه پساهه سڀ تنهنجي حوالي آهن. آءٌ ته هردم رڳو تنهنجي ذات ۾ ئي گذاريان ٿو هڪ گهڙي به يار جي تار کان غافل نه آهيان. مونکان ٻيا سڀ وهم ۽ غم وسري چڪا آهن. بس تنهنجي ئي لوري ۽ جهوري لڳل آهي.

فقير پاڪ جن فرمائن ٿا ته انهيء موج ۾ جنهن ۾ تون گذارين تو پيو هميشه همٻنهه لاءِ قائم رهه ٻئي ڪنهن ۽ طرف ڏي توکي ڏسڻو نه آهي. پاڪ مولىٰ مهديءَ واري محبت ۾ توکي گذارڻو آهي

(ڪلام)

ٽلھ ♣ گھرو ويس گلابي غازن ، پرت منجھارئون پھريو آ

❶

امر اڏيءَ تي آيا امالڪ ، صوفن ڳايو سھرو آ

❷

مردن پنھنجو حق سچاتو ، چشمن سان ٽيو چھرو آ

❸

مردن ميدان ملھايو مھدي ، نينھنءَ نپايو نھرو آ

حل لغات:-

(1) چھرو رونق پربو منھن (2) نھرو = برجستو، طاقتور

تشريح:- گھرو گلابي رنگ جنھن کي گيڙو رنگ ۽ نارنگي رنگ ۽ چئي سگھجي ٿو. خاص ڪري صوفي فقيرن جو ھڪ پسنديده رنگ آھي گھٽو ڪري سيني صوفي ساڌن ۽ فقيرن گيڙو رنگ کي پسند فرمايو آھي. ۽ پنھنجي شعر ۾ ڳايو ۽ آھي. پنائي صاحب ۽ گيڙو رتيون گودڙيون ڳايون آھن ته سچل ۽ گيڙو رنگ کي پنھنجي ڪلام ۾ جاءِ ڏني آھي. محمد فقير ڪٽياڻ، دريا خان، بيدل فقير، خوش خير محمد فقير، مطلب ته سنڌو ديش جي گھٽو ڪري سيني صوفن گيڙوءَ رنگ کي پسند فرمايو آھي ان رنگ ۾ ڪھڙي حڪمت ۽ جاذبيت آھي جنھن جي ڪري فقيرن ان کي پسند فرمايو آھي؟! ان لاءِ تصديق سان ڪجھ ۽ چئي نہ ٿو سگھجي. مون کي ته اھو رنگ ان ڪري پسند آھي جو پنھنجي مرشد کان متي تي رکيو ويو اٿم، باقي اڳين انھيءَ رنگ کي ڇو پسند فرمايو، ان کي اھي ئي ٿا ڄاڻن!

جيڪڏھن جاچي ڏسبو ته قدرتي رنگن ۾ سڀ کان وڌيڪ قدرتي طرح سان استعمال ٿيل رنگ گيڙو ئي آھي ٻوءِ اھڙن اھڙن ھندن ۽ مھلن تي ظاھر ٿو ٿئي، جيڪي ازخود جاذبيت رکندڙ شيون آھن. صبح ۽ شام اھي ٻئي اھڙيون مھلون آھن جيڪي گھٽو ڪري ھر انسان روزانہ ڏسندو رھي ٿو. خاص ڪري صبح وارو

وقت تہ اهڙو پيارو ٿيندو آهي جو ان مهل هر ڪا شيءِ وڻندڙ پئي لڳندي آهي شام واري مهل بہ پنهنجي جاءِ تي اهميت واري ٿيندي آهي ڪن لاءِ ڪم ڪار تان موٽڻ جي مهل هوندي آهي تہ ڪن لاءِ وري شام جو گهمڻ ڦرڻ جي مهل ٿيندي آهي انهن ٻنهي مهلن ۾ آسمان جو رنگ، صبح جو اٻرندي طرف ۽ شام جو اولهہ طرف گيڙو هوندو آهي صبح جو تہ ڳپل مهل تائين سج جو ئي رنگ گيڙو رهندو اهي پري کان سوني ٿالهہ جهڙي ڏک ڏيندو آهي ان مهل سج ڏانهن اک کڻي ڏسي بہ سگهبو آهي شام جو بہ سج جو جسم گيڙو رتو ٿي ويندو آهي.

باهہ جو رنگ بہ گيڙو ٿئي. عشق جي باهہ سان ٻي ڪا بہ باهہ مقابلو ڪري نہ ٿي سگهي. "العشق نارٌ وَيُحرقُ مَاسَوىٰ الله" عشق جي باهہ آڏو هر شئي جلي راک ٿي وڃي ٿي. عشق جي باهہ سڀ شئي کي جلائي ٿي ڇڏي، سواءِ الله جي.اهڙي نسبت سان گيڙو رنگ پائڻ. الاهي عشق جي نشاني ظاهر ڪرڻ جي برابر ٿي سگهي ٿي يعني گيڙو رنگ پائڻ سان. پاڻ کي الاهي عشق جو ظاهر ڪرڻ آهي ٻيو تہ گلابي رنگ کي رت سان نسبت بہ ڏئي سگهجي ٿي. جنهن مان وري مراد شهيد جي نڪري ٿي. ڇو تہ الاهي عاشق شهيد هوندا آهن

هڪ هيءَ بہ قياس آرائي ڪئي ويندي آهي تہ صوفي سُوءِ ۾ رهي ٿو ۽ گيڙو رنگ سُوءِ جو رنگ آهي ان ڪري بہ صوفي فقيرن گيڙو کي پسند فرمايو آهي

پاڪ مولىٰ جن بہ گيڙو رنگ کي مذڪوره ڪلام ۾ پسند فرمايو آهي.فرمائن ٿا تہ وڏيءَ ڪنهن اڪنڊ مان، وڏيءَ ڪنهن اڪير ۽ پيار سان غازن مردن سرخ لباس زيب تن ڪيو آهي ڏاڍيءَ خوشيءَ ۽ هيج وچان عاشقن ڳهرا گلابي ڪپڙا پاتا آهن. اهو انهيءَ ڪري ايڏي پيار ۽ چاهہ سان گلابي ڪپڙا پاتا اٿن جو هنن کي سڄو ڳاڙهو ٿيڻو آهي. ننهن کان وٺي چوٽي تائين بلڪل ريٽو ٿيڻو آهي هنن کي اڏيءَ تي اچڻو آهي هنن کي اڏيءَ ۽ ڪات جو سير ڪرڻو آهي اڏيءَ ۽ ڪات کي بہ ڳاڙهو ڪرڻو اٿن. انڪري هو پنهنجو لباس بہ گيٽرو رکڻ چاهن ٿا عاشق صادق گلابي لباس جسم تي پهري اناالحق جو سهرو ڳائيندا. امالڪ اچيو ٿا اڏيءَ جي مٺان ڪڙڪن ۽ پوءِ ڪات سان ڪنڌ ڪپايو لعل ٿيو پون.

سوره ساجد سرجا ۽ اصل کان اڻ موٽ
ترڪ ڏئي ترڪ کي، ڪري الف واري اوٽ

سر سينگاري هليا ، گيڙو ٻڌي گهوٽ
"محمد" چڙهي چوٽ نانگا مليا ناٽ سين
"محمد فقير ڪنياڻ"

انهن شورهن ۾ مانجهي مردن جن پنهنجي جسم تي گلابي گلاف اوڍي سر سينگاريو آهي. تي اندو. انهن سر جي ساجدن ئي حق ڪي سجاتو آهي انهن ئي حق ڪي ڏنو ۽ ٻڌو آهي جن پنهنجو سر سينگاري سولي۽ تي سوار ڪيو آهي ۽ جن پنهنجي سر جي ادائي ڏني آهي. انهن ڪي ئي حق جو ڏسڻ ۽ ٻڌڻ نصيب ٿيو آهي

"يسمع ڪري يبصر صحيح ، هن جسم کان جاهل ٿئين"
" سچل سائين "

ميدان ملهائڻ ۽ سپ ڪنهن جي جاء نہ آهي ميدان ملهائڻ معنيٰ غازي يا شهيد ٿيڻ الاهي عشق جي ميدان کي ملهائڻ وارا غازي ۽ آهن ته شهيد ۽ آهن ميدان ملهائڻ ۽ نيهن نياڻي اهي ئي سگهندا جيڪي هن جسم کان جدا هوندا. جن جو سر داء تي رکيل هوندو اهي ئي ناتو نياڻي سگهندا جن گلابي ويس پهري اڏي۽ تي اچي سر وڃائي ٻاڻ گي گاڙهو ڪري . گهوٽ ٻڌجي ميدان ملهايو آهي. انهن نينهن ئي سان ناتو نباهيو آهي.

(ڪلام)

ٽلهه ♣ آءُ قرباني ٿيان تن، جامون پهرايو آ جن
موهي من مستان ڪيو، مرڪي محبوبن

❶

پهري پيشوازي، ڪيون روحُ راضي
بره بي رنگ بازي، چيريون ٿيون چمڪن

❷

نورا ننگي دار، گِهنگِهرو ڪن گهٽڪارَ
باهين ٻيڙيدار، بازو بَندَ بدن

❸

مندِيون منڊ هٽن ، خوشيءَ مان سي ڪٽن
ڪنگڻن جون قطارون،باهن منجهه نهن

❹

مهدي ساڻ ملن، ڪليو سي خوش ٿين
باهيون ٿيون پڙڪن، اگڻ مُحبَ اچن

حل لغات :-

(۱) جامون نچڻ جو لباس، جيڪو هيٺ جنگهن واري پاسي موڪرو ٿيندو آهي ناچ ڪرڻ وقت فيري پائڻ سان گول چڪري وانگر لڳندوآهي
(۲) پيشوازي ساڙهي ڏسڻي پائڻ جو ڪپڙو جيڪو احرام وانگر ٻڌو ويندو آهي

تشريح:- سرڪار پاڪ جي جو ظاهري صحبت وارو عرصو، ڪجهه آءُ پنهنجي سرسبزان ۽ سندن صحبت جو مون ڪان اڳ وارو عرصو،جيئن مون ڪان ٻڌو ويو

آهي، تہ ان مطابق سندن ظاهري لباس جو ڪو بہ هڪ طريقہ نہ رهيو آهي. شروعات ۾ پاڻ ٽٽي ڪپڙي پائڻ جا تمام شوقين رهيا آهن. سندن ٻڌايل بيان مطابق، پاڻ ڏينهن ۾ ٻہ ٽي دفعہ وڳا بدلائيندا هئا. عطر ۽ مُشڪ ابترو تہ استعمال ٿيندو هو جو جنهن گهٽي مان گذر ٿيندو هو تہ اها ڳلي سڄي هٻڪار ٿي ويندي هئي. سندن ڪپڙا ۽ جسم تہ هميشہ معطر رهندا هئا، پر سندن سواري واري گهوڙي کي ۽ سنجن کي بہ عطر ۽ مشڪ مليو ويندو هو. گهوڙي جي ٻشڪن ۽ پڇ کي عطر مکيو ويندو هو.

ڳالهہ ڪندا آهن تہ سرڪار مولىٰ پاڪ جن هڪ دفعہ پنهنجي والد صاحب جن حضرت سرڪار سيد امام بخش سائين مخدوم جهانيان عليہ رحمت جن سان مسافريءَ ۾ گڏ هئا گمبٽ جي ڀرسان شاه جي تڪيہ تي سرڪار مالڪن جي منزل هئي، جڏهن اتان اسهڻ وارا ٿيا، تہ وهٽن کي تيار ڪيو ويو ۽ مالڪن جي آڏو سواريءَ جي لاءِ پيش ڪيا ويا. مرشد سرڪار جن گهوڙي جي رڪاب ۾ پير وجهي جو گهوڙي تي لانگ ورائي، تہ ڪٿي ڪنهن سنجن جي لوهي ڪڙيءَ وغيره ۾ سندن سلوار جو ڪپڙو ڦاسي پيو ۽ ٿورڙو ئي نامعلوم سلوار کي انگهہ اچي ويو، پاڻ گهوڙي تي ويهي رهيا ۽ پنهنجي والد بزرگن کي چين تہ اسان هن ڦاٽل سلوار سان گهوڙي کي اڳتي ڪونہ هڪليندا سين! جڏهن تہ ٻيو سمورو قافلو روانگيءَ لاءِ تيار بيٺو هو ۽ سرڪار جي سلوار کي بہ اڻ لکو چيڪ آيل هو پر پاڻ فرماين تہ جيستائين سلوار جو اهو انگهہ ڪو سيبتائي سان بند نہ ڪندو تيستائين گهوڙي کي اڳتي ڪونہ هڪلبو شاهہ جي تڪيہ تي سرڪار مالڪن جا مريد ذات جا ڀٽي، جيڪي اڃا تائين اُتي گوٺ ٻڌيو ويٺا آهن. انهن مان ڪنهن عرض ڪيو تہ، قبلا! منهنجي زال، گهر واري آهي جيڪا ڀرڻ ۽ سبڻ جو ڪم تمام ڀلو ڪندي آهي سرڪار جو حڪم ملي تہ هيءَ ڊيوٽي اُن عورت کان ورتي وڃي، سائين جن جي نظر سان اميد آهي تہ مالڪن کي ان جو ڪم پسند ايندو. آخرڪار قصو ڪوتاه تہ اها آئي ۽ اتيئي جواتي سلوار کي ٿن لڳي جيڪا کين کي پسند آئي سلوار کي ٿن تہ لڳي وئي جنهن ٿن کي بہ تنبي تنبور بڻائي ڇڏيو، ۽هر هنڌ هر جاءِ ڪک پن ۾، شاخ ۽ شجر ۾ بحر ۽ بر ۾ هڪ ئي صورت سمائجي وئي

جيڏهان ڪيان پرک، تيڏهان صاحب سامهون

(شاه سائين)

اهي سڀ شوق شڪار بہ جوانيءَ ۾ ئي ترڪ ڪين، تنهن کانپوءِ ڇهہ سال جبل جي سير ۾ رهيا آهن،جتي سندن جسم مبارڪ تي رڳو لُنگ رهيو آهي. ٻيو سڄو جسم ڪپڙن کان آجو هوندو هو مٿو بہ اگهاڙو تہ پير بہ اگهاڙا هوندا هئا وري جڏهن فقراءَ سان سير ۾ آيا تہ پوءِ ڪجهہ وقت لاءِ چڙا، ڍنڀر ۽ ڳانا وغيره بہ پاتا اٿن. ڇيريون جامان بہ پهريا اٿن انهن عشق جي زيورن مان ٻيا سڀ زيور وقت گذرڻ سان گڏ لهندا ويا. باقي ڇير پيرن مبارڪن ۾ جيئن پاتن تہ وري ڪونہ لاٿن اها سدائين جي لاءِ پيرن مبارڪن ۾ سينگاريل رهندي هئي.

هٿن ۾ هزارين ، ڳچيءَ ڳل مون ڳانا
اِها ڇير سورن جي ، پيرن مؤن نہ لاهيان

(فقير هادي مهدي)

باقي تہ ٻيو سمورو لباس ڦرندو گرندو رهندو آيو. ان جو سبب هڪ اِهو بہ هئو تہ جيڪي بہ مولا جي طرف کان سندن طالب مريد ۽ محبت وارا نذر نياز خدمت ۾ پيش ڪندا هئا تہ ان مان پاڻ پنهنجي ذات لاءِ هڪ ڪوڏي بہ خرچ ڪونہ ڪندا هئا. اهو سمورو جو سمورو ٻين ماڻهن، طالبن، مريدن، سنگت فقراءَ ۽ عام ضرورت مندن ۾ خرچ ڪيو ويندو هو. طالب مريد ۽ محبت وارا سندن لاءِ ڪپڙا لٽا سبائي کڻي ايندا هئا.خوشبو، رومال، ٽوال ۽ جتي وغيره سميت محبت وارا آڻيو، اچي مالڪن جي حضور ۾ پيش ڪندا هئا انهن مان پاڻ بہ استعمال ۾ آڻيندا هئا ۽ جيڪو بچندو هو، تہ اهو وري سندن سان جيڪو گڏ فقراءَ رهندو هو، انهن کي ڏنو ويندو هو پاڻ جيڪو ڪپڙو وغيره پهريندا هئا، اُهو بہ هڪ ڌوپ کان وڌيڪ استعمال ۾ ڪونہ آڻيندا هئا وري انهن کي بہ هلائي ڇڏيندا هئا ۽ سندن لاءِ وري ڪنهن نہ ڪنهن هنڌان سبيل ٺهيل جورا اچي حاضر ٿيندا هئا. اِهو پائڻ چوڙڻ جو سلسلو اجهو ائين پيو هلندو رهندو هو.

مايون وري ڳهہ ڳٺا آڻي مالڪن جي حضور ۾ نذر رکنديون هيون جن ۾ هر قسم جا زيور شامل هوندا آهن مثلاً ايرنگ، پنڙا، ليلم، هارَ، هَسَ، ٻاهيون، چوڙيون، نورا، بازوبند، پازيب، مُنڊيون وغيره تہ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ اُهي ڪجهہ وقت لاءِ پائي وهندا هئا ۽ پوءِ وري لاهي ڇڏيندا هئا.زالون ماڻهون سرڪار جي حضور ۾ سبيل زنانہ ڪپڙا بہ نذر آڻي رکنديون هيون ۽ پاڻ اهي ڪپڙا بہ گهڙي پلڪ لاءِ پائي ڏسندا هُئا مطلب تہ پاڻ هر رنگ ۾ رهندا هئا ۽ اُهي سڀ رنگ فقير

کي ڏاڍا نهندا هئا. پوءِ چوڻ زناڻ ڪپڙا هجن يا زناڻ زيور هجن پر پاڻ جڏهن اهي سڀ پهري وهندا هئا تہ وڏ ۾ وڏ نهندا هئن. سرڪار پاڻ جي حضور ۾ ڪو بہ جانور، اُٺ، مينهن، گهوڙو، ڪو ڏاند، ٻکري، مطلب تہ ڪهڙي بہ قسم جو ساهہ وارو نذر رکيو ويندو هو تہ پاڻ ان جي وڏ ۾ وڏ خدمت ڪرائيندا هئا. هر طرح سان پر گهوڙ لڏي ويندي هئي. ڪيترو بہ پچ پيل جانور چوڻ هجي پر مالڪن وٽ پهتو تہ ٻڌن ڏينهن ۾ ڏاڙيون ٽپڻ شروع ڪندو هو. مالڪن وٽ ڪو بہ ڊور سواءِ ڪنهن مصلحت جي ٻڌن ڏينهن کان وڌيڪ ڪونہ ترسندو هو. گهٽو ڪري تہ ٽڏي تي ئي گرهاڪ جي حوالي ڪيو ويندو هو پر جيڪڏهن واپاريءَ جي اچڻ ۾ دير ٿي ويندي هئي تہ پوءِ ڪجهہ ڏينهن لاءِ ان جانور جي قسمت وري پوندي هئي ۽ ڏاڍا مال مليدا ڪائي ڏنڌو ٿي پوندو هو. اهڙي طرح سان سڀ شي ڪي مالڪ جي ڏياري سمجهيو ويندو هو ۽ انهي سبب ڪري هر هڪ شي جي وڏ ۾ وڏ تعظيم ڪئي ويندي هئي.

هتي هن ڪلام ۾ بہ سرڪار مالڪن عشق جي عطائيءَ جو ذڪر بيان فرمايو آهي. فرمائن ٿا تہ آڻ ان تان قربان آهيان، جنهن مونکي هي عشق جا زيور پارايا آهن. عشق جا جامان ڇيريون منهنجي روح کي ڏاڍو راضي رکن ٿا. آڻ انهن جي پائڻ ۾ ڏاڍي خوشي محسوس ڪيان ٿو. نورا، گهنگهرو، ٻاهين، بازوبند، منديون وغيره مطلب تہ جيڪي بہ عشق پاڪ ڳهہ ڳڻا مونکي پارايا آهن اُهي اهڙو تہ نهنڍ ٿا جو ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! اهي سڀ هار سينگهار محبوبن جي ملڻ لاءِ عشق پاڪ ڪرايا آهن. اڳڻ تي محبوب حي اچڻ جي اندر ۾ اُڪير آهي جيڪا ٻاهہ وانگر ٻئي ٿي پڙڪا ڪائي. جڏهن عاشق جي محبوب پاڪ مهدي مولیٰ سان ملاقات ٿئي ٿي ۽ حق پاڪ جو ديدار نصيب ٿئي ٿو تہ پوءِ هنکي خوشي حاصل ٿئي ٿي. جڏهن عاشق کي سوپ حاصل ٿئي ٿي ۽ هو پنهنجي محبوب سان وجي هڪ ٿئي ٿو تہ پوءِ هنکي مُرڪڻ يا ڪلڻ روائي ٿو، جيڪڏهن هو چاهي تہ پوءِ ڪلڻ ۽ مُرڪڻ ۾ ڪو عيب ڪونهي ڇو جو هو هاڻي ڪنبو وينو آهي.

" ڪل تڏهن، جڏهن ڪنجي"

" شاهہ سائين"

(ڪلام)

ٽلهه ♣ پيالو پيتل بہ هجي ، گهوڙو ڪونتل بہ هجي
حُسن هوتل بہ هجي ، اُتي ڪيچل نہ هجي

❶

سڀ هجن سالڪ سراسر ، پرت جي پيمانَ ۾
پرين پَل پَل بہ هجي ، اُتي وائي وَصُل نہ هجي

❷

سڀ هجن صوبا سدا ، صاحب سلامت سر بسر
خنجر قاتل بہ هجي ، اُتي جهل جهل نہ هجي

❸

پَٽُ پٽيهر ڪيمخواب ، بوسڪيون بيشمارُ
ڪٽو ڪُتل بہ هجي ، اتي مَل مَل نہ هجي

❹

پوءِ ٽين پڙا پتا ، عشق جي انصاف جا
مهڏي محفل بہ هجي ، اتي اٽڪل نہ هجي

حل لغات :-

(1) ڪونتل = ڏور واڳ، لغامُ هٽ ۾ ڪري پيدل گهوڙي کي ونڻ هلڻ
(2) هوتل = جتي گهڻن ماڻهن جي طعام ۽ قيام جو بندوبست ٿيل هجي، هتي معنيٰ ٿيندس گهٽائي جهجهائي، وافرانداز ۾
(3) مَل مَل = ڪپڙي جو هڪ قسم، سنهو ڪپڙو، ڏوءِ پوءِ (4) پيمان = ميزان، تارازو، جام، انداز، حساب وغيره

تشريح:- هوند کي اڻ هوند ۽ اڻ هوند کي هوند "سمجهڻ" اهو فقير جو ملڪ آهي يعني نہ گهڻي جو فڪر نہ وري ٿوري جو غمُ سڀ ڪجهه موجود هجي تڏهن بہ

پنهنجي مولا تي رکجي ۽ جيڪڏهن هڙ ۾ ڪجھ به نہ هجي تڏهن به پنهنجي مولا تي رکجي "ترڪ" جو ڪجھ هجڻ نہ هجڻ سان ڪو به واسطو ڪونہ آهي. ائين نہ آهي تہ جن وٽ سڀ ڪجھ آهي صرف اُهي ئي تارڪ ٿي سگھن ٿا جن وٽ ڪجھ ڪونهي. اهي تارڪ ٿي نٿا سگھن سڀ ڪجھ ترڪ ڪرڻ خيال تي مدار ٿو رکي ظاهري هجڻ يا نہ هجڻ تي نہ آهي. ظاهري هوندو تہ. چا جي نہ هوندو تہ چا خيال کي پاڪ رکڻو آهي سڀ ڪنهن گهرج کان. ظاهري ڪجھ به نہ هجي پر جي خيال ۾ هورا کورا لڳل هوندي تہ پوءِ خيال پاڪ نہ چئبو اهو"گدڙ ڏاڪ نہ پُڄي، چئي ٿو ڪتا" وارو حساب ٿي پيو وري ان جي ابتڙ هجي به سڀ ڪجھ گهوڙا ٻهيڙا، مالُ رزق، دنيا دولت پر خيال انهن ۾ قائل نہ هجي نہ تہ انهن ۾ واڌ اچڻ ڪري کا خوشي حاصل ٿئي ۽ نہ وري انهن ۾ ڪمي اچڻ ڪري کو صدمو رسي. حُسن جا به جيڏانهن کيڏانهن ڏل هنگامہ برپا هجن. پيار به اڻ ميو پيو ملي، ڏاڍا ديدار درشن، قرب ڪچهريون ۽ محفلون متل هجن، رڳو شهوت جو شور نہ هجي جسم پرستي چَٽڀُرَ ۽ هٽ ڇهاند نہ هجي.

اُهي گوهر شناس، سڀاجها سالڪ ۽ عشق عميق جا غواص جيڪي عشق جي انصاف جا عاشق آهن، سڀ موجود هجن. محبوب به دائماً موجود هجي پر محبوب سان ملڻ جو کو به پروگرام نہ هجي. رڳو دلبر جو ديدار هجي، درشن هجي،ڪچهري هجي،گفتگو هجي ۽ رهڻ هجي پري کان پوجا ڪجي. ويجهو اصل نہ وڃجي اُتي اڏي ۽ ڪات ۽ قاتل هجي پوءِ آ ۽ نا هجي، اُتي ڪُسڪُ ۽ ڪِنجهڻ نہ هجي. پوئتي هٽڻ اصل نہ هجي.اڏي ۽ ڪات سدائين ساوا سيراب هجن. سر تريءَ تي هجي، سوري سدائين سينگاريل هجي. عاشق اڏيءَ تي اچڻ لاءِ آتا هجن. اُتي تون تون، مون مون ۽ ڇڏ ڇڏان نہ هجي. ڪات وهندو رهي ۽ عاشق ڪُسندو رهي ۽ مر مر ڪندو رهي. فقير هَري آهي. هر رنگ ۾ رهي ٿو. ڪٽي شاه تہ ڪٽي گدا ۽ ڪٽي پٽ پٽولا ۽ ڪيمخواب ٿو پهري تہ ڪٽي وري قائل گودڙي ۽ ڪٽل ڪٽي سان ٿو تن ڪي ڍڪي.

مطلب تہ هر پوشاڪ ۽ هر لباس فقير پَهري ٿو، جنهن ۾ هر قسم جو ڪپڙو ۽ سينگار اچي وڃي ٿو پر هتي سرڪار مولیٰ جن "مَلمل" کان منع فرمائي آهي تہ نيا ڪپڙا پَٽ پٽنبهر، ڪيمخواب ۽ بوسڪن کان وٺي ڪٽي ڪٽل تائين پلي هجن پر "مَلمل" نہ هجي! ململ ويچاري الائي ڪهڙو ڏوه ڪيو آهي جو هن کي زيب تن ڪرڻ کان فقير باهر ڪيو ڇڏيو آهي؟! پر ائين نہ آهي. فقير ململ کي لباس

کان ٻاهر ڪوڙ ڪڍيو آهي. فقير ٿو فرمائي ته ململ جو ڪپڙو به پلي هجي. اهو ڪپڙو پوسڪن ۽ بافتن کان ڪو ٻاهر ڪو نه آهي. ان ۾ به اهو ئي ريشم يا سٽ استعمال ٿو ٿئي ته ٻين ڪپڙن جي اثاوت ۾ به ساڳيو ئي سٽ يا ريشم ٿو استعمال ۾ اچي. هت جنهن "ململ" جي ڳالهه ڪيل آهي ۽ جنهن جي هُجڻ کان منع فرمائي وئي آهي، اُها آهي ڪپڙن جي "ڏوءِ پوءِ" ۽ سانڊ سُونڊ. مطلب آهي ته اهي سڀ پوشاڪون جنهن ۾ ريشم کان وئي سٽ ۽ ڏاسڻ مان نهيل ڪپڙن تائين اچي وڃن ٿا. سڀ فقير کي سونهن ٿا. پلي اُهي سيئي ڪپڙن جون جنسون موجود هجن ۽ فقير کي جسم تي پهريل به هجن. باقي ته هنن کي ڏوئي ڏپوئي سانڊيي نه رکجي. ائين نه هجي جو هڪڙا پائجن ته. ٻيا وري لاهي ڏوئي پوئي سانڊيي رکجن! جيڪي آهن اهي پائڻا آهن رکڻا نه آهن ۽ جيڪي پائڻ کان واڌاري آهن اُهي هلائي ڇڏڻا آهن سانڊيي رکڻا نه آهن ۽ وڃا آهن ته هڪ پائڻو آهي ۽ ٻيو ڏئي ڇڏڻو آهي ائين نه آهي ته ڪو پاتل لاهي ڏوئبو ۽ رکيل پائبو.

سرڪار مالڪن جي حضور ۾ پڙ ائين ئي ڏئو ويو آهي، جيئن ٻڌ، هن ڪلام ۾ پاڻ فرمايو اٿن ته "ململ" ويچاري ٻئي ساري جهان ۾ وڌ ۾ وڌ پسند ڪئي ٿي وڃي پر سرڪار مالڪن وٽ هن جو نالو نشان به ڪونه آهي!

مٽين ڪن ڳالهين جي هجڻ ۽ ڪن ڳالهين جي نه هجڻ ڪانپوءِ جڏهن پرت جي پيمان ۾ ٽڪ تور ٽيندي ته پاڻهي ڪري ۽ ڪوئي جي خبر پئجي ويندي. اُتي ڪابه اٽڪل ڪانه هلندي. سڌي راند سر جي آهي. جڏهن هي سر ڏبو ته تڏهن هُو سر هلندو اهڙي سودي ۾ اٽڪل ڪيئن ٿي ڪري سگهجي جنهن ۾ سر جي سٽ هجي؟! جنهن محفل ۾ هر وڪر جا پارکو موجود هجن ۽ جتي تر تر جو حساب چڪتو ٽيندو هجي ۽ جتي رڳو سر جي بازي رکيل هجي ته پوءِ اُتي سر لڪائڻ مناسب نه آهي. اُتي اٽڪل ظاهر ٿي پوندي ۽ لکي ڪونه سگهندي. جتي تر ٿا ٿرن اُتي هيڏو سارو سر ڪيئن لکي سگهندو! اٽڪل ڪبي ٻين سان آهي پر ڏوکي ۾ پاڻ هُجبو آهي!

" اٽڪل سائين الله ڪڏهن ڪونه هلندو"

"مهدي سائين"

باقي بيڪ بنائي ماڻهن ۾ پاڻ کي حاصل يا الله ته ظاهر ڪري سگهجي ٿو.

(ڪلام)

ٽلهه ♣ الله آهي پرواه ناهي ، قالُو بَلیٰ ڏِسُ قولَ ڪي ڪاهي

❶

اَنحد عِشق اُلِٽ اِشارو ، لاحد وارو لاهه به آهي

❷

صحيح سچائيج سُخن انهي ڪي، بيرنگ بره بقاءَ به آهي

❸

طالب توڪل ٻڌ توحيد ٽُرهو، وحدت ريءَ هي واه به ناهي

❹

ظاهر زيب زماني مهدي ، قائم قرب ڪُلاه به آهي

حل لغات :-

(1)انحد = غيبي آواز، قلبي آواز(2) ٽوڪل = الله تي پروسو رکڻ (3) ڪُلاه = ڪلو، ڏگهي ٽوپي، چوٽي

تشريح:- طالب کي همت ٻڌائي وئي آهي، مُڙس ٿيءَ پرواه نه ڪر، الله جو موجود آهي، پوءِ ڇا جي ٿو پرواه ڪيين؟! قالو بلیٰ واري قول کي جاچي ڏس ته پاڻهي پڪ پوندئي ته واقعي الله کانسواءَ ٻئي ڪنهن جي غرض ناهي ڪيڏي الاهي عشق وارن جي راند اصل کان الٽي اويڙي رهي آهي. عشق وارا اوپارو ترندا آهن.

نکي پڙهن ڪلمه ، نکي ٻُڌن بانگ
جاڏي عالم آسرو، تاڏي ڪن نه تانگهه
لاهوتي بي لانگ ، علم کان اڳي ويا

"شاهه سائين"

جنهن پاسي ڏانهن دنيا وارن کي نقصان ڏسڻ ۾ ايندو آهي، عاشقن جي ڪاه وري ان طرف گهٽي هوندي آهي هو نقصان مان نفعو حاصل ڪندا آهن. عقل نقصان

کان ڊڄندوآهي پر عشق نقصان کي ڪونہ ليکيندو آهي. عقل حد ۽ لاحد جي وچ ۾ رهي ٿو، ان کان ٻاهر نہ ٿو نڪري سگهي، پر عشق حد ۽ لاحد کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. جيڪا شي حد ۾ آهي، اها فنا آهي ۽ جيڪا لاحد کان اڳتي آهي اُها بقا آهي. بره بيرنگيءَ کي بقا آهي، جن کي اندر ۾ عشق آهي ۽ جيڪي عاشق الله آهن. تہ پوءِ انهن کي بہ بقا آهي، اهي بہ ڪونہ ٿا مرن. تون رڳو ان سخن کي چڱيءَ طرح سڃاڻ، جيڪو ڪالهہ ڪالهوڻي قالو بلىٰ جو ڪيو اٿئي! توڪل جو ترهو نہ ڇڏ، پنهنجي مولىٰ تي پورو پورو ويساهہ رک. ڇو تہ فقير جي فضل کانسواءِ ٻي ڪا واهہ بہ ڪانهي.

عاشقن کي عشق ريءَ، آرام ناهي
قرب وارن کي قرب ريءَ، ٻيو ڪام نـاهي

"مهدي سائين"

عاشقن کي الله سان عشق نڀائڻو آهي ۽ زماني جي زيب ۾ وري قرب سان رهڻو آهي. " **هت آيوئي ٽانڊو ٽوپي ڪرڻ آهي**" اُهي مٿيان لفظ مرشد مالڪن جا فرمايل آهن. حيدرآباد ٽنڊو جهانيہ ۾ هڪ ديوان، ڀريل محفل ۾ جنهن ۾ محمد فقير کٽياڻ بہ موجود هو، سوال پڇيو تہ "هي هتي ڇا ڪرڻ آيو آهي يا ڇا لاءِ آيو آهي؟ " هر ڪنهن پنهنجي سمجهہ آهر جواب پيش ڪيو. ڪنهن چيو تہ هت پاڻ سڃاڻڻ لاءِ آيو آهي ڪنهن چيو تہ هتي گهمڻ ڦرڻ آيو آهي. ڪنهن ڪيئن تہ ڪنهن ڪيئن چيو پر تڏهن بہ ديوان هٿ ٻڌيو بيٺو رهيو. آخر ۾ سرڪار مالڪن کي فتوىٰ ڏيڻي هئي پاڻ فرمائين تہ ادا ديوان صاحب! "هت تنهنجي ٽانڊو ٽوپي ڪرڻ لاءِ آيو آهي." پاڻ مالڪن جو فرمان آهي، تہ "مخدوم جهانيان جي معنىٰ اها نہ آهي تہ "هو جهان جو مخدوم آهي" پر ان جي معنىٰ وڃي اها ٿيندي تہ "هو ساري جهان جو خادم آهي." طالب مان ئي مطلوب ٿيو پر جي طالب ئي نہ ٿيو آهي تہ پوءِ مطلوب ڪيئن ٿي سگهندو! اهڙي طرح مخدوم ٿيڻ لاءِ پهريان خادم ٿيڻو پوندو، تنهن کان پوءِ مخدوميءَ جي منزل ملندي. حضرت مخدوم جهانيہ جهان گشت عليہ رحمت جن جي لاءِ چيو ويندو آهي تہ پاڻ ساري عمر سفر ۾ رهيا آهن.ننڍي کان وٺي وڏي ۽ اوچ کان وٺي نيچ تائين هر هڪ جي مدد ڪئي اٿن. ڪوسي هجي يا ٿڌي، ڏينهن هجي يا رات، هر وقت خدمت خلق لاءِ تيار رهيا آهن. تڏهن تہ ساري

جهان جي مخدومي عطا ٿين. فقير پاڪ جن ۽ فرمائن ٿا تہ ظاهري زماني جي زيب ۽ قرب جو قدر ڪٽو آهي ۽ اهو وڏ ۽ وڏائٽو آهي. قرب جي چوٽي ڪرٽي آهي،قرب ڪانسواءِ بي ڪار ئي ڪرٽي نہ آهي. دوست دشمن جو ويچو ختم ڪرٽو آهي. هر هڪ جي لاءِ اڻ ميو قرب وندٽو آهي.

دوست دشمن هڪ ڪيو ، گودڙيا گهمن
تون مان وڃائي وچ مان، پنهنجو پاڻ پَسن
گاروڙي هڪ گامَ ۾، وڃيو گر سان گڏجن
لوچي لڏو تن ، انهي ريت رستم چوي

"فقيررستم سائين"

(ڪلام)

ٿلهه ✤ آهين پاڻ اللهُ ، ڇڏ ٺڳيءَ جا ٺاهَ

❶

ذات صفات سموري تنهنجي ، رکُ نوري نظر نگاهَ

❷

اِلاَّلله واري ڪر اثباتي ، ويسهه وجهُ الله

❸

ميمَ جو مولهيو اٿئي مٿي تي ، قائم قرب ڪلاهه

❹

وچ درياهه وحدت جي ، مهدي ٿيو آ ملاح

حل لغات:-

(1) الا الله = سواءِ الله جي، ڪلمي جو اثبات وارو حصه (2) وجه الله پورو جملو آهي. "وَلِلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَالْمَغْرِبُ فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ" "البقره" ۽ اوڀر ۽ اولهه الله جو آهي، پوءِ جاڏي پنهنجي مهاڙ کي ڦيرايو تاڏي الله جي سامهائي آهي.(3) ميم= پوري حديث آهي " أنا احمد بلا ميم" آهيان احمد بنان ميم جي.(4) مولهيو= سينهو، مولهياٽو، پٽڪو.

تشريح :- هتي طالب پنهنجو پاڻکي مخاطب ڏيکاريو ويو آهي. پاڪ مالڪ فرمائن ٿا ته اهي ٺڳيءَ جا ٺاه ڇڏي ڏي، ڇو ته تون سڀ ڪجهه پاڻ آهين هيءَ جيڪا به ذات ۽ صفات آهي. اها سموري تنهنجي آهي، ٻي ڳالهه کي ڇڏي ڏي. رڳو پنهنجو پاڻ کي سڃاڻ. ڪلمي واري اثباتي ڪر ۽ وجه الله ويساهه رک ته پاڻ الله ٿي پوندين ٻين پنڌن پيچرن کي ڇڏي ڏي، اهي اجايا ٺڳيءَ جا ٺاهه آهن. هت هن سنسار ۾ ميم جو مولهيو مٿي سان ٻڌي ۽ آدم جو چولو پائي قرب ڪمائڻ آيو آهين. صورت سان پيچ پائي قرب کي قائم ڪرڻو آهي. هت سواءِ قرب جي ٻيو ڪجهه به ڪمائڻو ڪونه آهي، رڳو قرب

ئي قرب ڪمائڻو آهي. قرب ڪي هر هنڌ ۽ هر حال ۾ قائم رکڻو آهي. وحدت جي درياھ مان پار اڪارڻ وارو مهدي مولا اهي. انهيءَ کانسواءِ پار اڪارڻ وارو ٻيو ڪير ڪونهي. جڏهن پاڻ اڇي سائين ٽيندو تڏهن ئي طالب جو چاڑهو ٽيندو.

"بن مرشد راز نہ ملدا، توڻي طالب کاوي سوڻپي"

" خوش خيرمحمد سائين "

(ڪلام)

ٽلهه ❖ ساقيءَ سارو سُرُ سمجهايو ، گيت اناالحق ڳائڻ جو

❶

ڏَمُ ڏَمُ درشن ڪر ويندو دم جو ، چشمن چوٽ چلائڻ جو

❷

هڪ دم حالُ حلاج هلائي ، انا اَن الائڻ جو

❸

منصوري معراج ماڻائي ، سُوريءَ سر سلائڻ جو

❹

عشق اڇڻ سان حڪم هلايو ، مهڏي جي تہ مِلائڻ جو

حل لغات :-

(1) اناالحق - هي عربي لفظ آهن حسين بن منصور حلاج جو نعرو هنيل آهي، جنهن جي ڪري ڪيس سُوري تي چاڙهيو ويو هو. معنيٰ اٿس، "مان حق آهيان" يعني مان الله آهيان (2) درشن يا درسن - ڏسڻ، ديدار (3) أنا اَن - عربي لفظ آهن معنيٰ اناالحق واري اٿن(4) حلاج - منصور - جي ذات

تشريح:- اهو ساقي ڪيرآهي، جنهن اچي اناالحق جو گيت ڳائڻ سيکاريو؟ مالڪ فرمائن ٿا تہ اهو عشق آهي. جنهن محبوب جو درشن ڪرائي چشمن جي چوٽ ڏياري وري حلاجي حال ۾ آڻي. منصور واري مام ڏئي حق جي صدا بلند ڪرائي. اهو پاڪ عشق ئي آهي جنهن منصور وارو معراج ماڻايو. جيڪو معراج منصور ڪيو هو، اهوئي عشق آڻي ڪرايو آهي ۽ سوري تي سر ۽ عشق اچي ڏياريو

آهي، منصوري معراج سان هميشه سوري سان هوندي آهي،جڏهن به منصوري معراج تي پهچبو تہ سوري، سزا واز ٿيو.

مهدي مولا سان ميلو به عشق اچي ڪرايو. طالب کي مطلوب سان ملائڻ وارو به عشق آهي. جڏهن شوق جاڳيو تڏهن مرشد جي به طلب لڳي ۽ پوء ڳولي اچي مهدي مولا کي لڏائين ۽ طالب ٿيو. مطلب تہ عشق کانسواءِ ٻي سڀ اونده آهي عشق امام آهي، عشق رهبر آهي، عشق اول آهي، عشق آخر آهي، عشق باطن آهي، عشق ظاهر آهي، عشق خود الله آهي، بقا عشق کي آهي ٻيو سڀ فنا آهي

(ڪلام)

ٽلهه ♣ جاني جانبَ يَارَ ، دِلِ ڪي دامَ وڏا تو

❶

مونکي ڪين وِسارجُ مولىٰ،سِگهڙي لَهجُ سنيارَ

❷

راتيو ڏينهان رُوح ۾ ، طلب اوهانجي آ تارَ

❸

آءُ اگڻ تي منهنجي جاني ، مهڊي ٽي مَنهدار

حل لغات:-

(1) جاني جانب - سر کان سوايو، پيارو (2) دامَ- ڪوڙڪو، ڏهي، جانورن کي قاسائڻ جي قاهي.

تشريح:- مالڪن جو هي ڪلام اوائلي دور ۾ چيل ٽو ڏسجي چو ته جيڪو هن ڪافيءَ ۾ خيال ملي ٽو اهو سرڪار پاڪن جي ٻئي ڪنهن به ٻول ۾ ڪونه ٽو ملي. هن ٻول ۾ مالڪن يار جي زسامي جو ذڪر فرمايو آهي. فرمائن ٿا ته دل جو دلبر دل کي دام ۾ قاسائي هليو ويو آهي هائي راتيو ڏينهان دل گهرئي دلدار کي ٻئي ٽي دل سنياري ۽ پڪاري. ڦوڙائي فراق جون ٻئي ٽي دانهون ۽ ڪوڪون ڪري. وڏيڪ فرمائن ٿا ته اي محبوب! اي مالڪ، او جان جا سائين! مونکي وساري نه ڇڏيو، جلدي ڪا سار لهڻ جي ڪيو. جلدي ڪا ورڻ واري ڪري اچي اگڻ أجرا ڪيو مهڊي مولىٰ! اچي منهنجا منهدار ٽيو

سرڪار مالڪن جي ظاهري صحبت جو پويون دور جيڪو مان به ڪجهه سنبران، ته پاڻ ان دور ۾ فرمائيندا هئا ته، "مان پلي وسريو وتان پرتون نه وسرج محب مڻا" هنن لفظن مان مطلب وجي اهو ٽيو ته

" اسکی اوجاتے سانون اپڻی توڑ نباوڻ ڈے"

آهي به ته هن کي نباهڻي، هو مرضيءَ جو مالڪ آهي. ڪٽي وڌيس جو اهو چوي ته "فاذکروني اذکرکم" تون به گهرندين ته مان به گهرندم پر أهو به سندس مرضيءَ

تي منحصر آهي "وٺين ته وڙُ ڪن نه ته اڳين جو اختيار" ان لاءِ هي ڇا ٿو چئي سگهي اڳين کي؟! ڪجهه به ته نه!! هن کي اهو طمعو ئي نه آهي رکڻو ته اڳين مان به ڪجهه موٽ ملي. جي طمعو رکيائين ته پوءِ عاشق ڇا جو؟ پوءِ ته ڪُٽيءَ کائو مجنون ٿي پيو! ڪُٽيءَ جي لالچ رکيائين ته پوءِ هڙئي ويس.هي آهي طالب هُو آهي مطلوب. طالب جو ڪم آهي مطلوب جي طلب رکڻ ۽ مطلوب جو ڪم آهي طالب کي مطلب ڏيڻ انڪري ته فقيرن الله کي به ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. ڇو ته جي الله الله ڪبو ته پوءِ ڪيڏي وقت الله کان ڪجهه گهري به وٺبو! ٻيو جي ڪجهه کڻي نه به گهريو. تڏهن به ويسلائيءَ ۾ مدد جي گهر ڪري وٺبي. طالب کي عاشق ٿي رهڻوآهي ۽ عاشق اهو آهي جيڪو يار جي رضا تي راضي رهي،رضا تي راضي تڏهن رهي سگهبو جڏهن سوال ترڪ ڪبو. بڻيءَ تي شاڪرُ رهڻو آهي

"اِلاهي اَنت مقصودي وَ رزاق مطلوبي"

جيڪو مطلوب جو مقصد آهي اهو طالب جو مطلب آهي طالب کي پنهنجو مطلب رکڻ روا نه آهي. طالب جو واسطو رڳو مطلوب سان آهي. انڪري طالب جو مطلب صرف مطلوب آهي. ٻي ڪنهن به ڳالهه سان هنجو واسطو نه آهي."مان ڀلي وسريو وتان پرتون نه وِسر" اهو خيال سرڪار مالڪن جي ڪلام ۾ سواءِ هِن ڪافي جي ٻين ٻولن ۾ ملي ٿو انڪري تصديق سان نٿو چئي سگهجي ته هي ڪلام سرڪار مالڪن جو فرمايل آهي يا ٻين ڪلامن وانگر جيڪي سرڪار پاڪن جي ڪلام کان الڳ ڪيا ويا آهن هي ڪلام به ان شاعر جو چيل آهي جنهن پنهنجي ڪلام ۾ پڻ مهڌي نام رچايو آهي. بهرحال پَڪَ سان ڪجهه به نٿو چئجي ته هي ڪلام ڪنهن جو چيل آهي سواءِ ان ڳالهه جي ته پاڻ مالڪن جي منهن مبارڪ مان اهو ٻڌل آهي ته "مان ڀلي وسريو وتان پر تون نه وسرج" سو جيڪڏهن سرڪار جي انهي فرمان کي وٺنداسين ته پوءِ تصديق سان اهو چئي سگهجي ٿو ته مذڪوره ڪلام پاڪ مالڪن جو چيل نه آهي پر جي کڻي ائين چئجي ته مٿيون ڪلام پاڻ اوائلي دور ۾ چيو هوندن ۽ بعد ۾ سندن خيال ۾ پُختگي اچڻ ڪري شروعاتي خيال کي ترڪ ڪيو اٿن.هن بحث مان اها ڳالهه به آڏو اچي ٿي ته جيڪڏهن سرڪار مالڪن جو هي ڪلام شروعاتي دور جو چيل آهي ته پوءِ ضرور پاڻ ڪجهه کي ٻيا ڪلام به اهڙي قسم جا چيا هوندن؟ جڏهن ته ٻيا سڀ ڪلام

مذڪوره ڪلام جي دور جا چيل ته تا ڏسجن تڏهن چئبو ته سرڪار جن اوائلي دور ۾ صرف هڪڙو ئي ڪلام چيو آهي. پر ائين ٿي نٿو سگهي جڏهن ته دور اهن ئي ۾ هڪ پهريون دور ۽ بعد ۾ ٻيو دور يعني پهريون دور ۽ آخري دور. ته گهٽ ۾ گهٽ پهرئين دور ۾ به پوئين دور جيترا پول ته چيل هجن! هجڻ ته مٿي ڪپن. چو جو پهرئين دور ۾ شعر چوڻ لاءِ واندڪائي گهٽي هوندي آهي ۽ پوئين دور ۾ مهراڻ مانو وهندو آهي. انڪري ماڻ جو مطالعو گهٽو هوندو آهي ۽ شعر چوڻ جي فرصت گهٽ ملندي آهي.

مٿئين وضاحت ڪانپوءِ هي ڪلام مالڪن جي ڪلام ۾ شامل ڪرڻ جي لائق نٿو رهي. جڏهن ته پاڻ اها دعوىٰ ئي نٿا رکن ته ڪر هن ڪي به ياد ڪيو وڃي ۽ وساريو نه وڃي پاڻ ته اهو تا فرمائن ته بس رڳو تون ياد هج. هي پلي وسريل هجي. ته پوءِ ڪلام ۾ ائين ڪيئن چيو هوندن ته

" مونکي ڪين وسارج مولىٰ- سگهڙي لهج سنيار "

ٻيو ته سرڪار جي حضور ۾ به هي ڪلام اسان فقراءِ ڪي چوندي ڪونه ٻڌو آهي جو ڪٽي چئجي ته مالڪن وٽ به ڳائڻ ۾ ايندو هو. انڪري سندن چيل هوندو پاڻ ته پنهنجو ڪلام چورائيندا ئي ڪونه هٿا. جي ڪو درويش ڪٽي ٻل ۾ چئي به ڏيندو هو ته پاڻ منع ڪندا هُئس ته اهي ڪلام نه چئو. ٻين فقيرن جا پول پڙهائيندا هٿا. ٻيدل فقير ۽ سچل فقير جا پول گهٽو پسند فرمائيندا هٿا.

تنهن هوندي به پنهنجي مُنهن سان جيڪي ويراڳي درويش سرڪار مالڪن جو ڪلام چوندا رهندا هٿا. تن کان به اسان هي ڪلام اُن وقت ۾ ڪونه ٻڌو. ٻياض گڏ ڪرڻ وقت هي ڪلام به ٻين ڪلامن وانگر سرڪار جي ڪلام ۾ شامل ٿي ويو آهي.

(ڪلام)

ٽلهه ♣ پُر پيالو پرينءَ پياريو ، پيئڻ سان پروانُ

❶

ڪوثر ڪيف ڪلالي قائم ، سُوره سِرُ سُلطانُ

❷

ڏنئون جامُ جلالي جنگي ، مانجهي پي آيا ميدان

❸

سيني سَيرُ سُجاتم سارو ، مهّدي جي مئيخان

حل لغات:-

(1) پروانُ = پُرباش، تيار، مڪمل، چوٽ تي چڙهڻ (2) ڪوثر = حوض ڪوثر، جنت جو پاڻي، آبِ ڪوثر. (3) ڪيف = سُرور، خُمار، نشو. (4) ڪلالي = اسم ڪلال جي صفت آهي. معنيٰ اٿس "لوهارڪو" اصطلاحن پيرمُغان کي به ڪلال چئبو آهي. هت به اصطلاحي معنيٰ ۾ ڪم آيل آهي، جيئن لوهر لوهه کي باهه ۾ وجهي مترڪ هٿي سِڌو ڪندو آهي، مرشد به طالب کي ائين گهڙي ناهي ٻيهارينڊو آهي.
(5) جلالي = جذبه وارو، جوش وارو.

تشريح:- اهڙي ته سُرڪي سوائي ملي وئي جو پيئڻ سان پهرئين پُور ۾ وڃي پار پهتاسين.

"پيتم آب حيات ، دستئون پير مغان جي"

پرينءَ جي هٿ جو پيالو آب حيات آهي. اُهي ڪڏهن به نه مرندا جن مغان جي هٿان آب حيات پيتو هجي. اهي سدائين حيات آهن. اُهي پيالي پيئڻ سان ئي پروان ٿي ويا. اُن آب ڪوثر جو، جيڪو هنن کي پرينءَ پياريو، سدائين هنن کي ڪيف تاري آهي. اُهو ڪڏهن به لهڻ وارو خمار نه آهي. سدائين دائمه رهڻ وارو ڪيف آهي ڪيف ونڻ وارا جن ڪلال کان ڪيف ورتو يعني طالب، جن پير مغان کان پيالو ورتو، اُهي به بانڪا بهادر بي ريا آهن. سڀ ڪنهن جي جاءِ نه آهي مرشد کان مي جو پيالو ونڻ سورهه سلطانن جو ڪم آهي ڪلالڪي ڪوٺ تي وڃڻ، جهڙي

تهڙي جي جاءِ نہ آهي. جلالي جنگي جام ۾ ڪي مانجهي پيئندا جيڪو مغان کان ميسر ٿئي ٿو. جڏهن جنگ جو ميدان ملهائڻو پوندو آهي تہ مرشد جي طرف کان طالب کي جلالي جام پيارِيو ويندو آهي. وري ڪامراني حاصل ٿيڻ کانپوءِ جمالي جامُ ملندو آهي. جيڪو پڻ مغان ئي طالب کي پيارِيندو آهي.

جهاد بن قسمن جا آهن هڪڙو جهاد اُهو آهي جنهن ۾ حق جي طرف کان ڪُفر سان جنگ جوٽي وڃي. اُها آهي ظاهري لٽ بائي. تيغ تلوار ۽ اوزارن جي ويڑهه جنهن کي اصغري جهاد سڏيو ٿو وڃي. ٻيو آهي اڪبري جهاد جيڪو حق کي حاصل ڪرڻ لاءِ. پنهنجو پاڻ سان جوٽيو ٿو وڃي اُن ۾ نہ تہ ڪنهن لشڪر جي ضرورت هوندي آهي. ۽ نہ وري ڪنهن هٿيار استعمال ڪرڻ جي حاجت رهندي آهي. هيءَ منجهئون منجهه ويڑهه آهي. جنهن جي هُل هنگامہ جي ٻئي ٻاهرين کي ڪابہ سُرتِ نہ پوندي آهي. هن ۾ پنهنجو پاڻ سان جهيڑو رهي ٿو ۽ پاڻ کي قتل ڪرٽو پوي ٿو. مغان جي طرف کان اهي ٻئي جهاد اُمر ڪيا وڃن ٿا ۽ ٻئي لازمي قرار ڏنل آهن. طالب کي ٻئي پورا ڪرڻا آهن. پهرئين لاءِ جنهن کي اصغري جهاد سڏيو وڃي ٿو موقعو درڪار آهي. ٻئي جي لاءِ جنهن کي اڪبري جهاد ٿو چئجي، ڪنهن بہ مهل موقعي جي گهرج نہ هوندي آهي اُن لاءِ جمڻ کان وٺي مرڻ تائين هر وقت موقعو ئي موقعو آهي اصغري جهاد مهل جو محتاج آهي. مَهل آئي تہ مڙٽو ناهي، نہ تہ پلي عمر ئي گذري وڃي! پر طالب جي پرکا نيت تي رکيل هوندي آهي انڪري جي طالب جي زندگيءَ ۾ ڪا اهڙي مهل نہ بہ اچي ٿي جنهن ۾ هُو حق جي طرف کان ڪُفر سان جنگ ڪري سگهي. تہ جيڪڏهن هُن جي نيت صحيح آهي ۽ مهل اچڻ تي مڙڻ وارو نہ آهي تہ پوءِ هن کي اصغري جهاد ۾ ڪامياب سمجهيو ويندو، پوءِ پلي هُن جي حياتيءَ ۾ ظاهرن اهڙي گهڙي ڪڏهن بہ نہ اچي. اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ جيڪو اڪبري جهاد ۾ هوندو، انکي اصغري جهاد جي ڪابہ ضرورت محسوس نہ ٿيندي ۽ اصغري جهاد اُن لاءِ پوءِ گهٽ وقعت ٿو رکي. ٻيو تہ اڪبري جهاد ڪرڻ واري جو اصغري جهاد خود بخود ٿيو وڃي. آهي تہ ٻنهي پاسي امر کي اثبات ڪرٽو اصغري جهاد ۾ بہ امر جي اثباتي ڪرٽي ٿي پوي تہ اڪبري جهاد ۾ بہ اثبات امر ٿو ڪرٽو پوي، فرق رڳو اِهو آهي تہ پهرئين ۾ رڳو امر جي اثباتي ٻئي ۾ امر سان گڏ صورت اثبات ڪئي ٿي وڃي. هڪ آهي حق کي حق چوڻ لاءِ تہ ٻيو آهي حق کي حق پسڻ لاءِ. ٻنهي لاءِ جامُ ساڳيوئي آهي. جيڪو طالب کي مغان کان ملي ٿو.

مالڪ فرمائن ٿا تہ پرين، ڪاڻ جو پيالو مليو. تہ جاڻ ونئي. اُتي محبوب جي ميڪدہ ۾ ئي ويهي رهياسين ۽ اتيئي منجهون منجهہ سڀ سير پاڻ ۾ ماڻي ڏٺوسين

(ڪلام)

ٿلهه ♣ ٻرهه بهادر لائي بهاري ، بيقراري قرارُ

❶

اَڻ ڏِٺي جي ڪَر اثباتي ، ڏٺا سڀ وسار

❷

همه اوست حالُ ڍڪايو ڍولڻ ، مَٿئون ميگهه مَلهار

❸

دمَ کانسواءِ دَمُ آ خالي ، لَهه دَم جي سُرت سنڀار

❹

ڊَپَ ۽ ڊاءُ ڇڏيائين سڀ ڊاهي ، مهدي ٿيو منهدار

تشريح:- سرڪار مالڪن جي ڪلام جي هيءُ ڏاڍي نياري خوبي آهي ته پاڻ عشق کي هميشه بهاريل ڪري ڳايو اٿن. ڪٿي به عشق جي ايذاءَ جي دانهن يا ڪُوڪَ ڪانه ڪئي اٿن. عشق جا احسان ۽ قرب قرار ڳايا اٿن. ڪيڏي به بيقراري هوندي پر جي ديدارِيارُحاصل هوندو ته پوءِ اُها بيقراري به پئي وڻندي. ٻيو اِهو ته برهه جي باهه کان وڌيڪ ٻي ڪابه باهه ڪانه آهي. انڪري به ٻي سڀ تڪليف برهه جي ڀيڙ جي ڀيٽ ۾ قرار آهي. پاڻ مالڪن به برهه جي ان ئي بهاريءَ جو ذڪر فرمايو آهي، جنهن جي آڏو زماني جي هر تڪليف ڪابه وقعت نٿي رکي ۽ اُها ان جي ڀيٽ ۾ ايڏو ته گهٽ تڪليفده آهي جو عشق ۾ ان درد جي ڪا به خبر ڪانه ٿي پوي ۽ جيڪا به ان تڪليف جي ڪري بيقراري پيدا ٿي هئي، اُها هاڻي ختم ٿي چُڪي آهي ۽ ان جي جڳهه تي قرار اچي ويو آهي.

اُبتڙي اوڙاهه ۾، جيڪو اُڇلي آپُ
جو آپواوڙاهه ۾، سُورنه تنهن کي تاپُ
يوسف اي سَراپُ، آيو عشق عجيب جو

"نانڪ يوسف کوکر"

عشق جي اثباتيءَ ۾ جن کان ڏٺا سڀ وسري ويندا، انهن کي زماني جي ڪنهن به سُور جي ڪهڙي ڪَل پوندي؟! ڇو ته انهن کي ڪا ڳالهه ياد ئي نه رهي آهي ۽ نه

تہ ڪو هنن جو ڪنهن سان واسطو ئي رهيو آهي، جنهن جي ڪري ڪين ڪو صدمو رسي هي زماني جا شور صدما سڀ واسطي سان بڌل آهن جيترو ب جنهن سان ڪنهن جو واسطو هوندو. اوترو ئي اُن لاءِ اڳين کي صدمو رسندو. عاشق هميشه اهڙي حال ۾ رهن ٿا جو عشق جي هر اڻائي ۾ اڻائي ادا ب هنن کي ميڳهه ملهار ڏسڻ ۾ ٿي اچي.هنن کي همه اوست وارو جامو ڍڪيل هوندو آهي.هو ان وقت سڀ ڪجهه پاڻ هوندا آهن خالق ب پاڻ هوندا آهن تہ مخلوق ب پاڻ قادر ب پاڻ هوندا آهن تہ قدرت ب پاڻ. الله ب پاڻ تہ آدم ب پاڻ ڏڪ ب پاڻ تہ سڪ ب پاڻ انڪري ڪنهن ب شي جو ۽ ڪنهن ب ڳالهه جو مڻ ڪوب اثر نڻو ٿئي ۽ هو پنهنجي حال ۾ مگن رهن ٿا. دم جي ڳالهه سيني صوفين ڪئي آهي ۽ سيئي دم جا قائل رهيا آهن.

"دم دي سُرت سنيال رکين ، دم اسرار الاهي دا"

"بيدل سائين"

" صورت ۾ جاءِ دم جي ، دم ريءَ نہ صورت ڪم جي"

"سچل سائين"

انساني وجود تڏهن آيو جڏهن دم کي سڏيو ويو ۽ جڏهن آ - دم ۾ ڏمُ پيو تڏهن ٿيو وجي آدم. پهريان رڳو هن جو خالي بت نهيل هو،ان بت ۾ دم جي جاءِ رکي وئي جڏهن ان بت ۾ دم پيو تہ صورت بڻجي پئي. ورنہ ڪنهن ب ڪم جو ڪونہ هو. دم شان وڌائيس مطلب تہ ڪم واري شي وجي دم ٿيو باقي پيو سڀ فالتو آهي.انڪري جاچي ڏسڻو ب دم کي پوندو تہ اُها ڪهڙي قوت آهي جيڪا ناڪاره ڪي ڪارائتو ٿي بڻائي ڇڏي.

دم جو ظاهري مثال اهو آهي تہ جيڪو انسان يا ڪو ٻيو ساهہ وارو لمهن يا سيڪنڊن جي حساب سان باهر جي هوا اندر جسم ۾ اماڻي تو ۽ اندرين هوا باهر ڪڍي تو يعني هڪ مخصوص انداز ۾ هوا جي باهر ڪڍڻ ۽ هوا جي اندر نيئڻ کي دم چئجي تو، پر اصل ۾ دم اُها شي آهي جنهنجي وجود سان هيءَ ساري ڪائنات زنده آهي. فقيرن ب اُن ئي دم جي اثبات ڪئي آهي ۽ ان جي ڳولا ۾ رهيا آهن

جهڙي طرح ظاهر جو واسطو باطن سان آهي، اهڙي طرح ظاهري دم کي دم ڏيڻ سان اصل دم جي خبر رکڻي آهي. انڪري صرفي فقيرن ظاهري دم کي دم ڏئي

پنهنجي مرضيءَ مطابق دم کي هيٺ مٿي، مٿي هيٺ کٻي کان سڄي پاسي ۽ سڄي کان کٻي پاسي هلائي. تنهن کان وٺي چوٽيءَ تائين سڄي جسم جو طواف ڪيو آهي ۽ جاچي ڏٺو تہ دم ڪهڙي شي آهي. فقير بيدل سائين پنهنجي هڪ ڪلام ۾ جنهنجو ٿلهہ نموني طور مٿي ڏئي چڪا آهيون دم جي ڏاڍي سهڻي وضاحت ڪئي آهي. هن ڪلام جي پڙهڻ يا ٻڌڻ سان، دم جي ماهيت جي سڄي خبر پئجي سگهي ٿي، انڪري سڄو ڪلام هيٺ ڏجي ٿو.

(ڪلام)

ٿلهہ ✤ دم دي سُرت سنڀال رکين،هے دم اسرار اِلاهي دا

❶

دم درياهہ سمنڊ هے اونهان ، بے مثل تے بے نمونا
موج انهين دی ظاهر باطونا ، قطرا بحر سمائي دا

❷

دم دے نال تون جو شئون جالين ، دام دوئي دادم وچ ڳالين
بے خود هوکي دم نون ڀالين ، رکين خيال خدائي دا

❸

غافل جي تون غفلت ڇو ڙين ، دام دوئي دا دم وچ ٽوڙين
دم دے نال درونی اورين ، ويکين نُور صفائي دا

❹

بيدل دم دي کر منظوري ، مار دروني دم منصوري
عشق دي مئي دي وه مخموري ، رنگ بہ رنگ رَلائي دا

انهي هواءِ واري دم کي جيڪڏهن ائين ئي ڇڏي ڏبو، جيئن ساهہ اندر ٻاهر کڄندو رهندو آهي تہ پوءِ اُهو دم خالي ليکيو ويندو، پر جيڪڏهن انهي هوا کي پنهنجي مرضيءَ مطابق جيئن مرشد ڏس ڏنو آهي، ان طريقہ سان لاهبو کڻبو تہ اهو دم سُرت وارو ليکبو ۽ اُهو ڀريل دم چئبو. اهڙيءَ طرح دم کي دم ڏيڻو بہ آهي ۽ دم کي دم ڪرڻو بہ آهي،دم کي ائين محض هوا سمجهي ڇڏي ڏيڻو نہ آهي.

"نقل کي وڃي نام نفي ڪيو، اصل ٿيو اثبات"

"مهدي سائين"

جڏهن انهي نقلي دم سان نام شامل ٿيندو تڏهن وڃي اصل دم جي خبر پوندي. پوءِ نقل فنا ٿي ويندو ۽ اصل اثبات ٿي پوندو. انهي ڪري نام سان دم کي هلائڻو آهي ۽ هڪ دم به غافل ٿيڻو نه آهي

ڪنيان ڏمَ جي حق سان، سي ماڻڪ ۽ هيرا
ويا جي آجايا سي، ڪوڏيون نه ڪسيرا
"سائين روشن جهانيہ"

غافل تڏهن رهبو جڏهن عشق نه هوندو. سواءِ عشق و محبت جي دم جي سُرت رکڻ محال آهي. عشق نه هجڻ جي حالت ۾ ڪيترائي وهم گمان، ڊپ ڊاءُ ۽ خوف حراس وکوڙي وجن ٿا. ڪٽي پنهنجي جسم جي جهرڻ جو خوف، ڪٽي عزت ۽ نيڪ نامي جو خوف ۽ ڪٽي ڪامياب نه ٿيڻ جو وهم گمان، مطلب ته چپي چپي تي ڪيترائي اجايا خيالات پيا لهندا ۽ چڙهندا.

عشق هجڻ جي حالت ۾ جڏهن عشق اڳواڻي ڪندو ۽ رهبر ٿيندو تڏهن سڀ خوف خطرا لهي ويندا. عشق جي اچڻ سان جيڪي اڳ جسمي ۽ نفسي ڊپ ڊاءُ ۽ وهم گمان هٽا آهي سڀ ختم ٿي ويندا. هاڻي وڃي رهندو عشق جو اختيار.

(ڪلام)

ٽلهه ♣ انهيءَ منهنجي ڳالهه سچيءَ تي ، اوهان ڪيو ويساهُ

❶

اندر باهر باطن ظاهر ، آهي پاڻ اللهُ

❷

جيڏهن ڪيڏهن آهي اُهوئي ، قول ڪلام اللهُ

❸

اللهُ طالب فقير جو آهي ، سِرّ مان پيرِ سَماهُ

❹

مولا جا طالب مُور نہ مُڙندا ، تن ڪي ڪيرُ ڪري گمراهُ

❺

مظهر ۾ آهي مهدي ماهرُ ، حيدر ڪرارُ همراهُ

تشريح:- حق جا داعي هميشه حق جو هوڪو ڏيندا رهيا آهن. تن مان ڪن جا سچ ڳالهائڻ جي عيوض ڪنڌ ڪپيا ويا تہ ڪن ڪي سُوري تي لٽڪايو ويو تہ ڪن جي وري ڪل لاٿي وئي تہ ڪي وري گهاٽي ۾ بہ پيڙجي ويا. واہ واہ! حق جو بدلو بہ اهڙو ئي آهي جهڙو پاڻ حق آهي. تڏهن بہ ڪو حق ڪي ميساري ۽ ختم ڪري ڪونہ سگهيو آهي اهو اڳ بہ موجود هو ۽ هاڻي بہ دائم قائم آهي. انهن شهيدن جيڪي حق جي راهہ ۾ هلن ٿا. دنيا وارن کي ڪولي ڪولي فقر سمجهايو آهي ۽ ٻڌايو اهي تہ جيڪي ڪجهہ توهانکي ٻڌايو ٿو وڃي. اهو بلڪل سچ آهي. توهان ان تي ٻنان ڪنهن شڪ شبہ جي اعتبار آڻيو. اعتبار تہ نهيو پر اڄ ڪلهہ حق جي هوڪي ٻڌڻ لاءِ ڪو تيار ڪونهي! هر ڪنهن کي پنهنجي نفس جي لڳل آهي ڪروڙن مان ڪو هوندو جيڪو عشق جي اثباتي ڪندو هوندو

سرڪار مالڪن بہ ساڳيو ئي حق جو هوڪو ڏنو آهي ۽ تلقين فرمائي اٿن تہ انهي تي ويساهہ رکو جيڪي ڪجهہ اسان توهان کي ٻڌايو آهي ۽ ٻڌايون ٿا. تہ اندر باهر باطن ظاهر. هيڏي هوڏي. هيٺ مٿي. جاڏي ڪاڏي. مطلب تہ هر هنڌ هر جاءِ ڪل شي مُحيط ۽ ڪل شي قدير سندس ئي ذات آهي. اهو سندس ئي قول ٿيل آهي قرآن ۾ تہ " اُها جاءِ نہ آهي جتي پاڻ نہ آهي هر جا حاضر ناظر آهي

مرشد مالڪ فرمائين ٿا تہ اُها ذات جيڪا سڀ جي مٿان غالب آهي جتي ڪٿي موجود بہ آهي. اول بہ آهي آخر بہ آهي. سدائين دائم قائم ۽ بقا دار آهي. سا الله جي ذات آهي. الله جنهن جو نالو آهي. اُهو بيپرواهہ ۽ بي نياز آهي هو ڪُلي طاقت رکندڙ آهي پر"يار بنان ويران بہ مين هُون" طالب وري فقير جو آهي.فقير کانسواءِ الله ويچارو آهي.مالڪ سرڪار فرمائن ٿا تہ اِها خبر پنهنجو پاڻ مان پئي سين. ڇو تہ جيستائين "فاذڪروني اذڪرڪم" واري قول کي جاچي نہ ڏسبو، تيستائين الله جي طلبيت جي خبر بہ ڪونہ پئجي سگهندي مٿئين قول جو مطلب آهي تہ گهُڙ آهي گهر وٽان جيترو ڪو ڪنهن کي گهرندو اوترو ئي ٻيو بہ انکي چاهيندو. سو جيترو الله کي فقير چاهي ٿو ۽ ياد ڪري ٿو ٻيو اهڙو ڪير بہ ڪونهي،الله سان محبت ڪرڻ وارو پير، پيغمبر ۽ اولياءَ سڀ هيٺ آهن. اُنهي ڪري تہ الله بہ ٻين سڀني کي ڇڏي اچي فقير جو طالب ٿيو آهي.

فقير وري الله جو طالب آهي يعني ٻئي هڪ ٻئي جا طالب آهن.الله فقير جو مطلوب آهي تہ فقير وري الله جو مطلوب آهي "الاِنسان سِري وَانا سره" هِن قول جو مطلب بہ هت اچي ٿو پورو ٿئي. جن جو پنهنجي مولىٰ ۾ پورو پورو ويساهہ هوندو، انهن کي ڪير بہ رستو ڀلائي نٿو سگهي. جيڪي حق جا طالب آهن اهي حق پرستيءَ کان ڪڏهن بہ ڪونہ مڙندا، چاهي کڻي هنن جي مٿان ريل وهي وڃي. هو انهن دڙڪن کان نہ تہ ڪو هيسبا ۽ نہ وري ڪو گُمراهہ ئي ٿيندا.

حيدر جي همراهي آهي تہ پوءِ ڪهڙو ڊپُ جن سان حيدر حامي آهي انهن وٽ گمراهي وري ڪيئن ايندي؟ هو تہ مشڪل ڪشا آهي. هر مشڪل کي ختم ڪرڻ وارو ۽ هر گمراهيءَ کي گم ڪرڻ وارو.حيدر جي همراهي آهي تہ پوءِ بي پرواهي آهي پوءِ سڀ ڪجهہ عيان آهي ۽ لٿي اُڀري جي خبر پوي ٿي.

(ڪلام)

ٽلهه ♣ پَڻ پرتِ جا پياريوَ ، نشا نيهن جا چڙهيا
ثابتُ سُجود سِر ڪي ، نہ ڪنهن آرَ ٻئي اڙيا

❶

شوق جا شيشا شرابي ، برهه پياريا بي حجابي
نانگا پي ٽيا نايابي ، لاحد ڏي لڙيا

❷

ڪيفي ڪيف ڪَلالُ تي ، جذبه جوش جلال تي
وحدتي وصال تي ، اُهي مانجهي ڪونہ مُڙيا

❸

ڪيفي ڪُوزا قهر جا ، ظاهر پياريوَ زهر جا
لاحد واريءَ لَهرِ جا ، قابو قرب ۾ ڪَڙيا

❹

ڏِني ساقيءَ سُرڪَ سوائي ، عَطا عِشق ٽيو اِلاهي
مولا مهڏي سان ملايئي ، مئي موج ۾ مڙهيا

حل لغات:-

(1) پَڻ - جامُ شراب جوگلاس(2) آرَ - راضُ، قربُ، محبت،سانگو(3) نايابي= اڻ لڀُ، قيمتي امُلهه(4) ڪُوزو - پيالو، جام(5) مڙهيا = هن شين کي پاڻ ۾ ملائي قابو ڪري ڇڏڻ کي مڙهڻ، تاڪڻ، ڳنڍڻ، ڳوپڻ ء ٽپڻ چئجي ٿو.

تشريح:- قدرتِ ڪارساز جيڪا به شي پيدا ڪئي آهي، اُن ۾ ڪاڻ ڪا حڪمت ضرور رکي آهي حڪمت کان ڪابه شي خالي نہ آهي. ڪابه شي رڳو خراب نہ

هوندي آهي پر ان ۾ ضرور ڪنهن ٻئي پاسي کان سنائي ٻه رڪيل هوندي آهي. اسان وٽ ٽوهُ ۽ اڪُ ٻئي اهڙيون شيون آهن جن جي ميوي کي اسان ته ڏهيو پر چوپايو ٻه نٿو کائي. ايڏو ته کوڙو ۽ اگرو آهي. پر طبي لحاظ کان وري وڏ ۾ وڏ کارائتا آهن ۽ ڪيتريون ئي دوائون انهن مان تيار ٿين ٿيون. درحقيقت جاچي ڏٺو وڃي ته پنهنجي جڳ تي ڪابه چيز خراب خلقيل نه آهي پر انهن جو استعمال غلط ڪيو ٿو وڃي. ۽ اهو غلط استعمال ئي آهي جيڪو اصل شي جي بدنامي، جو باعث بنجي ٿو. دراصل بذات اها شي بد نه آهي ليڪن ان کي غلط استعمال ڪرڻ ڪري هُن جو نالو بد ڪيو ٿو وڃي.

سرڪار مالڪن هتي ساقي، جام، ۽ شراب ۽ ان جي نشه جو ذڪر فرمايو آهي. ساقيءَ کان جيڪو جام شراب مليو ان ۾ نينهن جا نشا اهڙا ته هٿا جو قرب محبت ۽ حق هيڪڙائي کانسواءِ ٻي ڪابه ٻيائيءَ جي ٻولي نه هئي. هِن سموري ڪلامَ ۾ محبت جي نشه جو ماڻ ملي ٿو. سواءِ محبت جي ڪنهن کي سجدو ڪيئن ڪبو؟ اها محبت به شراب ۾ ملي ٿي. شراب جي نشه ۾ به انهيءَ پاسي ڏي محبت وڏي ٿي جيڏانهن حق آهي. ٻئي سڀ پاسي کان موٽ ٿئي ٿي. نشه جي اها وڏ ۾ وڏ ٻلي خوبي آهي ته جيڏانهن جنهن جو خيالي لاڙو هوندو، انکي اوڏانهن ويتر وڌائيندو ۽ ٻيو ته ڪجوئي به خيال ۾ پيدا ڪري ٿو. فقيرن به انهن خوبن جي ڪري نشه واپرايا آهن. نشا ڪرڻ سان خيال کي خوراڪ ملي ٿي پر جسم ڇهري ٿو. فقيرن ته جسم کي پوئتي اڇلي ڇڏيو آهي ۽ خيال کي اثبات ڪيو اٽن. "اسر ٿا اورين" ته جسم پاڻ ئي پنهنجو جهرن شروع ڪري ٿوڏي

" مين ته ڪوئي خيال هان، لڀ سئين نال خيال دے"

"سچل"

ته پوءِ فقيرن وارو نشه جو استعمال وڃي صحيح ٿيو. پين ته نشه کي غلط استعمال ڪرڻ ڪري. نشه جو نالو بد ڪري ڇڏيو آهي. باقي ته نشه يا خود نشي دار شي کي بُرو چئي نٿو سگهجي.

ڪلالي ڪَيف ۽ نشه ۾ هڙ حجاب هليا ٿا وڃن. هوئن پيو پاڻ کي لڪائيو پنهنجا عيب ڍڪيو پيا ڍڪباءِ پر نشه جي حالت ۾ ڪابه اٽڪل سٽڪل ڪرڻ ڪري سگهبي. جهڙو هجيو اهڙوئي اچي يار جي پڙ پئبو وصال يار لاءِ اهڙو ته جذبو ۽ جوش جاڳي ٿو جو مُڙڻ جو ته ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي

أهو نشه وارو جوش ۽ جذبه جد لاحد کان به اڳتي لنگهيو وڃي! أهي جام جن ۾ شراب اوتيل آهي، ظاهرن ته پيٽ ۾ اهڙا کوڙا آهن جهڙو زهر پر پيئڻ کانپوء هنن ۾ اهڙو ته منو تاثير سمايل آهي جو قرب ۾ قيد کيو ٿا چڏن. رهندو جو ساقيء کان سوائي ملي، تنهن ته سڏو وڃي مهدي مولا سان ملايو. اصل دير ئي کوڻ ٿي، مي جي موج ۾ مولا سان مڙهجي هڪ ٿي وياسين.

(ڪلام)

ٽلهه ❀ صورت سِر ڪي سَو سَو سجدو ، ڪهڙو اسانجو ڪعبه ڪرُ

❶

صورت صافُ سُجائر سُهڻي ، ميمُ مِلي آهي مُورت مُهڻي
درسن آهي دائمُ ڏَرُ

❷

ئن طوافُ ڪَرن ٿا طالبَ ، وحدت وِردُ وُجودي واجبَ
اوري اندر مِ اَلفُ اسرُ

❸

ڪعبه قُدسي آهي اندر مِ، صحيح سُجاتمُ ثابتُ سِر مِ
عِشق اِلاهي آهي عزمُ

❹

عِشق امامُ مهدي ٿي آيو ، هُو جو هوڪو هُلُ هُلايو
غازن ڪي وري ڪهڙو غمُ

حل لغات:-

(1) ميمُ پوري حديث آهي "انا احمد بلا ميم" (2) مُهڻي = من ڪي موهيندڙ (3) طواف = صدقو ڪرڻ، چوڌاري ڦرڻ (4) واجب = ضروري (5) عزمُ = اٽل ارادو، پڪو پڪو، مضبوط ارادو، قول.

تشريح:- الله پاڪ جون جيڪي به صفتون آهن پوءِ نوانوي آهن يا پورو سو، انهن سڀني کي گڏ ڪري جيڪڏهن ترتيب ڏجي ته هڪ صورت نهي پوندي، جيڪا آهي انساني صورت هاڻي اُن انساني صورت کي هن مٿيءَ جي مورتيءَ مِ ماڻايو ويو آهي. جيڏو انسان جو شان آهي، مٿيءَ جي مورت کي به سندس شان وڌائن بنايو ويو آهي. فقيرن صورت کي سجاڻڻ خاطر. الله پاڪ جون سڀ صفتون پنهنجي مورت مِ اثباتُ ڪري ڏيکيون. ته صورت سچايي پئي جڏهن اُن مورت مِ وڃي صورت سمائي ۽ اثباتُ ٿي تڏهن اها مورت به سجده گاهُ بنجي پيئي. هاڻي

هن جو ڪعبہ وڃڻ بہ ڇڏيو. صورت کي سجدو ڪرڻو آهي تہ پهريان تڻ جو طواف ڪرڻو پوندو. وُجود ۾ وحدت جو ورڌ وهاري. اندر ۾ الله کي اوڙڻو پوندو. اهو سڀ ڪجهہ الاهي عشق جي ارادي سان ڪرڻو آهي.

صورت جي ٺهڻ ۾ جيڪي صفتون شامل آهن اُهي سڀ الله واريون صفتون آهن، انهن صفتن جو ڪنهن هڪ مورت ۾ گڏ ٽيڻ سان، جيڪا صورت ٺهي ٿي اُها آهي الله جي صورت. جو تہ جن صفتن مان هي، صورت ٺهي آهي، اهي سڀ الله ۾ آهن ۽ سواءِ الله جي بئي ڪنهن ۾ بہ نٽيون ٿي سگهن، جو هُو لاشريڪ آهي ۽ هُن جو ڪو بہ مٽ ثاني ڪونہ آهي. هاڻي جڏهن صورت جو گهڙ وجي مورت ٽيو. ٻين لفظن ۾ يعني الله جو گهر وجي هي مٽي، جو بوتو بنيو تہ پوء بئي ڪعبت الله ڏانهن وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت پوندي؟

"احدي دے وچ عبدي آئي، تنهن مورت وچ صورت سمائي
غلام نوبت شاهي وڃائي ، پا خرڪا برهہ بَسَرُ ڪا"

"سائين غلام شاهہ"

مڪي ۾ تہ رڳو الله جي گهر کي ئي سجدو ڪجي پر جن صورت سُجاتي آهي تن تہ الله کي پنهنجي گهر ۾ وهاري خود کي سجدو ڪيو آهي. خالي ڪعبة الله کي سجدي ڪرڻ کان تہ اِهو وڌيڪ ٽيو جو گهر جو مالڪ بہ گهر ۾ موجود هجي ۽ پوء سجدو ڪجي. سوجن گهر جي مالڪ کي گهر ۾ وهاري ۽ پوء سجدو ڏنو آهي، اهي خالي گهر کي ڪيئن سجدا ڪندا؟! هنن لاءِ پوء اُهو ئي ڪعبہ آهي جتي هنن پنهنجي محبوب کي ڏٺو آهي ۽ اُهو آهي آدم جنهن ۾ الله جي صورت اچي سمائي آهي.

"خلق الآدم عَلىٰ صورتہٖ"

صورت کي سجدو، صورت کي سجاڻ ۽ تن جو طواف ڪرڻ اِهو سڀ ڪجهہ تڏهن ٿي سگهندو، جڏهن عشق امام مهدي ٿي ايندو سواءِ عشق جي صورت سچاپي کونہ سگهندي. فقير جو مُلڪ، سارو عشق پاڪ وارو ملڪ آهي.

" نا منجهہ ڪُفر نا منجهہ دين، عشق لڳئي تہ ڪر آمين"

"سچل سائين "

فقيرن اصل کان ئي عشق قبوليو آهي. انڪري هنن جو نہ ڪفر سان ئي ڪم آهي نہ وري ڪو دين سان ئي واسطو اٽن دين جو ڏڳ پنهنجو آهي تہ عاشقن جو رستو پنهنجو آهي.

صورت وارو پنڌ سواءِ عشق جي طي ٿي ڪونہ سگهندو.بنان عشق جي جيڪي بہ ڪجهہ ڪجي ٿو،پوءِ دم جي پاسي کان هجي يا قدم جي پاسي کان ڪجي،آهو سڀ جو سڀ زهد ۾ شامل آهي.عشق ۾ زهد ٿي نہ سگهندو عشق ۾ صرف عشق هوندو آهي،عشق سان ٻي ڪابہ ڳالهہ شامل ٿي نٿي سگهي.صورت جي پنڌ ۾ بنان عشق جي اگهامي ڪونہ سگهبو.جو تہ هن پنڌ ۾ عقل درڪار نہ آهي عشق درڪار آهي سو جتي عقل هوندو اُتي عشق نہ رهندو ۽ جتي عشق هوندو اتي عقل پهچي نہ سگهندو.

"عشق سارا تقدير ، متان کا تدبير هلاوي"

"فقير خوش خير محمد سائين"

(ڪلام)

ٿلهه ✤ ڇو ٿو پاڻ لڪائين ڇڏ عاشقن سان اٽڪل، اٿئي طالبن جي توڪل

❶

اندر ويٺو تون آهين ، ڪيئن چوان تہ ناهين
هر دم حڪم هلائين ، واهہ واهہ وڻيا تنهنجا وَلڇَل

❷

عاشقن اندر ۾ ، ثابت ڪَيڙهُ سِرَ ۾
ظاهر زير نہ زبرَ ۾ ، ٿئين راض ساڻ رَلمِل

❸

ڪُلَ تي آهين قادرُ ، ظالمن تي ضابرُ
صابرن تي صابرُ،(جهٽ پٽ) ڏَڪين ٿو جُهل جُهل

❹

اَچي ڪَيئي اظهاري ، بيرنگُ بيکُ بهاري
مهّدي جي منهداري ، ڀڳا ڀو مِڙئي ڀُلَ ڀُلَ

حل لغات:-

(1) ولڇل= وَرَوڪڙ، نوان نوان انداز، طورطريقہ (2)رلمل = هڪ ٿي وڃڻ، گڏجي وڃڻ، جيئن کير ۾ کنڊ رلمل ٿي هڪ ٿي ويندي آهي (3) جُهل جُهل = پناه جو پانڌُ ڏيڻ،ڪنهن شي کي ڪپڙي سان ڍڪڻ

تشريح:- ڪنهن ڳالهہ کي يا ڪنهن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪو پنڌ پيچرو ۽ حيلو وسيلو نظر نہ ايندو آهي ۽ اُن مقصد کي حاصل بہ ضرور ڪرڻو هوندو آهي تہ پوءِ توڪل ڪرڻي پئجي ويندي آهي.توڪل ۾ ڪس ڪسر کي ڪونہ ڏٺو ويندو آهي. زندگيءَ جو مقصد ئي اُن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ

سمجهيو ويندو آهي. توڪل هڪ اڻ گس ۽ اڻ مٺ طريقو آهي، ڪنهن پيار کي حاصل ڪرڻ جو. تڏهن ته چيو اٿن ته " توڪل جا ٻيڙا پار ٿيندا آهن" جنهن توڪل ڪئي آهو تري ويو. جنهن دل هنئي آهو مار کائي ويو، توڪل رکڻ لاءِ خيال جي بهادري کپي ٿي. بزدل جو هتي ڪم نه آهي، آهو توڪل رکي نه سگهندو. جنهن ماضيءَ کي ڏٺو ۽ مستقبل کي سوچيو اهو به توڪل ڪري ڪونه سگهندو جنهن حال سجاتو حال کي ڏٺو ۽ حال ۾ رهيو، آهو ئي توڪل جو صاحب ٿيندو. عاشقن کانسواءِ عام جي مجال ناهي توڪل جو ترهو ٻڌڻ. توڪل معني سڙ سهائڻ، سڙ ته عاشق ئي ڏئي سگهي ٿو. جن جا سڙ ئي سهانگا آهن. سندن مقصد کان، انهن سان اٽڪل ڪرڻ اجائي آهي. انڪري اي محبوب! توکي گهرجي ته تون پاڻ کي لکائڻ ڇڏي ڏي هي عاشق آهن توڪل وارا. مڙڻ وارا اصل کونهن، سڙ وجائيندا پر سوپ ضرورہ پائيندا. انڪري عاشقن سان اها ٻهروپائي نه ڪر. هنو ته توکي ڏسي ورتو آهي ته تون اندر ويٺو آهين ۽ ويٺو ٿو دل جي تخت تي حڪمراني ڪرين. دم دم ۾ ۽ پل پل ۾ نٽ نوان حڪم ٿو ويٺو جاري ڪرين. اهي ئي ته تنهنجا ناز انداز آهن جيڪي وٺندڙ آهن.

توڪل کانسواءِ ٻيو ترهر کونهي. سواءِ سندس راض جي نڪو زور ئي هلندو نه وري کا زاري قبول پوندي. جڏهن راض ڪندو ته رسائي ٿي ويندي عاشقن وٽ نڪو زور آهي نڪو زاري هنن وٽ رڳو توڪل آهي. هنن سپ لاڳاپا لاهي، سڙ سهائي وڃي توڪل جو ترهو ٻڌو آهي. ته راضپو به انهن سان ٿيو آهي. تون قادر مطلق به آهين ته وري واحد القهاز به آهين. توکان وڌيڪ ٻيو کو قدرت وارو به کونهي ۽ توکان وڌيڪ ٻيو کو قهاري به کونهي. وري بخشڻ وارو ۽ معاف ڪري ڇڏڻ وارو صابرين ۽ صبر کندڙ به سپ کان وڏو تون آهين عيبن کي ڍڪڻ وارو به تون آهين. جي ڍڪڻ تي پوين ته ڪير به اگهاڙو ڪري نٿو سگهي ۽ جي اگهاڙو ڪرين ته ڪير به ڍڪي نٿو سگهي جيڪي به ڍپ ڏاڻ ۽ ٻو پولا آهن اهي سپ مولىٰ مهدي جي رهبريءَ سان ختر ٿي ويا آهن. مولىٰ جي اظهاريءَ سان سپ سک ٿي ويا. جيڪي به خوف خطرا هئا اهي لهي ويا. هاڻي هر دم برهه بهاري آهي.

(ڪلام)

ٽلهه ❖ راڻ آيو پنهنجي رَعيت ۾ ، ڪري راڄن ساڻ رهاڻيون

❶

ڳونسل ڪورٽ قرب ڪَمائي، هَر سان هِڪ هِڪاڻيون

❷

ساهُ صدقُ سِر گهورڙ گهورين ، مُحب اڳيان مهمانيون

❸

ظاهر باطن هادي مهدي ، موج مدامي ماڻيون

حل لغات:-

(1) راڻ - بادشاھ (2) رعيت - رعيا، ڪنهن ملڪ جو عوام

تشريح:- هن ڪلام جو متن اهو آهي تہ"راڄ ڏئي جڏهن آزاد ٿي پنهنجي رعيت ۾ ٿو اچي تہ ڏاڍي مزيداري مچي ٿي وڃي. هر هڪ خوش ڏسڻ ۾ ٿو اچي. جتي ڪٿي قرب ڪچهرا ۽ رهاڻيون رتل آهن. ماڻهون پنهنجي محبوبُ آقا اڳيان سِرن جو نذرانو آڻيو رکن ٿا ۽ ہلهار ہلهار پيا ٿا ٽين. مطلب تہ ڏاڍي موج مَتل ٿي ڏسجي. اِها موج هادي، مهدي سان گڏ آهي جتي بہ پاڻ آهن. اُتي موج آهي پاڻ ظاهر بہ آهن تہ باطن بہ آهن انڪري سندن موج ظاهر بہ متل آهي تہ باطن بہ متل آهي ۽ اسان اُها موج سدائين لاءِ ماڻي رهيا آهيون". فقير جڏهن پنهنجي منزل ماڻي، هن مظهر ڏانهن واپس ٽئي ٿو يعني مرڻ کان اڳي مرڻ وري جڏهن جئي ٿو تہ پوءِ هن سنسار ۾ ٿي کيس رهڻو پوي ٿو. فقير پاڻ سان رڳو قرب ڪٽي اچي ٿو، جيڪو هن مظهر وارن ۾ ويهي وندي ٿو. فقير سيني کي هيڪڙائي جو درس ڏئي ٿو، ڇو تہ فقير وٽ هميشه هر هڪ لاءِ حق هيڪڙائي وارو معاملو هوندو

آهي. انڪري فقير جي صحبت ۾ ماڻهن کي قُرب محبت ۽ حق هيڪڙائي جو سبق ملي ٿو،ماڻهون ۾ فقير وٽ قرب محبت، حق هيڪڙائي ۽ انصاف ڏسي هر معاملو فقير جي ڪورٽ ۾ پيش ڪن ٿا ۽ فقير وٽان هنن کي هر طرح سان مطمئن ڪيو وڃي ٿو انڪري سرڪار مالڪن مذڪوره ڪلام ۾ فرمايو آهي ته اِهي قرب جون ڪورٽون ۽ ڪونسلون ۾ هلائيندا ٿا اچون ۽ هر ڪنهن سان حق هيڪڙائي ۾ رکيو ٿا اچون. ماڻهن ۾ فقير جي لاءِ ايڏو چاهُ ۽ محبت آهي جو هو پنهنجا سِر ۾ داءُ تي رکيو وينا آهن ۽ پنهنجي سرن جو نذرانو آڏيو محبوب مالڪن جي حُضور ۾ پيش ڪن ٿا هُو سِر، ساهُ، مال سوڏو فقير جي مٽان قربان ڪيا ٿا ڏين. ماڻهن جا هشام لڳا پيا آهن. هڪڙا پيا ٿا وڃن ته ڪيا پيا ٿا اچن. ڪي ڪهڙي غرض لاءِ ته ڪي ڪهڙي مرض لاءِ ته ڪي ڪهڙي ڪر لاءِ، سوالن جو ته ڪو شُمار ئي ڪونهي!

فقير ظاهر باطن جو هادي مهدي آهي انڪري اِها موج فقير وٽ سدائين مَتل رهي ٿي ظاهر ۾ ۽ ته باطن ۾ ۽.

(ڪلام)

ٽلهه ۾ جيڪي آهي هِتِ، هُتِ ڇا هوندو
هتان ڪٿي اڳتي، الائي ڇا هَلندو

❶

هِت هُتِ الله ، ٻي ڪانهي ڪا واه
صبر جهڙي صلاح، اِنهي راه رَسندو

❷

جن ڏٺو هِتِ ، تن کي جِتِ ڪِتِ
وڃڻون ناهي وٽ، هِڪو هڪ هوندو

❸

هتڻون جو حالُ، ڪر نہ ڪنهنکي سوَالُ
انڪل ساڻ اللهُ، ڪڏهن ڪونہ ملندو

❹

مهّدي منهنجو امام، جنهن کي سجدو سلامُ
گڏيائون هي غلام ، وٽيو نال ويندو

تشريح:- ڪلام جي ٽلهه ۾ به سوال پڇيا ويا آهن، پر انهن سوالن جي پڇڻ جو طريقو، اهڙو اختيار ڪيو ويو آهي جو ٿوري سمجهه رکڻ وارو به، جيڪڏهن دماغ تي ڪجهه زور ڏئي سوال کي ڏهرائيندو، تہ اُهو سوال ئي ڪيس جواب ڏسيندو. سوال آهي تہ جيڪي آهي هِتِ هُتِ ڇا هوندو؟ جواب آهي، ڪجهه به نہ جيڪي هِتِ آهي اتي به اهوئي هوندو، يعني "پاڻ". ٻيو سوال آهي تہ، جِتان ڪٿي اڳتي الائي ڇا هلندو ؟ جواب آهي ڪجهه به نہ سواءِ سندس نام جي.
هيٺ مصرعائن ۾ به انهن سوالن جا جواب سمايل آهن. جيئن تہ الله ڪانسواءِ ٻي

ڪا واھ ٻي ڪانھي ھت بہ پاڻ آھي تہ اڳتي بہ پاڻ آھي مولیٰ تي رکي توکل ڪري، صبر اختيار ڪر. تہ پاڻھي منزل مقصود تي پھچي ويندين

ٻي مصرع ۾ مالڪ فرمائن ٿا تہ جن الله کي ھت جاچي ڏٺو ۽ ڳولي لڌو آھي انھن کي جتي ڪٿي ھرھنڌ اھوئي ٿو پسجي اھي ھيڪڙائي واري ملڪ ۾ آھن انھن وٽ ھڪ آھي بہ نہ آھن. پاڻ ھڪڙا ئي آھن ٻيو ڪير بہ ڪونھي. اُھي يار ۾ گُمُ آھن ۽ يار انھن ۾ گُمُ آھي. ٻئي ملي ھڪ ٿي ويا، وچ ۾ ڪابہ وٿي باقي نہ رھي.

ٽين مصرع ۾ فرمان ٿوٿئي تہ جيڪڏھن توکي اللهَ سان مِلڻو آھي ۽ الله کي ڏسڻو آھي تہ پوءِ اڪل بازي ڇڏي ڏي انھي بيک ڏيک، زھد عبادت ۽ روگ جوگ مان ڪجھ بہ حاصل ڪرڻ ٽيندو. الله جو مِلڻ تڏھن ٽيندو جڏھن سڀ ڇڏجي يعني تارڪُ ٿي سڀ ڪجھ ٽرڪِڻو پوندو.

ترکُ دُنيا ٽرکُ عُقبا ، ترکُ مولیٰ ٽرکُ ٽرکُ
مقصد ڇڏي مَخمُورُ ٽيڻ ، مردن سندو آھي مَرکُ

"محمد فقير ڪنڀار"

ٽرڪ کي بہ ٽرکُ ڏيڻو آھي، تہ ٽرکُ ڪرڻ واري کي بہ ترکُ ڪرڻو آھي. اِھو سڀ ڪجھ تڏھن ٿي سگھندو جڏھن سوالُ ترک ڪبو. جيستائين سوالُ ترکُ نہ ڪبو تيستائين تارکُ بڻجي نہ سگھبو ۽ الله بہ مِلي ڪونہ سگھندو.

پير مُغان جي راضپي ڪانسواءِ طالبُ ڪابہ منزل ماڻي نٿو سگھي. تارڪُن جو تارکُ مُرشد مولیٰ مھدي امام آھي، جنھن جو سھارو آھي ۽ جنھن پاڻ سان گڏُ ڪيو آھي، انھي ۾ پڪ آھي اھو ڪڏھن بہ ڪونہ ڇڏيندو. جنھن ساڻ ڪنيو آھي اھو پاڻ سان گڏُ ضرور وٺي ويندو.

(ڪلام)

ٿلهه ✤ نينهن پڙهائي نماز ، وقت واجبَ ويا ڪُل وسري

❶

پنجئي وقت پڙهياسين پُورا ، نابودي نياز
گوڏا گسَنِ تي پيا آهن گسري

❷

نظر نُور نظاري نيهي ، فرض نڪي فياضُ
عشق اِلاهي آيو اُسِري

❸

مامَ انهيءَ تي محڪم ماهرُ ، اَلستي آوازُ
نسنگ نانگا ٿيا آهيون نِسري

❹

موج مهّديءَ جي محڪم ماهرُ ، صورت واري ساز
يڪا ياڪي آهيون ياورَ يُسري

حل لغات:-

(1) واجب وقت = ضروري وقت، مقرر ڪيل وقت (2) نابودي = فنائي، بربادي (3) گسن = گس جو جمع آهي بمعنيٰ پنڌ پيچرو، نيشان، ليڪو (4) گسري=رَڳڙجي گسي (5) نيهي = نِپائڻ وارو، پڪو پيٺو(6) فياض = فيض ڏيندڙ (7) اُسري = تيار ٿي (8) نسنگ = نانگو، جنهن جو ڪنهن سان ڪو سڱ يا لڳ لاڳاپو نه هجي (9) نِسري = ظاهر ٿيڻ، نروار ٿيڻ (10) يڪا = اڪيلا هڪڙا (11) ياڪي = گهڻن کان جدا، الڳ ٿلڳ (12) ياوَرَ = دلجوئي ڪندڙ، رهبري ڪندڙ (13) يُسري = سڄي آيت آهي،"فسنيسره لليسريٰ" "الليل".(آيت7) تنهنکي آسانُ رستو توفيق ڪري ڏينداسين (القرآن)

تشريح:- **كانهي واندِ وُجود كي ، نيتان كيئن نماز سڀ وڃائي ساز ، تنهان پوءِ تكبيرچئه**

" شاهه سائين"

نينهن وارن جي نماز ئي نرالي آهي! هو نينهن واري، نماز كان واندائي كونه آهن جو وقت واجب ويهي پڙهن هُو وقت جا پابند نه آهن. وقت هنن جو پابند آهي!

هنن ساري زندگيءَ كي اڀائي گهڙن كان مٿي قرار كونه ڏنو آهي ڏينهن، سالن ۽ صدين كي هڪ ساعت ۾ سميٽي ڇڏيو اٿن. هنن وٽ وقت ئي ايترو هو، جنهن ۾ هنن نماز نيتي. هاڻي هنن وٽ ٻيو كو وقت ئي كونهي جو نماز پوري ٿئي. عاشقن جي نماز سدائين نيتل رهندي آها نيت پڄڻي كونه آهي. هو هميشه بانماز آهن. ان كري ظاهري جيكي پنج وقت نماز جا مقرر كيل آهن، اُهي به اُن نينهن واري نماز ۾ اچي وڃن ٿا. تڏهن ته سركار مالكن جو اهو فرمايو ٿو ڏسجي ته "پنجئي وقت پڙهياسين پورا" ورنه ظاهرن اسان ته نكي ڏٺو نكي ٻڌو. ته پاڻ سركار جن كڏهن كا نماز به پڙهي. پاڻ مالكن نينهن جي نماز ۾ جبل جو سَير به كيو آهي. چون ٿا ته پاڻ ڇهه سال كن جبل جي سير ۾ گذاريا اٿن ۽ اُهو سارو سير تن تنها كيل اٿن اتي ناٻودي ۽ نياز كانسواءِ ٻيو كجهه به كونه آهي. جبلن جا لَڪ ۽ لانگها، گس ۽ پيچرا آهن، جتي گوڏن پر به گسكٽو پوندو آهي ۽ گسي گسي گوڏا گسري پوندا آهن.

سڀئي فرض عشق اچي پورا كيا آهن ۽ فيض به عشق كان ئي عطا ٿيو آهي. نُور جو نظارو آهي ۽ الاهي عشق اُسري آيو آهي. ٻئي كنهن به فرض ۽ فياض جي ضرورت نه رهي آهي. هاڻي سڀ اختيار عشق جو آهي.

"عشق سارا تقدير، متان كا تدبير هلاوي"

" خوش خير محمد سائين"

فرض واجب سڀ پورا ٿي ويا آهن. نه وري كو فيض ڏيندڙ ئي آهي. هي سارو كيل عشق جو مچايل آهي،عشق ئي آهي جنهن سڀ سانگ اچي پورا كيا آهن.

"عشق كيا پورا عدد، قالوبلىٰ جي قول جا"

پاڪ مولىٰ جن فرمائن ٿا تہ پاڻ انهي الستي عشق واري ڳالهہ تي دائم قائم آهن. الستي آواز جي اسرار جا ماهر آهن. سڀ لڳ لاڳاپا ڇني عشق جي ميدان ۾ نسري نروار ٿيا آهن. پاڻڪي سُجاتوسين ۽ پاڻڪي جاتوسين. پنهنجي موج ۾ پاڻ رهياسين.

" پنهنجي خيال خاصي ۾، سڄاڻ پنهنجي صورت
ٻڌي ٻولي ڏسي تو ڪير، ٻيا فڪر سپئي ڦلاياسين"

" سچل سائين"

سڏو پنڌ صورت جو ورتوسين. هڪ ڏٺوسين هڪ پسيوسين ۽ هڪ رهياسين ياڪي ٿي ياوري ڪئي سين. طالبن جي رهبري ڪئي سين. انهن کي سولي سڌي پنڌ صورت جي واٽ آسان ۽ سَهنجي ڪري ڏني سين.

(ڪلام)

ٽلهه ❖ هر دَمُ بَندا رَهُ هوشيار ، نامُ ڏاڻيءَ جو ڪيمَ وسار

❶

صورت سُهڻل جي رکُ تون سيني ، قائم قربُ قرار

❷

دَمُ دَمُ دَرشن ڪر ويٺو دم جو،اندرُ پنهنجو يارَ اُجار

❸

وَڻجُ وِهائج يارَ نہ هيو ڪو ، وحدت وارو ڪر واپار

❹

آخر اميدون عشق پڄايون ، مهدي مُرسل هٿ مهار

حل لغات :-

(1) وڻج= ڏيتي ليتي، وڪر (2) وهائڻ = ڪرڻ، وڻڻ (3) مرسل = رسول، رسائيندڙ

تشريح:- بندي کي هوشيار رهڻ لاءِ چيو ويو آهي، ته ڪڏهن به غافل نہ ٿج ۽ هميشہ ڏاڻيءَ جو نام دل تي ياد رک،بندو چئبو ئي ان کي آهي جيڪو بندگي ڪري. انڪري بندي کي ته بندگيءَ ۾ رهڻوئي آهي. جيڪڏهن وحدت کان وسارو ٿو ڪري ته پوءِ اهو بندو ڪيئن چئبو؟ سو جيسيتائين بندو آهي تيسيتائين نام ۾ ناهي وسارڻو. يار جي صورت کي سيني ۾ سانڍيڻو آهي. ۽ جڏهن يار جي صورت سيني ۾ سمائجي ويندي تڏهن قرب قرار ۾ قائم ٿيندا. اندر اجرو ٿي ويندو، چؤ طرف چاندڻا هوندي ٻيو ڪو به ڪم ڪار نہ هوندو رڳو يار جو ديدار هوندو. يار جي ديدار کان واندڪائي ڪا نہ هوندي جو ڪجي ٻئي ڪم ڪار جي. جنهن جڳهه تي پاڪ نام هوندو، اها جاءِ ڪيئن نہ اوجر هوندي؟ نام اهڙي وَڻ آهي، جو هر برائي کي پاڪ ڪيو ڇڏي طالب کي هميشہ امر اثبات ڪرڻو هوندو آهي. امر جو طالب ٿيڻو آهي. جيڪا يار جي رضا آهي، اها ئي طالب جو مقصد آهي. يار جي رضا ۾ طالب جو مطلب سمايل آهي . يار راضي هجي ته باقي ڇا

ڪپي! طالب جو مقصد ئي ان راضپي سان ٻڌل آهي. يار راضي نہ ٿيندو تہ پوءِ ديدار ڪٿان ٿيندو؟ انڪري طالب کي پنهنجي طرفان هڪ ڪڪ ڪٿي بہ ٻيٽو ڪرڻو نہ آهي. چو تہ طالب کي اها ڪهڙي خبر تہ سندن يار ڪهڙي ڳالهہ ۾ راضي رهندو، تہ هي اها ڳالهہ ڪري؟!

" ڪيئن ريجهايان تو کي ڪيئن پرچايان، ڏس کو ڏانءُ "

" فقير سليمان سائين"

جيڪو ڪم طالب جي خيال ۾ يار کي راضي رکڻ لاءِ آهي، اهو ڪم ئي سگهي ٿو تہ يار جي نظر ۾ خراب هجي، راضي ٿيڻ جي بجاءِ الٽو ناراض ئي وڃي تہ پوءِ هي ڇا ڪري سگهندو؟ انڪري طالب کي سدائين امر جي انتظار ۾ رهڻو آهي. خبر ناهي تہ ڪهڙيءَ مهل ڪهڙو ٿو حڪم ٿئي! طالب کي بس انهيءَ حڪم جي پيروي ڪرڻي آهي، ٻيو ڪجهہ بہ ناهي ڪرڻو. طالب کي مڃان کان وحدت جي وات جو امر ٿئي ٿو، جنهن سان طالب کي هلڻو آهي. ٻيو ڪو بہ وڻج واپار ناهي ڪرڻو. وڪر سوئي وهائڻو آهي جيڪو مڃان کان مليو آهي. وحدت جو واپار آهي، جنهن ۾ سر جو سودو ڪرڻو پوندو آهي. اتي ٻيو ڪو بہ وڪر ڪو نہ وڪامي، سر ڏيو سر ملندو. عشق پاڪ آهي، جنهن جي اڇ سان وحدت جو واپار سولو ءِ آسان ٿي پيو آهي، ورنہ سر جو سودو ڪرڻ کو سٺرو ڪم نہ آهي. سواءِ عشق جي سر جو سودو ٿي نہ سگهندو. سواءِ عشق جي سر وڃائيو تہ آپ گهات ليکيو ويندو ءِ ان جي بدلي ۾ سواءِ بزدليءَ ءِ پاڙيائپ جي ٻيو ڪجهہ بہ ڪو نہ ملندو. عشق ۾ جيڪو سر جو واپار ڪجي ٿو تہ ان جي بدلي ۾ بہ سر ملي ٿو. عشق جي اڇ سان سپ ڏڪ ڏولاوا لهي ٿا وڃن ءِ من جون مرادون بہ سيئي پوريون ٿي ٿيون وڃن. مهدي مولا جي هٿ ۾ جنهن جي مهار آهي تہ عشق بہ ان سان حامي آهي ءِ جنهن سان عشق سائي آهي ان جي اونڌي بہ سنئين آهي. پوءِ ان کي ڪنهن جو بہ خطرو ڪو نہ آهي. سپ خوف خطرا لهي ٿا وڃن، چو تہ

" العشق نار ويحرق ماسوىٰ الله"

ڪا بہ شي عشق جو تاب سهي نٿي سگهي. انڪري هو سپ جي مٿان حاوي آهي.

" عشق جنهن سر آئي،رنگ تنهن سر لائي
نالو ذات چا آهي ، سيد هجي توڙي پير"

"مولا مهدي"

عشق جي اچڻ سان منڊل مچي ٿا وڃن، چؤ طرف چانڊاڻ ٿي وڃي،گلين گلزار لڳي ٿي وڃي. ڪو به ڏک ڪو به اهنج باقي نٿو رهي، سڀ سک سهنج ٿي ٿا وڃن. اکن جا اولا لهي ٿا پون، نئون نور ملي ٿو وڃي. جيڪو به مونجهارو هو اهو ختم ٿي ٿو وڃي. ڳالهه پٽ پڌر ٿي پوي ٿي ۽ دوئي جا ڪوٽ ڪري ٿا پون، عشق اڪيلو رهجي ٿو وڃي!

(ڪلام)

ٿلهه ✤ دَمُ ريڌا وَتئون ، دَمَ دَمَ سان
ڪار ناهيون ٻئي، ڪم ڪم سان

❶

نانگا نيارا ، آهيون نوري
جوڙُ ناهيون ، جم جم سان

❷

عشق امر جا ، آهيون عاشق
صورت واري ، ٿم ٿم سان

❸

معر فت آهي ، ماڳ اسان جو
حقيقي هَم هَم سان

❹

مهّدي واري ، مام تي محڪم
گڏيل ناهيون ، غم غم سان

حل لغات:-

(1) جم جم = جنم، جڳ، جهان (2) ٿم ٿم = فثم وجه الله ڏانهن اشارو ٿيل آهي (3) معرفت = هُو (4) هم هم = همه اوست ڏانهن اشارو ٿيل آهي، سڄي جملي جي بجاءِ، ڪلام جي بحر وزن جي ڪري، اڌ جملو مصرع ۾ ڪم آندو ويو آهي. اصل ۾ " همه " لفظ آهي، جنهن کي به اڃان ڇوٽو ڪيو ويو آهي. هڪ (هه) ڪڍي رڳو " هم " کي بچايو ويو آهي.

تشريح :- جيڪي يار جي تار سان ڳوپيل آهن ۽ جن کي يار جي تار آهي انهن تي حرف حساب جو ناهي، هو ڪلني ڪمن کان آجا آهن، دم دم سان ديدار ۾ آهن. پاڻ مالڪ فرمائن ٿا تہ دم جو دم سان ريڍل آهيون، هي ڪا بہ ڪار ڪسرت ڪا نہ اٽئون. سپني کان نيارا آهيون. ڪنهن سان بہ جوڙ جڙيل ڪونہ آهي. نور آهيون، ڪو بہ مٽ شاني ڪو نہ اٽئون. امر جا عاشق آهيون. جيڪي بہ عشق کان امر ٿيندو، ائين ئي ڪرٽو پوندو.

" جيڪو عشق تي عاشق ٿيو ، اوشاق ٻڌجي ويو
پير مغان جي پاس سان ، پر پاڪ ٻڌجي ويو"

(فقيرمظهرلاکو)

عشق تي عاشق ٿيڻ اهو آهي تہ عشق جي امر جي اثباتي ڪجي. عشق اهو آهي تہ هر جاءِ هر هنڌ يار جو جلوو آهي. اها جاءِ نہ آهي جتي پاڻ نہ آهي. رڳو ڪعبہ ۾ ڇو؟! اولهہ، اوپر، ڏکڻ، اتر هيٺ مٿي ۽ جاڏي ڪاڏي سڀ سندس ئي ٽڪاٽا آهن. اهي سڀ طرف ۽ هنڌ سندس وجود کان خالي نہ آهن. پاڻ هر هنڌ موجود آهي.

" هر جاءِ عين حضور ، سهڻي يار پنهل دا "

(غلام فريد سائين)

مالڪ فرمائن ٿا تہ پاڻ انهي عشق جي امر جا عاشق آهن جيڪو فرقان ۾ فرمايل آهي تہ " **فاينما تولوافثم وجه الله** " " جاڏي بہ توهان مهاڙ ڪندا، اوڏانهن توهانکي رب جي سامهانئي آهي " "معرفت " جي معنيٰ آهي" هو " ۽ "حقيقت" جي معنيٰ آهي،"پاڻ". سرڪار مولىٰ جن فرمائن ٿا تہ، "حقيقت" اسان "پاڻ " آهيون پر ماڳ اسانجو معرفت آهي. پنهنجي ڳالهہ تي پاڻ محڪم لڳا ٿا وتون، مهدي مولا واري رمز تي راضي آهيون، ان تي دائم قائم بينا آهيون، ڪو بہ غم گوندر ڪو نہ اٽئون چنبڙيل.

(ڪلام)

ٿلهه ✤ ديد دروني پايون ، ٻيو نہ ڀانيون ، جيڪي لکيل قرآن ۾
لکيل قرآن ۾ جملي جهان ۾

❶

فاذڪروني اذڪرڪم کي ، سيني منجهه سمايون

❷

وفي انفسڪم واري فرمودي ، گيت اناالحق ڳايون

❸

تار توحيدي هر جاءِ حق حق ، گهٽيءَ ڳليءَ ۾ ڳايون

❹

مام مهديءَ جي محڪم ماهر ، ناتو نينهن نڀايون

حل لغات :-

(1)ديد = نظر، بينائي(2) دروني= اندريون،اندروني (3) ڀانيون = ڄاڻون، سمجهون(4) فاذڪروني اذڪرڪم= گهرندين تہ گهرندوسان؛ "القرآن"

تشريح:- قرآني قانون تي جيئن فقير ٿو هلي ٻيو ڪو بہ ڪو نہ ٿو هلي ۽ فقير کانسواءِ ٻيو ڪير هلي بہ نٿو سگهي. قرآن جو مغز فقيرن ڪڍي ورتو آهي باقي ٻي مخلوق رڳو چوپا چوسيندي رهي ٿي! هو رڳو ڦوڳ کي پتوڙيندا رهن ٿا، رس تي ڪين رسي سگهيا آهن. قرآن فقير کان ٻاهر نہ آهي. فقير تہ ناطق آهي. سرڪار مولىٰ جن ڪلام جي ٿلهه جي ثابتيءَ ۾ قرآني آيات مصراعن ۾ رچايون آهن ۽ واضع ڪيو آهي تہ انهن قرآني قولن ۽ اصولن تي پختا ۽ محڪم بيٺا آهن. قرآني قول مطابق يار جي ياريءَ کي سيني ۾ سانڍيو، عاشق گهمندا ٿا وتن هنن کي هر ويلي ۽ هر دم يار جي تات طلب، جهڄڻ ۽ جهوري لڳل آهي. گهر

آهي گهڙ وتان. جي تون به گهرندين ته يار به توکي ضرور کڏهن نه کڏهن شفقت جا هٿ مٿي تي ڦيرينڈو، پر جي تو وٽ ويسارو آهي ته پوءِ تون به اڳين کان وسريل رهندين. چو ته اهو قانون ازلي آهي ۽ ذات باري تعالىٰ کان قرآن ۾ ارشاد فرمايل آهي. ان قول تي پورو به هڪ فقير آهي، باقي زماني وارو ماڻهو نٽو رهي سگهي.

"وفي انفسكم افلا تبصرون" آهيان منجهه پساهه چونه تا ڏسو؟! کي ملن ڦيرائي اِها معنىٰ ڪيي ته "آهيان منجهه پساهه کو نه ڏسندو" انڪري اُهي اڄ ڏينهن تائين ڏِسي کو نه سگهيا ۽ نه وري اڳتي ئي ڏسي سگهندا. باقي جن مٿئين قول جي صحيح معنىٰ ورتي، انهن اندر ۾ جهاتي پاتي ۽ يار کي پسي ورتو ۽ خبر پين ته سڀ ڪجهه هي پاڻ آهي، ٻيو سڀ اولو آهي. نڪو آدم نڪو الله سڀ ڪجهه هي پاڻ آهي. تڏهن پوءِ اناالحق جو نعرو هٽي سوريءَ سزا وار ٽهو.

مالڪ فرمائن ٿا ته فُرقان واري فرمودي مطابق، پساهه کي جو پرجهي ڏٺوسين ته "پاڻ" حق نظر آيو. باقي بشريت، بندو ۽ الله، اِهو سڀ سمجهه جو ڦير جاتوسين تڏهن اناالحق جو نعرو بلند ڪيوسين ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ ۽ ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳائي وڄائي ٻڌايوسين ته حق ڪير آهي. توحيدي تار هر جاءِ هر هنڌ وڄائيندا رهياسين. حق جو هوڪو ڏيندا ۽ ڏسيندا رهياسين ته حق ڪيرُ آهي ۽ حق کي سڃاڻو! پنهنجي راز کي پاڻ سڃاڻڻ کانپوءِ پنهنجي راز تي پاڻ کي ئي محڪم رهڻو آهي ۽ راز کي راز ۾ رکي ناتو نياڻڻو آهي. انڪري پاڪ مولىٰ جن به فرمائن ٿا ته پنهنجي مامر تي پاڻ محڪم بينا آهيون ۽ پيا ٿا نينهن سان ناتو نياڻون.

(ڪلام)

ٽلهه ❀ پنهنجو پاڻ سڃاڻين، حق ڄاڻين

تون ته سارو سبحان آ ، سارو سبحان آ ٻيو نه گمان آ

❶

اَلا نسان سِري وَاَنا سره ، اُن تي اَعتبار آڻين

❷

وفي انفسكم واري فرمودي ، رمز رهبر جي رهاڻين

❸

حال همه ۾ هجڃان هر دم ، ٻي ڪل ڪوڙ ڪهاڻي

❹

حال حلاجي حڪر هلائي ، موج مهڏي جي ماڻين

حل لغت :-

(1) الا نسان سري و انا سره = انسان راز آهي منهنجو ۽ آءٌ ان جو "حوض"
(2) همه اوست = سڀ ڪجهه پاڻ.

تشريح:- جيڪڏهن تون پنهنجو پاڻ کي سڃاڻين ٿو ۽ پاڻ کي حق ڪري ڄاڻين ٿو ته پوءِ تون ٻيو گمان سارو ئي لاهي ڇڏ ته تون ڪو بندو آهين، بس پوءِ تون سڀ ڪجهه پاڻ آهين. تون پاڻ الله آهين.

مالڪ فرمائن ٿا ته، تون رڳو پاڻ کي سڃاڻ ته توکي پاٺهي حق جي خبر پئجي ويندي ۽ پوءِ ٻيا سڀ وهم گمان به ختم ٿي ويندئي. هو تنهنجو راز آهي ۽ تون هن جو راز آهين. ٻئي هڪ ٻئي جا ڳجهه آهن. تون ڳجهه آهين هن جو، انڪري تون جيڪڏهن پنهنجي ڳجهه کي پاڻ ڳولي لهندين ته توکي هو لڀي پوندو، ڇو جو تون هن جو ڳجهه آهين ۽ ڳجهه ظاهر ٿيڻ ڪري هو به پو ۽ لڪي نه سگهندو.

الله کي ڳولڻو هجي تہ انسان ۾ جاچي ڏسجيس، تہ لهي پوندو ۽ جيڪڏهن انسان کي ڏسڻو آهي تہ پوءِ وري الله ۾ ڳولجيس تہ جهٽ لهي پوندو.

جهڙي طرح انسان کي سجاڻڻ سان الله لهي ٿو،اهڙي طرح الله کي سجاڻڻ سان انسان به لهڻ گهرجي؟ ڇو جو هو هڪ ٻئي جا راز آهن. انڪري جنهن انسان کي سجاتو تنهن الله کي سجاتو ۽ جنهن الله کي سجاتو تنهن وري انسان کي سجاتو.

هاڻي رستا وڃي ٿيا پر: هڪ اهو تہ، الله جي سجاپڻ سان انسان سجاتو ٿو وڃي ۽ ٻيو آهي اهو تہ انسان جي سجاپڻ سان الله سجاتو ٿو وڃي. پهريون رستہ آهي عابدن ۽ زاهدن وارو، ٻيو رستہ آهي صورت وارو. پهريون رستہ ڏاڍو پري ۽ ورن وکڙن وارو آهي. صورت وارو پنڌ ڏاڍو ويجهو ۽ سڌو آهي. البت توکل جو ترهو ٻڌڻو ۽ سر جو سودو سلڻو پوندو آهي. انڪري گهٽائي پهرئين رستہ تي گامزن آهي. عزازيل به انهي رستہ سان هو، جو پوءِ شيطان ٻڌيو.

عاشق عزازيل ، ٻيا مڙئي سڌڙيا

منجهان سڪ سبيل ، لعنتي لعل ٿيو

"پٽائي صاحب"

سرڪار پاڪ جن پاڻ سجاڻڻ جي تلقين فرمائن ٿا ۽ چون ٿا تہ، ان "سري" واري سخن کي پڪ ڪري جاڻ ۽ ان تي اعتبار ڪر. اهو ئي پاڻ کي سجاڻڻ جو ڏس اٿئي.

"من عرف نفسہ فقد عرف ربہ" علي مولیٰ جو قول آهي تہ "جنهن پاڻ کي سجاتو، تنهن پنهنجو رب سجاتو". دراصل انسان ۽ الله ۾ ڪو به فرق ڪو نہ آهي. ساڳيءَ شي جا به نالا آهن.

ظاهر ۾ ان شي کي انسان چيو ٿو وڃي، جيڪا رنگ ۾ آهي، ۽ باطن ۾ ان ساڳي شي کي الله چيو ٿو وڃي جيڪا بيرنگ آهي.

" ظاهر بندو باطن مولیٰ، عشق جي بازي سمجهي ڪير"

"بيدل فقير"

باطن ۾ بي رنگ آهي ۽ هڪ ئي نالو اٿس، يعني ايڪائي ۾ آهي. ظاهر ۾ انسان آهي ۽ رنگ اٿس ۽ ڪيترائي نالا اٿس ۽ ڪثرت ۾ آهي.

"جو ڪجهه آهي اهو ئي آهي

جنهن کي چون ٿا موجودات

رنگ اهو بيرنگ جو آهي"

"دريا خان فقير ڪلهوڙو"

هيءَ جيڪا به موجودات آهي، اصل ۾ اها ئي سڀ ڪجهه آهي. جو ته الله بي رنگ آهي ۽ هيءَ جيڪا موجودات آهي ، اها ان بيرنگ ذات جو رنگ آهي . باطن ان جو بيرنگ آهي ۽ ظاهران جو رنگدار آهي.

" پهرڻ والا هڪو رانجهن ، لکين هزارين چولا "

بين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته اها ذات پاڪ بيرنگ ۾ سمايل آهي. ته رنگ ۾ به سمايل آهي، اها ئي پاڪ ذات بيرنگ به آهي ته رنگ به آهي.

وفي انفسڪم واري فرمودي جو مطلب به اهو ئي آهي ته، اهو جيڪو "سري" وارو راز آهي، اهو تنهنجي پساه ۾ سمايل آهي، انکي چو نه ٿو جاچي ڏنو وڃي؟!

رهبر واري رمز ۾ رهٽو آهي. رهبر جي ان رمز کي پروڙڻو آهي ته، سڀ ڪجهه پاڻ ۾ اٿئي ، پاڻ ۾ ئي سڀ راز سمايل آهي. رنگ، بيرنگ سڀ ڪجهه منجهه سمايل آهي. باهر ڪا به شي نه آهي، بيون سڀ اجايون ڳالهيون آهن.

مالڪ فرمائن ٿا ته، سدائين جي لاءِ هم اوست ئي رهه. جڏهن حلاجي حڪم تي پورو هوندين ۽ سُوريءَ کي سيج ڪندين، تڏهن ته مولىٰ مهدي واري موج ماڻي سگهندين.

(ڪلام)

ٽلهه ❀ نَقْلَ ڪي وڃي نامَ نفي ڪيو ، اَصُل ٿيو اثباتِ

❶

ڦلبي قرب قرارو قائم ، وحدت وائي واتِ

❷

سِري سَيرُ سجاتم سارو ، مورت جي محلاتِ

❸

رُوحيءَ ۾ آهي رهبر رايو ، ڍِسڻ واري ڏاتِ

❹

خفيءَ ۾ آهي خيال خماري، ڪسڻ واري ڪاتِ

❺

اخفا جو آهي اُلٽ اشارو ، انحد واري اوقاتِ

❻

ظاهر باطن هادي مهدي ، مولىٰ واري مصلاتِ

حل لغات :-

(1) قلبي، سري، روحي، اخفا اهي سڀ لطائفن جا نالا آهن، جيڪي سڀ انسان ۾ اندر سمايل آهن. ترتيب وار انهن جي لفظي معنى هيءَ آهي،قلبي، دلي، قلب، دل (2) سري= راز، ڳجهه، سينو (3) روحي= روح سان. روح وارو، خيال (4) خفي= پوشيدهه، خفيا، لڪل (5) اخفا، اخفي= خفيءَ جي ابتڙ

تشريح :- پير مغان طالب کي جيڪو توحيد جو درس ڏئي ٿو، ان کي نام سڏجي ٿو. اصل کي اثبات ڪرڻ لاءِ طالب کي انهيءَ نام جو سهارو وٺڻو پوي ٿو. مرشد واري نام کي اهڙي طاقت آهي، جو نيٺ وجيو نقل کي نابود ڪيو ڇڏي ۽ ساڳيوئي نام اثبات ٿيو پوي. اڳ صرف نام هو پر هاڻي اچي اثبات ٿيو.

جڏهن نام اثبات ٿيندو تہ نقل فنا ٿي ويندو. قلب قرار ۾ اچي ويندو ۽ سارو من جو مونجهارو ختم ٿي ويندو . منهن مان رڳو وحدت جي واکاڻ جاري هوندي ، هڪ حال هڪ خيال ۽ هڪو هڪ هوندو.

انساني جسم، انساني صورت جي رهڻ لاءِ هڪ مثالي محلات ٺهيل آهي. ان مورت جي محلات ۾ صورت جو سير سمايل آهي، جنهن کي"سري" وارو سير سڏجي ٿو. مالڪ فرمائن ٿا تہ، اهو سري وارو جيڪو اسرار آهي، اهو پنهنجو پاڻ ۾ ڳولي لڏوسين ۽ سجاتوسين. صورت کي مورت جي محلات ۾ ويهاري ڏنوسين. سرڪار مالڪن جيڪي به مذڪورھ ڪلام ۾ لطائف بيان فرمايا آهن تہ ان سان گڏ انهن مان هر هڪ جو تاثر به بيان فرمايو آهي. پاڻ فرمائن ٿا تہ مورت جي محلات ۾ ويهي، سري جو سير ڪيوسين. جڏهن روحي جو سير ڪيوسين تہ ان ۾ ڏسڻ يعني ديد جي شڪتي وڌيڪ ڏسڻ ۾ آئي، يعني نظاري جو تاثير ان ۾ رهي ٿو. خفيءَ ۾ وري ڪسڻ جي خمار جو نشہ رهي ٿو . هن ۾ ڪسڻ جو شوق وڌيل آهي. اخفىٰ جو وري الٽو اشارو آهي، ڇو جو اخفىٰ ذڪر جسر جي ابتي پاسي کان شروع ٿيندو آهي. هن ۾ غيبي اثرات نمودار ٿين ٿا. جنهن ۾ عجيب غريب آواز وغيره پڌڻ ۾ ايندا آهن: انهيءَ غيبي آواز تہ هي سڀ غضب ڪرايا آهن. ڪي ڦاهي چڙهي ويا تہ ڪي قتل ٿي ويا، ڪن جي وري ڪل ڪلجي وئي تہ ڪي گهاٽي پيڙيا، بهرحال ڪن سان ڪهڙا قرب ٿيا تہ ڪن سان ڪهڙا پسڻ پٽائيءَ سائين وانگر تہ:

" ڪڏهن ڪا نہ سئي ، تہ ڪا سگهي گڏي سڃڻين "

پوءِ ٿورا ڪي گهٽا هر ڪنهن سان حال آسارو ضرور قرب ٿيا آهن. وڌيڪ مرشد مالڪ آهي؛ راض ڪندو تہ رسائي ٿي ويندي.

" ري راض رهبر جي سواءِ ، توحيد ترهو چا ڪندو
نظمي هجي نثري توڙي، سو درءِ درهو چا ڪندو"

مولىٰ مهدي جي مهر کان سواءِ، ظاهر جو معاملو هجي يا باطن جو حل ٿي نہ سگهندو.

(ڪلام)

ٿلهه ✤ مُحبَ مِٺا ڪر نہ تون ماڻان ، اَڏڄ اَندر ۾ اوطاق

❶

هُجتَ هرگز ڪانہ هلي ٿي ، مِهر پَوئي مَنَ ماڪَ

❷

جئري جانب ڪر نہ جدائي ، مارين ٿو مُشتاقَ

❸

ڪر ڪوهيارل ڳوپُ ڳنڍڻ جو ، وِڪَ نہ پوي هڪ واڪَ

❹

ساهُ سيلاني ساري مهدي ، پاڻُ پَسائج پاڪُ

حل لغات :-

(1)ڳوپ= رفو، ٻن شين کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ جو هڪ طريقو (2) واڪَ = ڪنهن ڪم لاءِ همت نہ ٻڌڻ ، بي همتائي.

تشريح:- اندر ۾ جو اوطاق اڏيندو، تہ ضرور ان ۾ وهڻو بہ پوندس! تڏهن عاشق، پنهنجي محبوب سان مخاطب ٿي صدا ٿو ڪري تہ، اي! محبوب سائين، اُهي لڪ ڇپ وارا ماڻان ۽ انداز مون سان نہ ڪر. قرب ڪري اچي اندر ۾ آستان جوڙ، پنهنجي مهر سان، پنهنجي مهر جي ماڪ سان اچي اندر ۾ خيما کوڙ. جئري جدائي ڪري، اجايو پيو ٿو مشتاقن کي مارين. ٽوڙڻ جي ڇڏ، ڪا ڳنڍڻ جي ڪر. پنهنجو ڪو قرب ڪر ، منهنجي تہ ڪا بہ هجت نہ ٿي هلي سگهي. مون کان تہ هڪ قدم بہ اڳتي چُريو نٿو ٿئي. بس – تون پنهنجي ڪا سرداري ڪر، مون ڏي نہ ڏس. مون وٽ تہ سدائين تنهنجي تات آهي. مونکي تہ تون هميشہ ياد آهين. هاڻي تون ڪو "پاڻ" پَسائڻ جو پنهنجو قربُ ڪر.

(ڪلام)

ٿلهه ✤ سَٽيم سانگُ سري دا سارا ، شاهه نُور ڏٺم نروارا

❶

پُتلا بنائي خاڪي ، اِتان آڻ ٿيا هے اوطاقي
چشمان دا چمڪارا

❷

رنگ مَحل دي رائي ، پرين پنهنجو پاڻ پسائي
اِهي آهن عشق جا آرا

❸

مَهدي منهدار اِمامُ مُڪائون، اهڙو ٻئي جو شانُ نہ ڪيائون
آيا ٿي تہ اُچارا

حل لغات :-

(1) آرا = آرَ جو جمع آهي بمعنيٰ قرب، محبت، پيار، چاهه (2)اُچارا = اوچو، مٿانهون

تشريح:- سِر جو سانگو لاهه ڀلي پوءِ عشق کي هٿڙو لاهه، جڏهن سر جو آسرو لاهبو تڏهن ئي تہ ڪجهه بڻبو. ديدار ئي پوءِ ٿو نصيب ٿئي، اول سِرُ ڏيڻو ٿو پوي ڏسي سر ڏيڻ تہ سولو آهي پر اڻ ڏٺي جو سودو سو بہ سر جو، هرو ڀرو آسانُ ڪونہ آهي. ديدار ڪرڻ کانپوءِ تہ، سر ڏيڻ وارو سودو سَسِتو ٿو ڀانئجي ۽ چئجي تہ هزار سِر بہ قربان ڪجن، تڏهن بہ ٿورا آهن پر پهريائين اَڻ ڏٺي سودي جيڪو رڳو ٻُڌل ڳالهه تي ٿو ڪجي هڪ سر ڏيڻ بہ ڏکيو ٿو لڳي بلڪ گهڻي ڀاڱي ڪونہ ٿو ڏئي سگهجي!

پاڪ مالڪ فرمائن ٿا تہ، سڀ جو سمورو سانگو لاهي، پوءِ نُور اِلاهي جو درشن ماڻيو اٿئون، درشن جي ديدار مان اِها خبر پئي سُون تہ "هي" ڪجھ بہ ڪين آهي. سڀ ڪجھ پاڻ آهي، هي هڪ خاڪ پاڪ جو پُتلو آهي. جنهن ۾ پاڻ سائين اوطاقي ٽي اچي وينو آهي.

دنيا هڪ رنگ محل جي مثال آهي، جنهن ۾ پانڌ پانڌ جا رنگ سمايل آهن انهن هڙني رنگن ۾ يار جو جلوو ڪار فرما آهي.

"هڪَ ڦصر ڏَرَ لکَ ، ڪوڙين ڪٽس ڳڙڪيون
جيڏانهن ڪيان پَرکَ، تيڏانهن صاحبُ سَامهون"

"شاھ صاحب"

ڪيئي رنگ، ڪيئي ڍنگ، ڪيئي صُورتون، ڪيئي مُورتون، ڪيئي پوشاڪون، ڪيئي چولا، سڀ سندس مظهر آهن.

"پهرڻ والا هِڪو رانجهن، لکين هزارين چولا"

لکين ڪروڙين بلڪ انيڪ لباس آٿس، هِنَ رنگ محل ۾ عِشق شهزوڙ آهي، جيڪو ڪثرت جي رنگ محل مان، انيڪ پوشاڪن هوندي بہ اچي تُو حق کي سُجاڻي.

" مهڏي اَهڙو منور، پيو ٿيو آ نہ ٿيندو
اَهڙو صوفي سَرور، پيو ٿيو آ نہ ٿيندو"

"مظهر فقير لاڪو"

(ڪلام)

ٿلهه ✤ عاشقن ٻارڻ ٻاريو جوڳي ناٿ جلن، اُهي آڏوتي الف پڙهن

❶

ڄَرَ ڄراٽي ڄيري کايا ، اُلا ڄڀيون برهَ بَڇايا
اُهي معشوقن جا ماريا، منزل مدد رَسن

❷

العشق نارالله لاٽئون لالي ، مَڄُ مُحبت جو نوبت شاهي
آڻن چاڙهن پاڻ سِپاهي ، ٻيا سڀ ورق وسارن

❸

مهدي انهن گهر آيو، خوديءَ کي جن پاڻ جلايو
پرينءَ تن کي پاڻُ پَسايو، اُهي آڙاهه منجهه اَچن

حل لغات :-

(1) ڄَرَ = باهه جو تؤ، تپش (2) ڄَراٽي= لُوساٽي(3) ڄيري = پچائي رَڌي

تشريح:- عِشق جي باهه اُها آهي جو سواءِ الله جي ٻيو سڀ ڪجهه ساڙيو ڇڏي! عاشقن انهي باهه جو ٻارڻ ٻاريو آهي ۽ پاڻ اُن ۾ پچندا ۽ جلندا رهن ٿا پر سڙي رَکَ ٿي نه ٿا وڃن،ڇو جو هنن وٽ الف اثبات آهي. جيڪي عشق جي آڙاهه ۾ سڙيا، کامِيا ۽ پَڄِريا آهن، جن کي برهه جي باهه ڀُڄين ڪبابُ ڪري ڇڏيو آهي، جيڪي پنهنجي محبوب تان سرگهورآهن، اُهي ئي منزل ماڻي سگهن ٿا.

عاشقن کي عِشق جي آڳ جي لالاڻ جي لالي، هميشه منهن تي سينگاري رهي ٿي. هنن کي عشق کانسواءِ ٻيو سڀ ڪجهه وسريل آهي. "پاڻُ" به وسريل اٿن. جن پاڻ وِساريو ۽ خودي ختم ڪئي ته مهدي مولىٰ يعني الله به انهن جي گهر پاڻمرادو هلي آيو ۽ اچي پنهنجو پاڻ پَسايو.

”هِي بہ ڪِينَ وڃڻو ، هُو بہ ڪِينَ ويو
نفي ۽ اثبات کان ، پَري خيال پيو
سَچو سَچُ ٿيو ، ٻانهپ ٻولي ناهہ ڪا “

” سچّل“

(ڪلام)

تلھ ♣ عِشق اِلاھيءَ ڪيو احسانُ ،ڪونہ پڙھيوسين ڪلمو قرآن

❶

ساڻيءَ سارو سُرُ سمجھايو ، سجدو صورت سِرُ سُبحان

❷

لااِلٰہ وارا لٽا لاڳاپا ، اِلا الله واري آھيون ايوان

❸

مسجد مندر حَقُ ھيڪڙائي ، لاھي ڇڏيائين شڪ گمان

❹

ذِڪر فِڪر جي ڳلڙي نہ ڪائي، مھدي واري آھيون ميدان

حل لغات :-

(1) ايوان= اڳڻ، صحن، ميدان، پاسو، حصو

تشريح :- جن ڪي الاھي عِشق لڳو ءِ عاشق ٿيا، تہ انھن کان پڙھڻ، پڙھائڻ ڇڏائي ويو. ڇاڪاڻ تہ جيڪي ڪجھ لکيو ويو آھي ءِ پڙھيو ٿو وڃي، اُھو ھُنن ڪَرڻ شروع ڪري ڏنو انڪري وري وري ساڳي شي کي پڙھڻ، ھنن اجايو وقت وڃائڻ سمجھيو،ھنن جو ھاڻي عشق اچي استاد ٿيو آھي. جيئن عشق چوندو رھيو، تيئن ھو ڪندا رھيا ءِ عشق جي رَھبريءَ ۾ اڳتي وڌندا رھيا. ٻيا سڀ ڪتاب ڦٽي رکي ڇڏيائون

مالڪ سردار فرمائن ٿا تہ، ٻين قرآن ڪتابن ءِ ڪلمي پڙھڻ مان ڪجھ بہ حاصل ڪونہ ٿيو، انڪري اُھي پڙھڻ ڇڏي ڏناسين ءِ ڪونہ پڙھياسين. بس عشق اچي پنھنجا احسان ڪيا آھن. اھي سڀ عشق جا احسان آھن جو ڇڏ طرف رڳو چاندڻ لڳي پئي آھي اِھو عشق ئي آھي جنھن اچي حق کي اظھار ڪيو آھي.

رڳو ڪلمي قرآن پڙھڻ سان تہ ڪجھ بہ ڪونہ ٿو ٿئي سواءِ عشق جي ڪلمي

قرآن کي سمجهڻ ئي مشڪل آهي، پر جي سمجهي تو وجي تہ وري ائين ڪرڻ، جيئن قرآن ۽ ڪلمو چوي تو، ناممڪن آهي. عشق ڪانسواءِ بي سڀ اونده آهي. عِشق اُها روشني آهي جو، چوڏنهن ئي طبق روشن ڪيو ڇڏي

"عشق جنين سِر آيو ، ڏوڙا تنين ڏاجا
لُون لوُنءَ ۾ لبيڪ جي ، لنءَ لڳن ڪاجا
سامي سَڀاجها ، وتن ڪيف ڳڪوريا"

"سچل"

عشق جواڇڻ ۾ ڪنهن وٽ ٿئي تو. جنهن تي مُڃان جي مهر ٿيندي، تہ پوءِ دير نہ آهي. سو جنهن جو مڃان عشق آهي، تہ پوءِ اُهو عاشق ۾ ٿي ويندو، پر جي ڪو ٻيو مڃان اٿس تہ پوءِ عاشق ٿي نہ سگهندو.

جيڪو عشق تي عاشق ٿيو،اوشاق بنجي ويو
پير مڃان جي پاس سان ، پُرَ پاڪ بنجي ويو

"مظهر"

"طالب" عاشق آهي ۽ "مطلوب" عشق آهي. جنهن جو مطلوب عِشق آهي، اُهو عاشق آهي. جنهن جو رهبر عشق آهي، انکي ٻئي ڪنهن ۾ ڪتاب جي پڙهڻ جي ضرورت ڪانہ پوندي. اِلاهي عشق وارا لُدني علم جا مالڪ هوندا آهن. لُدني علم واري کي ظاهري علم جي ڪهڙي ضرورت؟! جڏهن تہ عاشقن ڪان ڪوبہ راز، ڪوبہ علم ڳجهو نہ هوندو آهي. عشق جي اڇڻ سان سڀُ شڪ شُبہ لهي ويا ۽ صورت جو سجدو ساڻ پيو حق جي هِڪُ هيڪڙائي ٿي وئي، ڪابہ ٻيائي ۽ ڪوبہ غير نہ رهيو. ٻيو سڀ ڪجهہ فنا ٿي ويو. هِڪُ حق وجي رهيو. انڪري لا اِلٰهہ جي ڪان ۾ ڪانہ رهي.

"ڇاڪي نفي ڪيان ڇاڪي اثبات ، سوا مولا جي ٻيو ڪجهہ ناهي"

"دريا خان فقير ڪلهوڙو"

جڏهن سڀ ڪجهه پاڻ ئي آهي، ته پوءِ ڪنا وري ڪير ٿئي؟ پر اِها پڪ وري تڏهن پوندس، جڏهن هن جسر کان جدا ٿئي. جسر کان جدا تڏهن ٿي سگهندو، جڏهن سِرَ جو سانگو لاهيندو.

ڪر درياخان پاڻُ تون پٽرو
ڇو ڇپائي اٿئي پنهنجي ذات
ڇڏ سِريءَ جو سانگو لاهي

عشق وارن کي ڪنهن به زهد عبادت يا ذڪر فڪر جي ڪابه ضرورت کانه هوندي آهي. هو ميدان عِشق جا پروانہ آهن هُو عشق جي ميدان ۾ علَمبردار آهن. هو صرف عشق جا عاشق آهن، ٻئي ڪنهن به ذڪر فڪر جي هنن کي ڪابه خبرکانه آهي.

"ڪانهي ڪاڻ ڪَتِڻَ ،جي سچل ڪي،
آتڻُ يارُ اُجاري هَليو ويو"

عِشق سڀُ آتڻ ۽ آسڻ اُجاري اڇا ڪري ڇڏيا باقي ڪنهن جي لاءِ ويهي ڪير ذڪر فڪر ڪري؟! عشق اچي " پاڻ " کي اثبات ڪيو.جڏهن سڀ ڪجهه "پاڻ" اثبات ٿي آيو ته پوءِ ڪير ويهي ڪنهن جي عبادت ڪري؟!

" پنهنجو نالو پاڻ ٿو ويٺو وٺي!"

(ڪلام)

ٽلهه آيو عِشق مولىٰ ، لڳين لائق پانيان
سبب ڪهڙي سَرتيون،لوڪ ڪان لِڪايان

❶

مَسرورُ ڪيو آ ، اوهان يارَ حبيبن
اِهو ڏاج ڏڪڻن ، برهه بُوند پانيان

❷

هَٿن ۾ هزارين ، ڳچيءَ ڳل مون ڳانا
اِها چير سُورن جي ، پيرن مان نہ لاهيان

❸

بيدل ڪي بَچايَوَ ، برهُ يارَ باري
تنهنڪي ڪيو ڪچَ ۾ ، ويٺو وِرهُ وَسايان

حل لغات :-

(۱) مَسرورُ : سُرور جو اسر آهي بمعنىٰ خوش ٻاش، پُر مُسرت

تشريح:-جهڙي طرح هن ڪلام ۾ بيدل فقير جو نالو پيل آهي اهڙي طرح ۾ بيا ۾ سرڪار مالڪن جا اهڙا ڪلام مِلن ٿا جن ۾ پاڻ پنهنجي طالبن جا نالا ڏچايا آهن. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن ائين ۾ ڪندا هئا، جو ڪافي چئي نالو وري ڪنهن ٻئي درويش جو وجهي چڏيندا هئس. هيءَ ته منهنجي سانير جي ڳالهه آهي ته پوئين دور ۾ ۾ سرڪار پاڪن ۾ ٽي ڪافيون فرمايون هُيون، جن مان هڪ ڪافيءَ ۾ " پاڻ وڃائي پاڻ ٽي آيسُ" ۾ نثار فقير ميراثيءَ جو نالو وڏو هئائون، ۾ پوءِ نثارعليءَ،

جي اصرار تي، هن جو چوڻ هو تہ "منهنجي ايتري منزل ئي ڪانهي ماڻهن مان ئي جنڊ ڇڏائي ڪوٺ سگهندس". انڪري سندس نالو ڪلام ۾ نہ وڌو وڃي، تنهن ڪانپوءِ مالڪن هن مسڪين جو نالو ڪافيءَ مان ڪڍيو ۽ پنهنجو نام مبارڪ ڪلام ۾ رچايو. اهڙي نموني سان هن ڪافيءَ ۾ بہ بيدل فقير جو نالو اهڙو تہ رچايو ويو آهي جو اتي ٻيو ڪوبہ نالو ائين رچي نٿو سگهي، جيئن هي رتل آهي. اصل مصرع کي ئي ڪلام مان ڪڍي ڇڏجي ۽ ان جي جاءِ تي ٻي مصرع ناهي رکجي تہ پوءِ نالو ٻيو رچي سگهي ٿو، باقي تہ ساڳي مصرع مان اهو نالو ڪڍي ٻيو نالو رچائڻ محال ٿو ڏسجي.

اسانکي تہ ڪٿي اها خبر آهي تہ مذڪورہ ڪافي سرڪار مالڪن جي فرمايل آهي پر ٻيو ڪو ٻڌڻ وارو تہ ائين ڪوٺ چوندو: هو چوندو تہ، نالو جو بيدل جو پيل الّس، تہ هيءَ ڪافي بہ بيدل فقير جي چيل هوندي، پر جنهن بيدل جو سمورو ڪلام پڙهيو هوندو ۽ بيدل فقير جي سوانح جي بہ ڄاڻ هوندس تہ پوءِ هو هن ڪلام کي ڪڏهن بہ بيدل فقير جو ڪري نہ سمجهندو.

پهرين ڳالهہ تہ ڪافيءَ جي گهڙت ۽ اُڪاوت بيدل فقير جي ڪلام جي گهڙاوت کان بلڪل مختلف آهي. ٻيو تہ مذڪورہ ڪافيءَ ۾ جيڪو خيال ملي ٿو. اُهو بيدل فقير جي ڪلام ۾ اڻ لڀ آهي.

مٿيون ٻئي نشانيون جيڪي هن ڪافيءَ کي بيدل جي ڪلام کان الڳ ڏيکارن ٿيون، اُهي لکل ۽ ڳجهيون آهن پر هِتِ اُهي نشانيون بہ ڏجن ٿيون. جيڪي بلڪل صاف ظاهر ۽ چٽيون پٽيون آهن. جن کي هڪ اڻ پڙهيل ۽ ادب سان شوق نہ رکندڙ انسان بہ ڄاڻي سگهي ٿو.

(1) مذڪورہ ڪافي بيدل فقير جي رسالي "ديوان بيدل" ۾ ڏنل ڪوٺ آهي. هن ڳالهہ مان بہ پڪ هئڻ گهرجي تہ هيءَ ڪافي بيدل فقير جي چيل نہ آهي.

(2) فقير ڪوڙ نہ ڳالهائيندو آهي. هو هميشہ حق جو هوڪو ڏيندڙ آهي بيدل فقير چير پيرن ۾ ڪڏهن بہ ڪوٺ پاتي آهي سندس سوانح ۾ ڪٿي بہ اهڙي ڳالهہ ڪيل ڪوٺ آهي، جنهن مان خبر پوي تہ بيدل فقير پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪا چير بہ پيرن ۾ پاتي هئي ۽ نہ وري ڪا اهڙي روايت ئي ملي ٿي، جنهن ۾ اهو چيو ويو هجي تہ بيدل فقير سدائين لاءِ تہ نهيو پر رهو ٿوري وقت لاءِ بہ چير پيرن ۾ پاتي

هجي. مولى پاڪ جن بيدل فقير ۽ سچل فقير جي سُخنات کي تمام گهڻو پسند فرمائيندا هُئا ويراڳ ڪندڙ درويشن کي اُها بلڪل خبر هوندي هئي ته پاڪ مولىٰ جن بين سيني فقيرن جي ڪلام کان وڌيڪ بيدل ۽ سچل جو ڪلام پسند فرمائيندا آهن. اُن چاهت جي مد نظر ۾ ٽي سگهي ٿو پاڻ بيدل فقير جو نالو کافيءَ ۾ وڌو هجين مالڪن پنهنجي هٿ کي وڃائڻ خاطر ۾ ٽي سگهي ٿو ته ائين ڪيو هجي. چو ته پاڻ پنهنجو ڪلام نه ته ڪڏهن لِکاين ۽ نه وري ڪو پنهنجي حضور ۾ پنهنجي طالبن کان ڪڏهن چوراين. جيڪڏهن ڪو درويش مالڪن جو ڪلام چوڻ شروع ڪندو ۾ هو ته اُن کي پاڻ منع ڪندا هُئا ۽ فرمائيندا هُئا ته بين فقيرن جو ڪلام پڙهو. جيئن پاڪ مولىٰ جن هر وقت ۽ هر حال ۾ عشق پاڪ جي قربن ۽ احسانن جا گيت گايا آهن، ائين ٻئي ڪنهن ۾ عشق جي تعريف نه ڪئي آهي. پاڻ سدائين عشق جي بهاري ۽ موج جو ذڪر فرمايو اٿن. عشق کي لائق ۽ محسن سڏيو اٿن. بي گلا غيبت ته پري رهي، جيڪا بين عاشقن ڪئي آهي پر پاڻ ته عشق جي درد جي رسوائي ۾ ڪڏهن ڪونه ڳائي اٿن! بين عاشقن، جيڪڏهن هڪ عشق جو ٽورو ڳايو هوندو ته ان سان گڏ، ۾ ٽي شڪايتون ۾ ضرور ڪيون هوندن. هن کافيءَ ۾ ۾ پاڻ عشق جي اڇ جا احسان ۽ ٽورا مڃيا آهن. فرمائن ٿا ته ڪروڙين قرب ۽ لکين لائق ٿيا، جو عشق پاڪ اچي پنهنجو ڪيو. عشق پنهنجي اظهاري پاڻ اچي ڪئي آهي. هي عشق ٿو پنهنجي اظهاري پاڻ ڪري، مونکي ڪهڙو حق آهي جو انکي ويهي لِکايان! سو ۾ بنان ڪنهن سبب جي!! جڏهن ڪو غذر ايذاءَ ئي ڪونهي ته پوءِ چو عشق لِکايان؟!

جڏهن ته عشق وارو ڪڏهن ۾ لکي ڪونه ٿو سگهي، ته پوءِ عشق کي لکائڻ جي بي سُود ڪوشش چو ڪجي؟!

عشق سندو آثار نکي ڳُجهو رهندو

برهه سندو بيمار نکي لِکو رهندو

"بيدل"

آثار ئي پيا سڀ ڪجھ ٻڌائيندا. عشق جي اچڻ سان اهڙي ته خوشي ۽ مُسرت ملي آهي، جيڪا جيڪڏهن لوڪ کان لڪايان به پر تڏهن به لڪي نه سگهي. اُها اهڙي خوشي آهي، جو ان کان وڌيڪ ٻي ڪابه اهڙي خوشي نٿي ٿي سگهي. اُن خوشيءَ ۾ جيڪو ڏکن جو ڏاج ڏنو ويو آهي، اُنهيءَ ته ويتر سون تي سُهاڳ وارو ڪم ڪيو آهي،عشق پاڪ جا جيڪي اُهي ڏک آهن، اُها هڪ برھ جي بوند آهي، جيڪا عاشق تي سدائين وسندي رهي ٿي. بوند جو وسڻ بهاريءَ ۾ شامل آهي. اُهي ڏک نه آهن، بره جي بوند آهن. اُنهن ڏکن ته مسرور ڪيو آهي. نالي ۾ ته ڏک ئي چئبا پر هيءَ خوشي انهن ڏکن جي ڏنل آهي، اُن ڪري اُهي ڏُک نه چئبا، ڇو جو ڏک ڪڏهن به سُکَ نه ٿا ٿي سگهن. عشق ۾ جيڪي ڪجھ فعل انسان کان ڪيو ويندو آهي، اُهو اوس هوندو آهي. اُن ۾ عقل جو دخل نه رهندو آهي ، بلڪ عقل ان کي تسليم ئي نه ڪندو آهي. جڏهن اندر ۾ عشق اچي ٿو ويهي تڏهن سندس ٿي هلي.

سرڪار مالڪن انهن زيورن کانسواءِ جيڪي پاڻ پنهنجي هڪ ڪافيءَ ۾ بيان فرمايا آهن، عشق پاڪ جا هي ٻيا زيور ڪنٺا ڪولابا، چڙا،ڏنڀر ۽ ڳانا جامان به پاتا آهن پر اهي سڀ وقت گذرڻ سان گڏ لهندا ويا.باقي ڇير پيرن ۾ جڏهان ڪون پاتن ته وري ڪونه لاٿن. ڇير پيرن ۾ مالڪن کي سدائين سجايل هوندي هئي ۽ اُٿي جڏهن هلندا هُئا ته اُن جي ڇَم ڇَم جو آواز اهڙو ته مَڌُر ۽ پيارو نڪرندو هو جو ٻيون ڀلي هزارين ڇيريون، اُن سان گڏ پاسي ۾ وَڄن پر مالڪ جي ڇير مبارڪ جو آواز سڀني ۾ پڌرو رهندو هو. اُن آواز ۾ ايڏو ته مِٺاسُ هو، جو جنهن ٻڌو هوندو ، ته اُن کا ڪڏهن به وسري نه سگهندو. جهڙي طرح تانپوري جي ڇيڙ يا سر منڊل جي تارن مان آواز نڪرندو آهي. سرڪار مالڪن جي قدم کڄڻ سان پيرن ۾ پيل ڇير مان آواز اهڙو ته گونجي اُٿندو هو جڻ ته هڙئي سُرَ اُن ۾ مليل آهن! پاڻ ان ڇير کي ئي عشق جي ڳهن مان باقي پاڻ وٽ رهڻ ڏنو. ٻيا سڀ وقت تي آيا ۽ وقت تي ويا. عاشقن کي جيڪو عشق ملي ٿو اُها هڪ امانت آهي جيڪا هنن کي سونپي ٿي وڃي. اُها امانت هنن کي سانڍي رکڻي آهي. امانت ۾ خيانت ناهي ڪرڻي. هنن کي عشق سان نڀائڻو ٿو پوي اُهو نڀائڻ هر هڪ عاشق جو الڳ الڳ ٿيندو آهي، ڪو ڪهڙي ريت نڀائي ته ڪو ڪهڙيءَ ريت.مالڪن جنهن پيار ۽ قرب سان هي ناتو نڀاهيو آهي، اهڙو مثال ڪونه ٿو ملي.جيئن ٻار کي کڻي ڪڇ ۾ کيڏائبو ۽ ڪڏائبو آهي. هن جو هر انگل پورو ڪري ريجهائبو آهي.

اهڙي طرح پاڻ بہ عشق کي ڪچ تي ڪئي ، ڳرانڙي پائي ويهي قرب وندبيو اٽن. عشق جي ڪنهن بہ انگل کي، اجايو ڪوڙ سڏيو اٽن ۽ نہ وري ڪو ان کي پوري ڪرڻ ۾ ، ڪنهن تڪليف جي ڳالھ ڪئي اٽن سدائين عشق جي موج مستي ۽ قرب قرار ڳايا اٽن. جيئن ھتِ ھن ڪلام ۾ فرمائن ٿا تہ عشق کي ڪچ ۾ ڪيو وينا ٿا بره جي بوند مٽي تي وسايون.

(ڪلام)

ٽلهه* عشق الله ري، عمر اجائي، ويهي وقت وڃايئي،هَٿِ چا آيئي

❶

فرض فنا کان ٽڙين فارغ ، ٻوڙيئي کين ٻيائي

❷

نينهن نماز کان ٽڙين نابرُ ، پنهنجو پاڻ پڏايئي

❸

مئي مهتاب علي مَستانو ، سچو سُخن سُٽايئي

حل لغات :-

(1) فارغ = واندو، آجو، آزاد (2) نابرُ= انڪاري، نہ مڃڻ وارو(3) پڏائڻ = پنهنجي ساراه ڪرڻ ، پاڻڪي پائڻ،غرور ڪرڻ، تڪبر ڪرڻ

تشريح:- عشق وارا سواءِ عشق جي، عمر اجائي ٿا سمجهن. مولیٰ جي عشق کانسواءِ، دنيان ۾ گهڙيون ٻين جانورن وانگر بسر ڪرڻيون پُون ٽيون جن کي حيوان چيو وڃي ٿو،انسان بہ "حيوان ناطق" سڏيو ويو آهي. ناطق ڏڻهن ٽيندو جڏهن پنهنجي مالڪ کي سڃاڻيندو، ورنہ رڳو حيوان رهندو. بنان عشق مولا جي انسان حيوان آهي

" ڪيا ڪروڙين قرب پنهنجا، اچي عشق هن عاصيءَ تي
ڪري حيوان مان آدم ، پلي آيو پلي آيو"

"روشن جهانيہ"

"اهو عشق احسان ڪيو جو انسان ڪيو" مولیٰ جي محبت کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ آهي. فقير جي نام کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ هٿ نہ ايندو. هي جيڪي ڪجهہ پنهنجو سمجهي ٿو اهو بلڪل پرائو آهي. هر ڪاشي پنهنجي اصليت ڏانهن موٽندي آهي. "هي" فنا آهي، "هو" بقا آهي.

"كُل شي ذائقة الموت" فنا مان بقا ۾ اچڻ لاءِ موت جو ذائقو چکڻو آهي. چا ڪاڻ ته هي پاڻ بقا آهي پر رهت فنا ۾ اٽس انڪري اصليت ۾ اچڻ ڪاڻ فنا ۾ مرڻو پوندس ان ڪانپوءِ بقا يعني اصليت ملندس. مولىٰ جي نام ڪانسواءِ ٻيو سڀ فاني آهي جيڪڏهن فنا مان بقا ڏانهن سڀ ڪنهن کي هلڻو به آهي ته پوءِ مولىٰ جي نام ڪانسواءِ اتي ٻيو ڪير به گڏ ڪونہ هوندو. هي سڀ دنيان دولت ۽ رشتا ناتا محض اکن جو ڏوڙ آهن. انهن سڀني ناتن کي ٽوڙي هڪ پنهنجي مولىٰ جو ناتو قائم ڪجي. هي سڀ ٻيائي ختم ڪري مولىٰ جي نام ۾ گم ٿي وڃجي. پلا جي تون پاڻ کي نام ۾ فنا نہ ڪندين ۽ ٻيائي رکيو ويٺو هوندين ته ان مان توکي چا حاصل ٿيندو ڪجھ به ته نہ. حيوان جو حيوان رهجي ويندين!

نينهن واري نماز کي ڏينڊو پٺي ۽ پنهنجي مولىٰ کي سجاڻڻ بدران رهندو پاڻ کي ويهي پڏائيندو ته پوءِ ڪجھ به هٿ ڪونہ ايندس جيستائين پاڻکي پنهنجي مالڪ ۾ گم نہ ڪندو تيستائين ڪجھ به حاصل ڪري نہ سگھندو.

مهتاب علي فقير مستانو چوي ٿو ته هي جيڪي ڪجھ ڪافيءَ ۾ چيو ويو آهي، اهو پنهنجيءَ جاءِ تي ته بلڪل سچ چيو ويو آهي پر انهي سچ جي هوڪي ڏيڻ مان ويچاري مهتاب عليءَ کي هٿ چا آيو؟ حق جي هوڪي ڏيڻ واري کي سواءِ حق جي ٻيو وري چا پلئہ پوندو. هُو حق آهن انڪري هُو حق ڏسن ٿا حق پسن ٿا حق ٻڌن ٿا حق چون ٿا هنن کي ٻي ڪنهن به شي جي ضرورت نہ آهي. هنن کي جيڪا شئي هٿ ڪرڻي هئي اُها هو هٿ ڪيو ويٺا آهن باقي ته هنن کي ٻئي ڪنهن به قسم جي لوڙ ڪونهي.

" اڻي پَهر عَليلَ ، عاشق گُمُ اَللّٰه ۾"

"فقير غلام حيدر شر"

هي بول به سرڪار مالڪن جو فرمايل آهي پر نالو مهتاب علي جو پيل اٽس. مهتاب علي نالي مالڪن جا به ٻي طالب هٿا پوءِ خبر نہ آهي ته پاڻ ڪهڙي مهتاب عليءَ ڏانهن ڪلام کي منسوب فرمايو اٽن.

(ڪلام)

تلهڙ ڏسي اظهار ٿيون اڪڙيون ، پرين پاسي نہ پائن ٿيون
پروڙي مامَ معنىٰ جي ، اَنا احمد الائن ٿيون

❶

نظارو ناڻ سان لائي ، رنگي رهبر سندي رائي
ملامت بار سِرِ چائي ، پرت سان پيچ پائن ٿيون

❷

مچائي مَچُ محبت جو ، سُجاڻي سير صحبت جو
وڃائي ناڏُ نوبت جو ، نئون نئون نينهن لائن ٿيون

❸

هٽائي هوڏ هستيءَ کي ، مچائي موج مستيءَ کي
وَسائي ويراڳ وستيءَ کي، لنگهي لا کان لڙائن ٿيون

❹

صادق صاف صورت سان، محو ٿي مَستُ مورت سان
پَسڻ جي پيچ پُورت سان ، اناالحق گپت ڳائن ٿيون

حل لغات :-

(1) ناڻُ = مُرشد، مَحبوبُ، اَللّٰهُ (2) ناڏُ = وِڇُ خالي، پورو، جيئن ڍڙو، پائيپ، حوض يا حود جو ٿيندو آهي. سَرَهُ جي سگ مان ٺهيل نفيل، جيڪا اندران پوري ٿيندي آهي ۽ سنهو پاسو مُنهن ۾ رکي ڦوڪ سان وڃائبي آهي ان کي ناڏُ يا نفيل چوندا آهن (3) نوبت = وَڄت، واڄو، ڏمال، معامرو يا معاملو.

شرح:- عشق جي اظهاري تڏهن ٿيندي. جڏهن يار جو ديدار ٿيندو ۽ ديدار تڏهن ٿيندو جڏهن ديدن جو درشن ٿيندو. اظهار ڪرڻ واري شي وري اک ئي آهي.

پوءِ اها اندرين اک هجي يا ٻاهرين، بهرحال ڏسڻ جو ڪر سواءِ اک جي ٻيو عُضوو ڪري نٿو سگهي. اهي اکيون ئي آهن جيڪي "اناالحمد بلاميم" جي معنيٰ پروڙي، يار کي پنهنجو پاڻ ۾ ئي پَسن ٿيون. پنهنجي مرشد رهبر سان پرت جو پيڇ پائي نظارو لائن ٿيون. اهي اکيون ئي آهن جيڪي ڏسيو نٿيون ڏاپن. هر هر نوان نوان نينهن جا نيش پيون ٿيون ڏين. آهن تہ ٻنهي پاسي اکڙيون:

"ڏون ميڏيان ڏون ميڏي دلبرديان" اکيون ٿيون اکن کي پسن
هوڏ هستي کي هٿائي ، موج مستيءَ کي ماڻن ٿيون

✪

"هستيءَ کي هَم اوست ۾ ، ڪيو گُمُ جنين
ڏنو ترُٽ تنين ، اکن شعاءُ شهود جو"

"بيدل سائين"

هو هوڏ ۽ هستيءَ کي ختم ڪري "لا" کان ٻ اڳتي لنگهي ٿيون وڃن. پوءِ شهود جو ديدار هنن لاءِ تمام ويجهو ٿي پوي ٿو. فنا کي بقا آهي ۽ بقا کي فنا آهي! جڏهن "لا" کان لنگهي هليون، تہ پوءِ بقا ۾ پهتيون، ۽ جو جو فنا ڪانپوءِ بقا ٿيٽي آهي. جڏهن بقا اچي ٿيون تڏهن اناالحقُ الائڻ لڳيون.

هن ڪلام ۾ سرڪار مالڪن پنهنجي هڪ طالب درويش جو نالو رچايو آهي. هي درويش ذات جو گلال ويندل گوٽ غازي خان لاکو، تعلقہ گمبٽ ، ضلعہ خيرپور "ميرس" جو رهاڪو هو.

فقيرصادق عليءَ جو ڪلام بلڪل سندس هٿ اکر لکيل هڪ ڪتاب ۾ محفوظ آهي. جيڪو اهو ڪتاب هن وقت سندس پوين وٽ هوندو. اسان اهو شعرن جو ڪتاب جنهن ۾ فقير جو شعر ۽ ڪجھ ڪي ڳالهيون ٻ لکيل آهن. سندس پوٽي نظر محمد لاڪائي جي حوالي ڪيو هو. مذڪوره ڪلام ٻ ان ڪتاب ۾ درج ٿيل آهي. پر جيئن تہ هي فقير مالڪن جو جوڙيل ڪلام آهي، ان ڪري صادق فقير جي ٻين ڪلامن کان جيڪي سندس جوڙيل آهن. بلڪل نرالو ٿيو ٻيٺو آهي.

(آڻ پورو ڪلمُ)

ٽلهہ ♣ آهيان پاڻ اللهُ ، سمجهي ڏٺم ثابت سِرَ ۾

❶ اندر باهر ظاهر باطن ، قولُ ڪلام الله

❷ چئن اکن مان اک ٽي هِڪڙي ، سمجهيم ساهُ پساهُ

٧٧٧

ٽلهہ ♣ پنهنجو پاڻ وِجاءِ ، پوندءِ پوءِ سُڌ سَماهُ

❶ پهريان پنهنجو پاڻ وڃائج

اڳين آڏوتن کي ڪين لڃائج

خبر رک خداءَ

٧٧٧

ٽلهہ ♣ ڪيرُ مَري ٿو، ڪير ماري ٿو، اُهو جلدي ڏيو جوابُ

٧٧٧

ٽلهہ ♣ مولیٰ مونکي مار ، جيئرو نہ ڏِسانس هن جهان ۾

❶ ڪٽي هٽينس اوچتو ، حيدري هَٿيار

٧٧٧

ٽلهه ✤ پسي ڏس پَساءُ ، ٻاهر واهڻ ڪين ولوڙج
ٽٻي هٽي ڏس غار ۾ غازي، پوندئي سڌ سماءُ

٧٧٧

ٽلهه ✤ اَصل ملڪ اسان جو، اُهو يارَ آهي
جتي حق هيڪڙائي ، ٻي ٻيائي ناهي

❶

ٻِلي ماڻِ مُحبت، سَچي سڳ صُحبت
وائي وات وحدت، انهيءَ رمز رائي

٧٧٧

ٽلهه ✤ يَلي آئين موت موچارا
پرين جي پارَ جا پيارا

س ع

سنه ع 26-02-10